نئين سنڌي لئبرري ١٦

سون ورنيون دليون

('Hearts of Gold' by *I. Edhor.*)

ترجمان

لالچند امرڏنومل جڳتياڻي

بي. اي.، ايس. ٽي. سي.

١-٥-٠

ارپېم

قەكىپ !

سون ورنيون دليون

”ڪا اٽو ته گاڏي اڃي بيٺي؟ هيڏي تڏهن اوير جو لاتي اٿس؟ وچ واٽ تي گم ته ڪانه ٿي ويئي؟“

”جناب، اڳي پوءِ نڪرندي اوس اڃي. پر هن گڏهه گاڏيءَ تي مدار ڪونهي. ٽپي ٽپي ٿو بيهڻو پويس. منهنجهس چڙهيئي گهڻو ڳوڙهو عالم ٿو. پر اوهان به، هڙيءَ نٿهڙ اُس ۾، ٻاهر ڇو ٿي بيٺا آهيو؟ هوڏانهن اندر ويهي نٿا آرامي ٿيو؟“

”ڪٿي؟ هن ڪُٽڙهه ۾! ڏٺو اٿو ته منهنجهس لڳو ڇا پيو آهي؟“

سٽيشن ماستر ويٽنگ روم ۾ اندر نهاريو، ته ڏٺائين جو ويهه پنجويهه ڪمي ڪاسبي ويٺا هوا، جن پيرَ تي پٽي وارا ڪيا. تڏهن چيائينس: معاف ڪجو. ڀلا هيڏانهن منهنجي آفيس ۾ هلي وهو.

پر هن وراڻي ڏنيس: نڪو آءٌ اتي ئي بيٺو آهيان.

سٽيشن ماستر ٻڌايس: بس گاڏي به اچڻ آئي. سگنل مليو اٿس.

سون ورنيون ڏاليون

نيٺ گاڏيءَ سيٽي ماري، ۽ دونهان ڪيندي، ٻاو ٻاڪ ۾ اچي پليٽ فارم تي بيٺي.

گارڊ ٿرڊ ڪلاس جو دروازو کوليو ته گاڏي فقط پنڌرهن منٽ بيهندي؛ تنهنڪري اُمالڪ، هڪڙي ننڍي نينگڻي منجهائنس لهي، هيٺ ٽپي!

هن مٿسان ٽوءَ فرسٽ ۽ سيڪنڊ ڪلاس ڏي گهٽيئي اکيون ڦيرايون، پر اهڙو ڪو مهاندو ڏٺائين ڪونه؛ سو جان تان نراس ٿي ٻاهر هليو ٿي ويو، ته سندس آهي ڪهڙي چڪ ٽيس، جو ڪنڌ ورائي ڪٺي پٺيان نهاريائين.

ڪوليءَ ننڍيءَ نينگڻيءَ جي ٽرنڪ ۽ ٿيلهي ڪٺي مٿي تي رکي هٿ، ۽ هٿ سان اشارو ڪري، پريان ٽپال ڪاتي وارن جي گاڏي ٻي ڏيکاريائينس.

هن اکين تي ڪوٻا چاڙهي، پريائني ٿي ٽپائيس، ته منهن ته منهنجو ڪيو بيوڊو، جو مٿي تي ڪري ٽوپاوڙ ڏهوائين؛ پر سندس قد ۽ بيهڪ چڱا وڻيس. هي اڳيان، ننڍي نينگڻي پٺيان، پٺي گاڏيءَ وٽ اچي پهتا، ته هن جون اکيون ننڍيءَ نينگڻيءَ ۾ ئي ڪتل، هوءَ ٽپ ڏيئي چڙهي وڃي اندر ويٺي.

هن ڪاهن کي وٺي ٽورڙو نڇايو، ۽ عينڪ لاهي ڪٺي هٿ ۾ ڪيائين. منهن تي ڪاوڙ جي مرڪ، پنهنجي منهن ڄڃڻ ۾ ٿو چوي: ڏا نهنس نهاريندو ٻه ڪير؟ ٿرڊ ڪلاس ۾ چڙهندڙ!

سون ورنيون ڌيئون

تنهن وچ مزدور ٻنهي ڄڻن جو سامان گاڏيءَ ۾ چاڙهي ڇڏيو هو. هن سڪرماٽهوءَ جو پاڻ سان هڪڙي ڇڪي آندي هئي، اُها هن ننڍيءَ نيڻيءَ جي پير ۾ ڪري رکي.

مزور کي پنهنجي مزوري ملي، تہ هن مڙساڙو کي چيائين: سائين اڄ او هانڪي ٻہ منجهہ، وهڻو پوندو؛ جو شولڙ ڏسو ڏا ڇڪو سرس وٺي وينو آهي.

مڙساڙوءَ رڳو منهن ۾ ڪٺي گهنڊ پاتو.

... ...

گاڏي هلندي هلي. ٻرهمڻ ٻنهي ڪا مهل پاڻ ۾ ڪا ڪرڪونہ ڳالهايو. ننڍيءَ نيڻيءَ تہ منهن ڪٺي ٻاهر ڪڍيو، جو ساوڪ ۾ وڃي اکيون کتيس. هن يار وري چروٽ دکائي، پٺي سؤٽا پريا. ٻهرين دل ۾ آيو هوس تہ ري موڪلايو، عورت ذات اڳيان، تماڪ پيئڻ سونهائي نٿو؛ پر سندس ٽرڊ ڪلاس ۾ چڙهڻ واري ڳالهہ ياد ڪري، نٿائي ڇڏيائين.

ننڍيءَ نيڻيءَ جو، منهن اندر روايوئي نٿي، سو هي ٻيو دل ۾ چوي: اُس لڳيس ٿي ڪانہ ٿي ڇا؟ ڪيس ٻلا اندر ٿي تکيءَ تانوڙيءَ ماندو ٿي ڪيو! خير، هنجي سوٽا ٿي پريا تہ دونهون متيرو چڙهندو، آخردرين مان ٻاهر نڪرڻ لڳو. تڏهن تدوليءَ طور، وٺي ننڍيءَ نيڻيءَ کان پڇيائين: ڏکي ڪانہ وينئي آهين؟ سڄہ جو ٻہ تو ڪونہ ٿو ستائيٺي؟

سون ورنيون دليون

هن، منهن ٻاهر ڪڍي، ٿوري ڦوڪ وراڻي ڏنيس: سچ ته نه، ٻاڦي اهو اوهانجو جوروٽ، اهو سو اکيون ٿو ڪڍي!

هن اماڻڪ جوروٽ ڪري دريءَ کان ٻاهر اڇلايو. چيائينس: آءٌ ٻلس ۾ معاف ڪجو.

ننڍيءَ نيڻيءَ هيءَ جا سُهِرَ ڏٺيس، تنهن تان جان تان چاهه ٿيس، ته ساڻس رهاڻ ڪريان. پر وري به منهنجي ٽڙ ڪلاس ۾ چڙهڻ پل وڌيس.

اتي ڪو گهوڙن ٽاپو ڪاڏو، سو جهڪي اوندي ٿي، اچي ننڍيءَ نيڻيءَ جي پلاند ۾ پيئي. پر هو مڙساڙو اچا اٺيو ٿي ڪين، تنهن کان اڳ، هن وري اُنکي ٽانئيڪو ڪري، ٺاهي رکيو.

هن ڏٺو جو هٿ ۾ چڱا ڊولائتا اٿس. هنڌ هيڪاري دل گهريس، ته ڪئن به ساڻس به چار ڳالهيون ڪريان. پر انهيءَ ارادي سان، ٻاڻ جيتوڻيڪ سندس ٿورو به مڃيائين، ته به هن دوس ڪو نه ڏنس.

وات تي هڪڙي ساٿي وِيءَ تي وچي ننڍيءَ نيڻيءَ جي اک ۾ پيئي؛ سو پانيائين ته ڪنڌ ورائي هن کان پڇان، ته ڪنهنجو آهي؟ پر اتيئي شڪجي، ڪٽي مات ڪيائين. هن مڙساڙوءَ اماڻڪ سمجهي ورتس: تنهن جيتوڻيڪ ٻاڻ مراد و پڌايس به، ته اهو وِيُ ڪالروٽ وارن جو آهي، ته به هن وري، حال، ساڻس گفتو ڪو نه ڪيو.

ڪن ٻانڪ ۾ رستي در ڪاڏو، ۽ گاڏي به ڦري اتهين هلڻ لڳي، ته ٻريان وري هڪڙي سندر موڙي نظر آئي، جنهن جي وِچداري هڪ نازنين اکيون ٻايو بيٺي هئي.

هي مڙساڙو ڪو هن نازنين کي سڃاڻندو هو، تنهن پريان ئي هنکي ڪيڪار ڪئي. هن ننڍيءَ نينگريءَ ڏٺو، جو هڪٻئي کي ڏسي، پنهي جا چهرا ٻهار پٽي ٿيا. تڏهن مس، هن ننڍيءَ نينگريءَ جي زبان به کُلي. پڇيائينس: ڪير هئي؟

هن مڙساڙوءَ ته اول وٺي ڏانهنس نهاريو. دل ۾ چيائين: ڏاڏيءَ جوا جو اچڻ، سنديس پوٽيون، ڀلا ڪٿان ٿيون چڙهن! پروري به ڏٺيءَ جو شڪر ٻجاءِ آندائين، جو نيٺ هنجي زبان ته اُکلي.

ننڍي نينگري سوال پڇي، اندر ۾ ڏاڍو شرمائي ۽ سو وراڻيءَ لاءِ به ڪا نه ترسي، منهن وري کڻي دريءَ کان ٻاهر ڪڍيائين. مڙساڙوءَ پڌايس ته اها نازنين ڪالروٽ ٻاڻ هئي ۽ ته به هن رڳو ڪندسان سا سندس شڪر ادائي ڪئي، پيو وات مان اکر ڪو نه ڪڇيائين.

پرهن پڇاڻا، مڙساڙو هڪڙي نه پي گالهه ساڻس ڪندو رهيو. جي هي، گس هن ڳوٺ ڏانهن ٿو وڃي، هو گس وڃي پيلي وٽ ڇيهه ڪندو.

ننڍي نينگري هيڪي به پئي، پر سپا ويڪ آهي، جو زبان تان هيڪر مهرلٿي، ته پوءِ مان مشڪل ٿي اچي.

ننڍي نيڻي تنهن هوندي به شڪي ٿي، پر هيلتوڻي هن ڄاڄ سندس گهڻو ڀاڳي جڏيو هو.

تنهن مهل مسافر کان پڇيائين: شهر ته هي وڏو ڪونه ٿو ڏسجي؟

هن ورنديءَ ڏنيس: منجهس ٤٠٠٠ آدم رهي ٿو!

”سچ! ڀلا اجا ڀند ڳچ ٿيندو؟“

”نه! اڄهو هن ڀيلي مان ٻاهر نڪتا سين، ته ... ڳوٺ ايندو. اُتان پوءِ باقي اڌ ڪلاڪ مس لڳندو سين.“

”ڳوٺ به ڪي هتي هيڪاندا ٿا ڏسجن! ڪوه اڌ تي وسڻ ٿن.“

زمين هتي جي آهي ڀلي، تنهن ڪارڻ هي هند سون جو ٽڪر ڪري ٿو ليکجي. آبادي نٿي ڏسين؟“

وري به ڪا ويرم ماٺ ٿي ويئي. ننڍيءَ نيڻيءَ ته دريءَ کان ٻاهر منهن ڪيو، ٻاهر جو جهڄٽو پئي ڏٺو؛ هن مسافر کي ماندو ڪائي پئي ٿي، تڏهن رکي رکي، چيائينس: تو کي اعتراض نه هجي، ته گاڏيءَ جون دريون کولي ڇڏيان؟ ائين جان تان هوا کي به اندر لنگهه ٿيندو.

هن ورنديءَ ڏنيس: ڀل کولي ڇڏيو. آءٌ پاڻ پگهر سڪائيند يس.

بس، هن ڇڪي زور سان دريون کوليون، ته هن به پنهنجو ٽوپلو لاهي، ڪٽي پرم رکيو.

سون ورنيون دليون

مڙساڙو نري! دل ۾ چيائين: نيٺ ڏرتيءَ ڪک ڪيس. هيڪاري سندس سانوري صورت ۽ موهڻي مورت ڏسي، مڙس جي دل ٽپا ڏيڻ لڳي. سينڌ صندل جيان طاق تي ويٺي هيس، ۽ پورين اکين مان هنجي پريم ڀري چٽيو. وري ڏانهنس نهاري، وٺي جو هٿن مرڪيائين، ته باقي به جيڪا مڙساڙوءَ کي ڪنڌ ۾ ڪيلي هئي، سا هنجي نڪري ويئي. هن ٻچاڙا پاڻ ماڻهو ئي ٻيو ٿي پيو. نڌيءَ نيڻيءَ جي ڳلن ۾ به اڻ لڪائتيءَ لالاڻ ڏيکاري ڏني. هن به سهي ڪيو، ته جواني اجا هينئر ٿي ڦٽيس؛ پر دکر به کي ڏاڍا ڏڻا اٿس.

مڙساڙوءَ جي اکر جهڻ اُتس ويٺي، تڏن وري اُتان پاسيري ڪانه ٿي؛ تنهن هنکي جان ڏان بي آرام ڪري وڌو. منجهي پئي ته ڇا ڪريان؟ تڏهين هيڪي هيڪي، پڇيائينس: پڌو ٿي، ته هن شهر جي چڪ ۾، پهلا ڏاڍا گهاڻا ڏا ٿين؛ سا ڳالهه برابر آهي؟

”ها ئو، شهرئي چڻ ٻيان جي ڏن ۾ آهي.“

”تڏهن ته منجهس جهانگين جا گهر به ڳچ جيترا هوندا؟“

”هتي رهن ئي گهڻو ڪري جهانگي ڏا. آءٌ پاڻ جهانگي آهيان. پر ڏسجي ٿو، ته جهانگين لاءِ تنهنجي دل گهڻو ٿي گهري. جهانگيءَ جي گهر ۾، تون جيڪر پاڻ کي سکيو سمجهين!“

”اهو آءٌ ڪٿان جوان؟ مون ڪڏهن ڪنهن جهنگليءَ جو گهر ڏٺو ئي ڪونهي. پر ٻُڌيان ٿي، ته هڙئي ايڪانت واري آستان ۾ جن جو گهر گهاٽ هوندو، تن جو حياتيءَ جو دم ڏاڍو سکيو نبرندو هوندو.“

ننڍڙيءَ نينگريءَ جي چتر زبان ته هيڪاري هن مسافرن کي منڌي وڌو. پاڻئي پيو، ڳالهائي ٿي، ڄڻ عطر جي اوت ٿي اوتي.

پڇيائينس: تو ساري ڄمار جيڪس ڪنهن وڏي شهر ۾ ڪاٽي ٿي ڏسجي؟

ننڍڙيءَ نينگريءَ ٻڌايس: آءٌ برلن جي ويجهو آهيان.

گاڏي تنهن وچ ۾ ٻيلي جو ڏنگ چڙهي، اچي ڪا سڙڪ تي بيٺي هئي؛ پر سڙڪ ۾ ڪڏهن ڪوپا ڪي آڻ ڳڻيا هوا، سو گاڏي ٻئي هيٺ مٿي ٿي. ننڍڙيءَ نينگريءَ کي جي جهوٽا آيا، تنهن مسافرن کان پڇيو: گهوڙا بتال ته ڪين ٿي ويا آهن؟ متان گاڏيءَ واري کي اکر لڳي ويئي آهي؟

هن چيس: گهوڙا بتال ٿيڻ جا آهن ئي ڪين. ڏاڙي پر پيرا ٿا سڙڪ تان اچن وڃن. گڏيءَ وارو نه هجي، ته به وات پاڻهي ڪين. سڙڪ جا جي ٻئي اٿن.

اتي مسافرن جي اکر ۾ جي پريان ڪنهن گهوڙ سوار تي پيئي، جو گهوڙي کي ميدان ڪٽائيندو، سندن طرف

پي آيو. هن اکين ۾ ڪوبا وجهي، ڏانهنس نهار ڪئي، ته اُملڪ سمجهاڻائينس؛ ۽ جڏهن هو بنهه گاڏيءَ جي پرو ٽان اچي لنگهيو، تڏهن ڪيڪاري نياز ڪيائينس. هن به ڪيڪاري نياز ورائيس.

پر گاڏي اڃا ڦيرو ڪانه ڪئي، ڪٿڇيءَ موريءَ تان لنگهي، پرار ٿي ٿي، ته ٻيو ڦيٽو سندس پٺري ۾ اٽڪي پيو، ۽ گهوڙا، گاڏي، گاڏيوارو، گاڏي سوار، سڀ ڏو هيٺ ڪڏ ۾ وڃي ڪريا. ڪن پلڪ ته گاڏي سوارن کي سڌ ئي ڪانه پيئي ته ٿيو ڇا. گاڏيءَ واري جا سي نشائي ٿني پيا. تنهن جڏهن گهوڙا گهوڙا ڪئي، تڏهن هدن به ڳالهه کي سمجهيو. گهوڙي نيٺري ۾ چڙهيون پئي هڻيون.

هُن گهوڙي سوار کو سمورو رنگ پرڀان ڏسي ورتو؛ تنهن اُتانئي موٽ ڪاڏي؛ ۽ موريءَ وٽ پهچي، گهوڙي تان لهي، گاڏي واري کي اُٿاري، چيائينس: مطلب ته تون اها ڪُڏي ڇال ڇڏ يندي ئي ڪانه. اڄ ورِي به شڪ نه آهي، جو ڪو پٽ آڏو ڏيک ڇاڙهيو اٿيئي.

شولز ڏکيو پئي؛ ورندي ڏنائينس: سائين! آءٌ رڳو ننڊ اکٽو هوس. پيو سامهون سڄي ٿي؛ ڪيون...

گهوڙي سوار سمجهيو ته هي ننڊ جو رڳو مڃهن ٽوڪري، سو اشاري سان سندس روڪ ڪئي، هن مڙساڙوءَ کان پڇيائين: هيلدار! اوهان ته سلامت آهيو؟

هيلدار ورندي ڏنس: آءٌ ته دڪان اُچاجي، پنهنجي ڪُنڊ منهنجي پيو آهيان، ۽ ورن ديوتا جي جهول ۾ پيو لُڏان. پر آلڊينهوفر! هن نينگر کي ته ڏس، ڇاجو، ڪا جهڙپ ته ڪا نه آئي اٿس؟

ننڍيءَ نيٽيءَ اندران ئي پڌايو: مونکي ته رڳي ڪا ٿورڙي رهڙ آئي آهي. پهريائين ته ڏڪو ٿي هوم. پر هينئر چاڪ پيئي، جو بلڪل سلامت آهيان.

آلڊينهوفر، شولز کي هڪل ڪئي: واڻڙو ٿيو ڇو بيٺو نهارين؟ سخت وهٽن جو ٽنگ ۽ بالا ٽنگ جوڙي آجو ڪرين، نه ته هرو ڀرو گاڏي نه ڇڪيو ڇڪيون ڪري ڇڏينئي!

ننڍي نيٽي ۽ هيلدار ٽنهي وچ ۾ ڪڏهن نڪري، ٻاهر ٿيا هوا. ننڍي نيٽي ته ٻاٽيءَ ۾ ٻاڪي پٽ تي بيٺي هئي؛ پر هيلدار ته سانگ ٻڌاجي پيو هو؛ جو ڪوٽ ۽ پتلون پٽي ڇڪ ۾ چٽڪمرا ٿي پيا هئس.

هيلدار ٻاهر اينديئي، اکيون ڪڍي، وڃي شولز ڏي نهاريو. جيئن ٿينس: بدمعاش، آءٌ توکي ڏسي وٺندس.

شولز ڪائنس ٻخشايو ته ڪونه؛ ٻاڙ ٿري ٿيو. جي: آءٌ ڏاڍو سرهو ٿيو آهيان. منهنجي آڏو ڦريا، ٽنهنجو هي بدلو مليو اٿو. منهنجي سٿيا ناس اوهان ڪئي. وڃن جهڙي نوڪري، نه ته منهنجي جو وڃي؟ منهنجيءَ مگيديءَ کي ڏُتاري، مونکي پنهنجيءَ پانهن ڪان ته اوهان ئي سڪائي ماريو.

هيلدار هنجو جهڙيو ڳالهائڻ ٻڌي، ٻاهر ٽپي ويو. رڙ ڪري چيائينس: بدمعاش، زبان جهل؛ نه ته ٻاجهڙو ڪندو سانءِ. پوءِ ڏسان ڪير ٿو تنهنجو روادار ٿوي؟

تڏهن ٻه هن مان ڪا نه ڪئي. پاڻ ڏند ڪڍي، ٻهي اُتس ڪلڻ لڳو. چي: سچ، تان مرچ چو ٿا لڳنئي؟ آءُ ڪوڙ ٿو چوان ڇا؟

آلديڻو فر ڏٺو، ته جهيڙو وڌي ٿو وڃي؛ تنهن گاڏيءَ واري کي سُهر ڏني. چيائينس: هتان ڳوٺڙي مان وڃي پن جڻن ماڻهن کي سڏي آءِ. گاڏي ترڪڻ مان ٻاهر ڪياءِ.

پر هيلدار جاهبوڪ ڪٽي، هٿڏي رڻ رکيو. چي: وڃي پوءِ. اول آءُ ته تڻ مڻ لاهيانس.

آلديڻو فر پاڻ جهڙي سگهر ماڻهوءَ کي پيو ڪئن شرمائي؟ اشارو ڪيائينس: عورت ذات جي بيٺي، هيءَ هلت سونهي ٿي؟

نڌيءَ نيٺيءَ ته سمجهيوئي ڪو نه ٿي، ته هيلدار؟ شولز پاڻ ۾ آئيٽيا چو؟ سو واٽڙن وانگر پٿي پنهي ڏانهن نهاريائين.

هيلدار کي آلديڻو فر جي ڳالهه دل سان لڳي آئي؛ تنهن شرم کي پرچائڻ لاءِ زور سان وٺي کليو؛ جيتوڻيڪ پيشانيءَ تي گهنڊ اڃا چڙ جي ڏنس.

شولز ته ڳوٺ ڏانهن رخ رکيو؛ پر هيلدار منجهي پيو. چيائين: آءُ هن حال سان شهر ۾ ڪئن وڃان؟

آلبرٽ فورزنڊي ڏنيس: منهنجي گهوڙي تي چڙهي، باغن وارو رستو ڏيئي، هليا وڃو. باغن ۾ هيٺئر ٻهر به ڪا نه هوندي.

"اوهان پاڻ تڏهن سبزمحل ڏي پنڌ ويندؤ ڪئن؟"

"هائو ويس ته اوڏانهن ٿي. پر هينئر، جيستائين شولز گوٺڙي مان ماڻهو وٺي اچي، تيستائين ته هتي گاڏيءَ جو راکو ٿي ٿو ٻهان."

"تڏهن گهوڙو موٽائي، هيڏانهن ئي موڪلي ڏيانؤ؟"

"نڪو. ضرور ڪونهي. جاءِ تي ئي ڪري ڇڏجوس."

آلبرٽ فورز، هيلبدار کان چار ورهه وڏيرو پئي ڏٺو. شڪل شبيهه ۾ هن جهڙي، هن کان وڌيڪ شاندار ۽ سلوڻي هئي؛ توڙي سندس مهانڊن مان پڌرو هو، ته مٿس ٻڪي ارادي وارو، ۽ زيرڪ به هڪڙوئي آهي. جلو لائيءَ ۽ هلڪائيءَ مان چالاڪيءَ ڪين. اکين مان ڏيا پڌري پئي ٻکيس. نراڙ ۽ نڪ، وات ۽ ڪاڏي ڊولائتي هيس. نديءَ نيٺيءَ هڪ نهار سان ٻنهي جو اندازو وٺي ڇڏيو.

تنهن وچ ۾ هيلبدار چيو: ڏسان ته سهي، ڇڪي بچي، ويئي؟ تنهنڪري تنديءَ نيٺيءَ تاڪيد ڪيو: اڳ پوءِ منهنجو ٽوپلو به ڏسجو. پر هن گاڏيءَ ۾ اندر وڃي نهار ڪئي، ته پتو پيس، جو نينگر جي ترنڪ ۽ هرڙي سا سلامت هئي، باقي ٽوپلو ۽ ڇڪي، ڪڏ جي ميري پاڻيءَ ۾، پئي ترڳيا.

ٻاهر اچي جهڪيءَ ٽان ارمان ڪاڍائين: جي، ڪٿان ڪري ڪنئي هيم! ننڍيءَ نينگريءَ کي ٻه ٻنهين جي ٽوپلي جو ڏاڍو ويچار ٿيو؛ پروات مان ڪجهه ڪڇيائين ڪين.

هيلدار پوءِ ننڍيءَ نينگريءَ ۽ آلبنهوفر کان موڪلائي، گهوڙي تي چڙهيو ٿي، ته وري ڪا غيرت آيس، سو ننڍيءَ نينگريءَ وٽ اچي، پڇيائينس: هتي شهر ۾ تون ڏينهن ڳاڇ رهندينءَ؟

هن ورندي ڏنيس: ڏه پندرهن هفتا ٽڪيس، ته وڏو ڇيهه!

هيلدار جي اکين ۾ جوت جهلڪو ڏنو.

هيلدار گهوڙي تي لانگ ورائي روانو ٿيو، ته شولز به ٽي گوناٽا وٺي اچي سهڙيو. گاڏيءَ کي ته جهڪي ٻاهر ڪڍيائون، پر ساڄي پاسي وارو پڇيون ڦيٿو نپٽ چٽ ٿي ويو هو. شولز منجهي پيو ته ڇا ڪريان؟ آلبنهوفر چيس: ڪنهن کان ڪري ڦيٿو اُڌارو وٺ.

تنهنڪي وراڻي ڏنائين: پر سائين! ٽپال ۾ جا دير پوندي. ٽپال ماستر ته الاجي ڇا سمجهندو؟

آلبنهوفر چيس: ٽپال ماستر کي آءٌ ٿو وڃي سُڌ ڏيان. تون سگهو وڃي، ڦيٿي جو پلو پيٽي ڪر.

ننڍي نينگري هيءَ سڀ ويل مات ڪيو بيٺي هئي.

آلبنهوفر هنئر ڏانهنس مهڙ ڪري، کيس چيو: ڦيٿي

ٻوٽن ۾ جان تان ويرم لڳندي. تنهن ۾ تون لاچار اتيئي ويٺي رهه.

ننڍيءَ نيٽيءَ تنهن ڦهه وراڻي ڏنيس: آءٌ ترسان ڪانه ٿي. آءٌ ٻه اوهان سان ئي گڏ ٿي هلان. اوهان کي اٿڪ ترڪا نه ٿيندي؟

آلڊ ينهوفر مرڪي ڏنو. دل ۾ سوچيائين: اڳهڙو پڌائين ڪونه ڇا، ته آءٌ سبز محل ڏي ٿو وڃان؟ وري چيائين: مڃان هيءَ سمجهندي هجي ته سبز محل ٻه انهي ئي سڙڪ تي آهي. پر دل ۾ گهڻي ويرم ڪونه مڃيائين. چيائينس: تڏهن آءُ ته ڀلا پاڻ ٻه ڪٺي ڪٽون.

ڏينهن هيٺ ٽڪاو تي هو. سورج ٻنهي اکيون تي ڪيٻون. ننڍيءَ نيٽيءَ ان ڪارڻ رومال ڪڍي ڪري مٿي کي ٻڌو.

آلڊ ينهوفر پڇيس: سچ تو کي جيڪس ڪا نٿي ٿو؟

هن چيس: اُتت برابر آهي. پر مونکي وٽي پيئي.

آلڊ ينهوفر تپرس ۾ پٽي ڏانهنس نهاريو، ته پڌايائينس جو، جي، ورهين ڪانپوءِ، اڄ مس وار ماءِ اٿم، جو هٿن آڇي ٿي آهيان. ورهين لاڪون، ٻکيءَ جهٽن چڙ پڇري ۾ ٻندي پيئي هيس.

آلڊ ينهوفر چيس: تنهنجو گهر گهاٽ تڏهن جيڪس شهر ۾ ٿو ڏسجي؟

هن ورندي ڏنيس: آءٌ ٻران جي ويٺل آهيان.

آلبرٽ ٿڌوفر چيس: وڏن شهرن ۾ جا ٻون پلا هڪ ٻئي سان گڏيون پيون آهن، سو هوا ۽ روشني ڪا منجهن خير ٿي ٿئي. پيو ماڙيءَ مٿان ماڙيءَ، ماڙي مٿان ماڙي، آسمان ۾ نظر گهٽو اچيئي ڪونه. منهنجا مائٽ به ٻران ۾ ئا رهن. ٻاڻ ٻئي تڏهن ڳوٺائي آهيون!

ننڍيءَ نينگيءَ تنهن تي وڏي تپرس وجهون ڏانهنس نهاريو.

هن چيس: توکي جيڪس تپرس ٿو لڳي، ته جو ماڻهو شهر ۾ پليو نپنو، تنهن جهنگ ٻن ڪٿن اچي وسايو؟ پر زماني جي ڪنهن ڏور ڪري، مونتي هيڪر ڪڪر ڪارو نپار ڇائنجي ويو، انو پل ٻيلي مونسان ڏاڍي ٻيالهپ ڪئي. تڏهانڪر آءٌ به منجهس ٿاڻي ٻڌي ٿي ويٺو آهيان.

ننڍيءَ نينگيءَ ٻڌايس: مونکي به ٻت سان اچي پيٺي لڳي، تڏهن آب هوا جي سانگي هيڏانهن لڏي آئي آهيان.

آلبرٽ ٿڌوفر تنهن کانوڻي جوٽيءَ تائين کيس تپاسي ڏٺو. پڇيائينس: تڏهن طبيعت تنهنجي ٺيڪ ئاڪ نه ٿي ڏسجي؟

هن ورندي ڏنيس: نه، هٿن جي ٻورهٽي ٻت جهڪي سو جهوري وڌو اٿم. آب هوا جي سانگي، وڃان ته جيڪر ڪنهن ... پر... ڳالهه پوري ڪانه ڪيائين. هٻڪي پئي.

جيڪس اندرواري ٻل وڏس تہ ائين اوقتو ماٺوءِ کي ٻنهنجو پيٽ نہ ڏي. اها گهر جي اوگهڙ ٿيندي.

آلدينهو فر أمالڪ سهي ڪيو، تہ هيءُ هيڪي جوئيءَ سو ٻاڻ مرادو ڳالهہ کي ڪٽي ٻيو ورڏياريائين. ٻڇيائينس: تڏهن هتي تنهنجي گهٽي ڇاڻ ٻڇاڻ ڪانہ هوندي؟

هن أتر ڏنس: نہ، جيتوڻيڪ منهنجي اما جيڏجل ڇائي نپني هتي هئي. هيندر بہ منهنجي ماسي ۽ ماسات هتي رهن ٿيون. آءٌ وڃي انهن وٽ ٽڪندس.

ائين ڳالهيون ڪندا، ٻئي نيٺ اچي شهر کي قابو پيا.

اتي نئڏيءَ نيٺيءَ ٻڇيس: ٽپال آفيس ڪهڙي پاسي آهي؟

هن جڳي مڙس ٻريان جاءِ ڏيکاري چيس: تڏهن سٽڻر جي تنهنجا مائٽ ٿين؟

هن ٻڌايس: ها ئو. پر او هان کين سڃاڻو ڇا؟

جي، هن شهر سڃاڻپ وقت ونيٺي ڪونہ. شهر وڏو ڪونهي. جشن جلسي تي سڀ اچيو ڪنا ٿيون. پوءِ، ٿوري گهٽي ڏهاڙين، هڪ ٻئي سان ڇاڻ ٻڇاڻ ٿيو وڃيئون.

نيٺ ٽپال آفيس بہ آئي. أتي هن لائق پيري مڙساڙوءَ کيڪاري کائنس موڪلايو ۽ هيءَ نئڏي نيٺي بہ وکہ پري، اچي آفيس جي دروٽ پهتي.

سون ورنيون ڏليون

(٢)

ننڍڙيءَ نينگريءَ، ڏڪي ڏڪي، دَرُ کڙڪايو، ته هڪڙيءَ پوڙهيءَ در جو طاق اُلٽي، پڇيس: ڇوڪر ڪپيئي ڇا؟ ٻه هيءَ اهڙو ڪاڇي جهڙو پيٽ. ويچاري ڏهڪجي ويئي. پوڙهيءَ چيس: ڀلا ٻيا اٿيئي ڪٿي؟ ڇوڪري آهين ڪنهن سندي؟ تڏهن، جپ ٻيا ڏڏنس، ٻڌايائينس: ماسي آءٌ رت آهيان.

پوڙهيءَ تنهن تان رئي منهن گهنجايو، ۽ دٿ ڇنڊي، ڪنڌ کي جهٽڪو ڏيئي، چيائينس: سا تون اچي ويئين! پيٽي جي چڱي مونکي پهتي ته هئي، پر مون ورندي ڪا نه ڏنيمانس، جو منهنجي ورهين کان اوهان سان پاڇيءَ وات پر ڪانهي. پيو پر چيم: چاءِ سوڙهي ۽ اسانجو هڏ پورو، اسان کان تنهنجي دڙد ڪٿان ڪنئي ٿيندي؟ ماٺهي جيڪي پارهاي، تنهنڪري آءٌ ته جيڪر تنهنجو منهن به نه ڏسان. پوءِ تون الاجي اسانوٽ لنگهي ڪئن آئينءَ؟

ماسيس جا پريندي يئي هڙي رکي آءُ ٻاهر ڪيس، تنهن تان رت جو منهن ورن ورن ٿي ويو. هنجا جيهڙئي ڇاڄي پيا. زبان مان اکر اُڪليس ڪو نه ٿي، پر جڏن تڏن ڪري، هبڪي هبڪي، ماسيءَ کي چيائين: دادي يءَ کي سڌ ئي ڪانه هئي، ته تون ڪا اما کي مٺي پاڇاڙا پر پيئي پٽيندي هوندينءَ. هوا نه جيڪر مونکي هيڏانهن ڪڏهن ڪيئي ڪين.

پر ماسي، اما جيجل تنهنجي پاءِ ڪهڙي ماري، جو تون اهو ساڙ اجا سانڍيندي اچين؟ مائٽن جو جيڪو موٽائي، ڀاڀي سرڳيءَ سان جي ڀلو پڌائين، ترانهيءَ جي گنهگاري جڙ پئي ڪا نه ڪيدي ويٺي؟

اتي پرواري صفحي مان آواز آيو: رت پيئڙي، تون ڀلي آئين، نچي آئين! اما جو جيڪو مٺان دل ۾ ڪندين آهين. ڳالهائڻ اصل اهڙو اٿس. دل جي ٻاجهڙي ڪانه اٿيئي.

تڏهن ڪا وجهي رت جي دل پري، ۽ اُمالڪ ڀاڪر پائي، وجهي پنهنجيءَ ماسات الائيس کي گڏي.

ماساتيس پوءِ سندس وارن ڏي نهاري، اچرج ڏيکاريو. جي هڙا سونهري وار! پر ماسيس وري منجهائنس پئي وڍ ڪيدي، ڏيُ کي ٿي چئي: نه توپي نه چٽي، آئي ڪٺن بيگانن وانگر آهي؟ ماٺهو ڇا چوندا؟ اسان جي ڪين گهٽتائي ٿيندي؟

الائيس ڏٺو، اما جوئي سمجهه ٿي. سو ٻاجهيائينس: چوڪر، تيشن تان نه ڀيرين پڌ آئين ڇا؟

ماساتيس جي ڳالهائڻ ۾ به هنئر ذراڪ رنجش معلوم ٿيس. هيڪاري جو هن پنهنجو ڪلٺو منهن وٺي گهنجايو، تنهن تان هيءَ وري به ٿي ڀٽلي، پر پاڻ سنڀاري، پڌايائينس: وات ٿي گاڏي وجهي ڪڏ ۾ ڪري، ۽ ......

ماسيس ۽ ماساتيس تنهن تي رڙ ڪري ٻاجهيس: پوءِ؟

”منهنجي ٽرنڪ ۽ ٻيو سامان گاڏيءَ ۾ رکي آهي. هيڏانهن آءُ؟ آلديخوفر سان گڏ جي آيس.“

آلديخوفر جو نالو ٻڌي، ماءُ ۽ ڌيءُ کي تنهائي وڌيڪ اچرج لڳو. ”جي هيڏانهن، تون آلديخوفر سان گڏ آئين؟“

هن تڪڙ ۾ سربستي ڳالهه ڪري ٻڌائين ۽ ٻر وري جو هيلدار جو ٻه نالو ورتائين، تنهن تان ڌيءُ کي ٽي ماءُ چوي: ”ٻڙي! ڏس ته سهي. ٻهڊيٺي ۽ وڏ وڏيرن سان هوڙو ٻيلهه! ڇگي ٻاگن ٻيري ڇمبي! ٻر رٿ جي ٽرنڪ شولز آٽي سٽي ڪٽي، ته وري انهيءَ تان هن ٻڍڙيءَ جي تن تن هلي. جي، ٻاڙ سان ڊگو ٻه رگو هڪڙو آندو اٿيئي؟ ٻاهر نڪرندينءَ ٻهندينءَ ته ڊڪيندينءَ ڇا؟“ ڌيءُ تنهنتي ماءُ کي سمجهايو: ”اما انهيءَ جي ٽوڪي ڳجهتي ڪهڙي لڳي آهي؟ انهي کي ڏسي ونبو. تڏهن مس ٻڍڙيءَ جي جهڙ جهڙ بند ٿي. رٿ کي جيائين: ڇگو آئي آهين، ته موٽائي ڪهڙو ڪيانءِ. رهي پو. نه ته هرو ڀرو ماڻهو اسانجي گلا ڪندا!

ماسائيس پڇيس: ”پيٽڙي، هڏ ۾ ڪار ڪهڙو اٿيئي؟“

ورندي ڏنائينس: ”ڪنڌ اوندي سان، سيٺ جو ڪم گهٽو ڪيو اٿم، تنهن ڇاتي جهوري ڇڏي اٿم. سيٺ مان چار ڏوڪر ڪمايان، تڏهن منهنجو قوت گذران

ٿئي. آءٌ ٻار ته جيڪر هوءَ به ڪم ڇڏي، هيڏانهن ڪين اچان ها، پر ڏاڏيءَ کي ڊاڪٽر چيو، ته هيءَ مرض کي اٿيئي نه پَڪُڙيندي، ته حياتيءَ تان به آهو ڪٽي ڇڏي. ڏَس ڏٺائين ته هوا ۾ ڪاڏُر جو ڪيرائي ورتي ڀت ٻود ۾ آڻيندس. سو ڏاڏيءَ منهنجا ترٽ پٽ تپائي ڏنا. تڏهن لاچار......

اتي ماسيءَ هنس وري گهٽيس. جي ٻار سان ڪو ٻئو ڏوڪر آندو اٿيئي، ڪين آئي به هٿين خالي آهين؟

رت: جو منهن ڳاڙهو لال ٿي ويو؛ پر هنکي کڙو وراڻ ڏئي؟ پلا هن ڏاريءَ ڏيهه اُڏاريءَ سان اچي ڪم پيس. چيائينس: ماسي، ڏاڏيءَ مونکي ڏوڪر ڏيئي ڇڏيا آهن. وري به ڪو ڪٻ پيو، ته چيو اٿس، ته گهرائي وٺجانءِ.

من جو هرهر ڏاڏي ڏاڏي پئي ڪئي، تنهن تان ماساتيس پڇيس: اها ڏاڏي تنهنجي ٿئي ڪير؟

رت پڌايس! اها ڏاڏي نه هجيم، ته آءٌ جيڪر جيان ئي ڪين. اما جيڏجل جون سڪون اها ئي لاهيم. منهنجو ٻار ڪڍ ٿيو ويني آهي.

الائيس: مٺان اها تنهنجي ماتي جي پيڻ آهي؟ ٿهيو ٿهيو. مون سمجهيو.

رت: اتم ماتي جي، پر سڳين جي ساٿس جاءِ ڪانهي.

ماسيس جي وري زبان هلي. ڏيکي پڌا يائين: اها جوري به ماتيلي پٽس جي ماٽيلي ڏيءَ ٿئي. مَرايا کي

بابي ۽ اما ڏاڍي ئي سکڻي گهر پهتي ڪيو، پر هنجي وڃي
ڪا ردولف والدن سان دل ڦاٽي. بابي اما گهٽيڻي
واسطا وڏس، پڌايائونس: هنکي ٻاو اٿي جي وسعت ڪانه
ٿهي. هُن گهر ۾ منگوچا وڃي ماڻيندا ين ۽. تنهن ڏاران اها
مائتي ٿيندي، ته اڳاي جون جيڪي چار ڪوڏيون اسان
تي قرض جون آهن، تنلاءِ ٻه چڪ ڪانه وجهندوسين.
پر نپا ڳيءِ هوڏ ڪانه چڏي، ڪانه چڏي. بابي اما ٻه
تني هنئين ڪو اٻتو ٻاراتو ڏنس، سو رتڻ پانياڻي اڃا
چائي مس هئي، ته پٽس کي اوچتو جهاتو ۽ جهڻي نيو. مرايا
کي پوءِ ڪير ٻچي؟ ڪير ڳاچي؟ نيٺ گوهرت جي ڦند
ڦاسي ويئي، ۽ سکٽيءَ ويسيءَ ڪاتر، انهيءَ سان ڪٽي ٻلو
پڌائين. پر انهي حياتي وِهُ ڪري ڏنيس. پاڻ ٻاپانٽي ته
ان ٻچاٽا ورهير اڏ مس ڪيڍ يائين.

ماسيس ڳالهايو تي، جڻ سروا هي ڳالهه ٿي ڪيائين.
رتڻ ۽ الائيس کي ته الا جي چاٻي ٿيو!

ماءُ ڪان ڏيُ ٻڇيو: تو ورتي ماسيءَ جو منهن ٻه
ڪونه ڏٺو؟

ماءُ ڏيُ کي ورندي ڏني: جو ڪري جوين چا ٿي؟
هوءَ اسان سان ابدو ابدو ڪري ويئي، پوءِ اسان وري
ساٽس ڪاهي لاءِ ڳنڍيون؟

ڏيُ: تڏهن ٻلا توکي سڌ پيئي ڪئن؟

ماءُ: مون جوريءَ گوهرت جي ماٿيانءِ ڏني، مونکي سارو سيرپار ڏنو. مرايا جي مٿي پڇاڙا لکي مڪائيندم، تہ رت کي پاڙوت تون رهاءِ. جي منهنجو اڄ نيپاج گهر جي.

ڏيُ: پوءِ، تو سنديس ڳالهہ پڌي بہ ڪا نہ؟

ماءُ: آءٌ ٿي چوان، اڄ ڇٽو تہ ڪونہ لڳو اٿيئي؟ رت کي آءٌ وري پاڙوت ڪٿان رهايان ها؟ باقي اما گذر ڪيو، تہ اهي ئي قرض جا ڪوٽ چڙهي ويا؛ جي ڪاشيءَ ڪروت ڪائي، جٿان تٿان ڪري اسان لاٿا؛ جو مورڳو اسان جو ئي گهر ڏترجي ويو. پوءِ آءٌ وري نئون گهمگهر ڳچيءَ ۾ ڪٿان وجهان ها؟

ڏيٺس ماسات کي پاڪرپائي، وٺي چيو: صدقي وڃانس! سمجهان ٿي، بلي، ڏاڍا ڪي ڏکڙا اٿيئي.

رت کي اکين ۾ پاڻي تري آيو، ۽ ٿڌو ساهہ ڀري، چيائينس: ڏکڙ سور جي لکا مونکي ڏاڍيءَ وڏي ڪا نہ. مونتان پالهار ڀئي ويندي هئي. اڄا بہ اکين ۾ نور ڪيو سمجهيم. سچ ٿي چوان، انهيءَ جو آٿت نہ سمجهيم، تہ آءٌ جيڪر جيان ئي ڪين.

الائيس: اها برگهور اما کي ابٽ کپندي هئي. پر ٺهيو. ٿي ساٿي. هاڻ پلا پڌائيندم، چار اکر ڪي بيت ۾ وڏا اٿيئي؛ ڪين نہ؟ جو تہ هتي وارن سان جا هلي ڏيٽ ويٽ ڪرائيندي سانءِ، تہ تو ۾ بہ ڪو تہ ڪُرهٽ کپي.

ٻر رت ورندي ڏٺيس ئي ڏٺيس، وڃي ماڻس ٻوڪ ڇڏيو: ٻچيس ڇا ٿي؟ ڇار اکر هنجي ٻيٽ ۾ ڪٿان ٻيا؟ جي، سڌ اٿيئي ته ماڻي جو ٻٽس ڪرت ڪهڙي ڪندو آهي؟ ٻير جو دوڪان اٿس، جنهن ۾ سنجهه صبوح، گاڏيءَ وارا ءِ ڪمي ڪاسبي ٻيٺا ئي آهن. ٻيو ته هوءَ ڇوري، جنهنکي مٿي تي هيڏا مڇا ڳاڙهن وارن جا، ته منجهس ڊول ته شول، سڄو ڏينهن ٻيٺي ماڻي جي ٻيءَ جي ٻيلداري ڪمائي، تنهن هنکي ڪهڙو ڪرسيڪاريو هوندو؟

رت جي سڄي ڏرن ٻٺي ڏڪي؛ هٿ ٻڌي، ٻيڙيءَ کي واڪو ڪري چيائين: ماسي! مونسان جيڪا جٺ ڪرٺي هجيئي، سا بلا شڪ ڪر، ٻر الله ڪارڻ، داديءَ نانءِ ائين اُترڏو نه ڳالهاءِ! توکي سڌ ڪانهي. ٻر هنجي دل ڏر نا سنتو اٿيئي. سو منهنجي ٻڌندي، مٿان ڪوهن سون ورنيءَ دل واريءَ جي حق ۾، گٿو حرف ڪيندي آهين.

ڏئي ٻه ماءُ کي منت ڪئي: تون ويچاريءَ ٻار کي اهي وڏ نه وجهه. هن ڇاتيءَ ڇنل کي ٻل هڏڪڙي اهڙي جيئو جو ته ڏڏ هنجي!

ماسا ٿيس ٻوءِ چيس: هل ته ٻاڻ هلي مٿي ماڙيءَ منجهه وهون. ماڙيءَ ۾ درين تي ڳان جون ڇڪيون رکيون هيون. ڳل منجهن ٿڙيا ٻٺي. رت ڳل ڏٺا، ته سندس منٻن ٻه ڳل جيان ٿڙڻ لڳو. ماسا ٿيس چيس: ڳل ڏاڍا ڪي

وڻندي ٿا! هن ٻڌايس: منهنجي ڳالهه سان ڏاڍي دل آهي.

الائيس: تڏهن ته ٻاڻ چڱو. آئنده هنن چڪين جي سنڀال تون ئي ڪج.

رت: مونکي ٻاڻ وندر ٿيندي.

الائيس: هائو، هاڻ دريءَ مان نهار، ته ٻي ڳالهه ٻڌايانءِ. سامهون موءِ ڇاڇهري ڏسين ٿي؟ هيلدار انهيءَ ۾ رهندو اٿيئي. جاءِ ڪهڙي نه عاليشان آهي!

رت جاءِ ڏي نهاري، الاجي ڪهڙيون ڳالهيون ياد ٻي ڪيون، ته ماسا ٿيس اٿيئي ٻيءَ ڪوٺيءَ جو در کولي، سڏي چيس: ڪٿن ٿي ٻانئين؟ هيءَ ڪوٺي رونق واري آهي نه؟

رت: واه! ٻر هن ۾ رهي ڪير؟

الائيس: آءٌ توسان ڳالهه ڪن سن ۾ ٿي ڪريان. تون ڪنهنکي ٻيٽ نه ڏجانءِ. هيٺ ٽپال ماستر ڏٺءِ نه؟ منهنجو سائنيءَ سوٽ ٿئي. ٻانيان ٿي، اڳي ٻوءِ ٻاڻ اوس منهنجو سگهه چڪيندو. ٻوءِ اسان گهوٽ ڪنوار ٿئي هن ڪمري ۾ ٽڪنداسين.

رت: تيستر ڪوٺيون خالي ٻيٺون هونديون؟

الائيس: هائو، اڳ جو سنو وري به چڱو آهي. آءٌ هيئنئر نڍڙي ڪا نه آهيان، جو اهي اڳ جا اونا نه رکان. تنهنجي وهيءَ ۾ اهڙي اون جيڪس نه به سونهي. ٻر مون

توکي هن ڳالهه جي لڳ هن ڪري به وڌي، ته توکي سمجهايان، ته اما توسان هٿن ڪونسي ڇو پيئي. هونءَ جيڪر ڪنهن کي ڪو انت ڏجي؟ اما کي ڏپ ٿو لڳي، ته متان تنهنجي ڪري اها مائٽي ڀڃهه ٽٽيئي نه!

رت کي تنهن تان جيڪيسو مڻيان لڳي. منهن ڳاڙهو لال ٿي ويس.

ماسا تيس سهي ڪيو. چيائينس: آءُ سمجهان ٿي، توکي دل ۾ ڪو ٿئي. پر تون پاڻ منهنجو تور و نجهن جو آءُ توسان لِڪ اِڪ ڪا نه ٿي ڪريان. پڌ. تون اڃا ٻارڙي ڇٽيهينءَ. آءُ تيهين ورهين جي ٻڪي جوان آهيان. منهنجي دل ۾ جا پيو وهي واهري، تنهنجي توکي لڳ خبر ڪا پوندي. اسانجو هڏ پيل ڪونهي. بابي مٺي پيڇاڻا، سرڪار مان پينشن ملئون، سا اسان پن جيون کي سو ٿي پوتي مس ٿئي. سو جي هي سنڌو نه پيندو، ته پاڻئين ٿي، اسانکي ڪيڏي نه پيڇاري اچي ويندي. اما کي بر انهيءَ ئي ڳالهه تي منجهايو، ته متان تنهنجي آئي، مائٽيءَ ۾ پنگ ...... پر رت ڳالهه پوري ڪرڻ ڪا نه ڏنيس.

وچ ۾ ئي پڌايا ئينس: ڪڏهن به نه.

الائيس جيس: اهو آءُ سمجهان ٿي. منهنجي سوٽ جي دل به ترڪڻي ڪانهي. تڏهن به پڪائيءَ سانگي، هون تنهنجو ڪن ڪڙو ڪري ڇڏيو. هٿي ره ڪر، ته

سڌ پوندي، جو اسانجو گذر ڪئن ٿيو ٿئي. ساهيڙيون سڀ، آئي ويئي، مون سان هُن سان پاڇيءَ وات. پوءِ ٿانيءَ شريڪ سان جو مليو مرڪيو، ته جيڪي سو هڏ ٻر گسائيو. نڪ کي مُر ٿر ڪانر لائي. وري جو ڪن خاندانين سان دعا سلام جو رستو ٿيو، ته انهيءَ جي ٻر، ڪوئي سوئي، پيئي سر انجامي ڪجي. هاڻ پانيان ٿي، ته ڳالهه کي سمجهيو هوندءِ، ته اما هئن تو سان جب جو پئي پيئي. پي هڪڙي سنڀال ڪجهه. مٿان ڪڏهن ٻر، ڪنهن کي پلئي پلائي، پنهنجي پا اسانجي گهر جو حال پڌايو اٿيئي. ماڻهو ڏاڍا ڦيٿهڙ ٿا ٿين. پيا وچ ڦولها ئيندا. تنهن ۾ ڏسين ٿي، اسان الاجي ڪئن پيا هلون. مٿان اسانجي لوڏ لاهي ڇڏين. شاباس! ڏاهي پيڻ.

ماسا تيس پوءِ گهڻي مهل ڪانر ترسي. رتن کي چيائين: تون هينئر ڪن ليٽي، ٿنگون ساهه؛ چاهه تيار ٿئي، ته آءٌ توکي سڏي ٿي وٺان.

الائيس پٽ ڏني، ته رتن جي دل ماءُ ۽ داديءَ کي سنڀاري، پر جي آئي. پر ڏاڍن مٿن سان ڀاڻ جهلي، اچي دريءَ وٽ بيٺي؛ ۽ ڪنڌ ٻاهر ڪڍي، هيڏي هوڏي نهارڻ لڳي.

پريان جنهن جاءِ ۾ هيلدار رهيو ٿي، اُهاڻ مان سهي ڪيائين، ساڳي ٻاهي سرگيءَ واري جڳهه ٿي ڏسجي.

جڏهن ڪوٺيءَ ۾ پاڻ ويٺي هئي، تڏهن ڏاڻءَ، جاڙائين ٿي، ته امان جيڪل جيڪس هتي ئي رهندي هئي؛ ۽ ٻاٻي سان ٻه هتان ئي ٻهي، نيڻهن پريا نياپا ڏنا ورتا هونداءين. دل جو دل ۾ چيائين: منهنجي مٺي امڙ! آءٌ تنهنجون ڳالهيون ڪيئن نه ياد ڪريان؟ مٺا ابا! آءٌ توکي اڄ ڪيئن نه ساريان؟

اتي سڀڻون ئي هڪڙي ماڙي هئي، تڏهن مان هڪڙي قد آور مڙس تي وڃي نهاريس، جو پنهنجيءَ ڌريءَ منجهان ٽپال آفيس تي اکيون کُپايو ويٺو هو. هيءَ پاڻ کان پڇڻ لڳي: هي سوڻ ڇگوٺيو، پڇڙو ٿيو؟ پر وري انجو گهٽو ويچار ڪري نه ڪيائين. ايترو سو چيائين: ڏاڏيءَ جو روح ٻونڪي هتي ٻه رکي ونندو. ڏاڏيءَ جي آتما مون سان ڦرندي وتي. پوءِ ته ڪنت تي وڃي ليٽي، ۽ اکيون پوريائين، ته ننڊ ڪاڇي ويس. ڪي مهلون سمهي پيئي هئي. سڄو ڏونگر ۾ لڪوٽي، تڏهن ويو، پر ۾ ڪو هيڏان ناڻوائي رهندو هو، تڏهن زور سان وٺي چيو: جناب هيلدار صاحب! سلام ٿئي. تڏهن انهي آوار تي مس هنجي اک ٻٽي. هيءَ ڇرڪ ماري اٿي، ۽ اُمالڪ وڃي ڌريءَ وٽ ويٺي. ڏٺائين ته هيلدار سلام ورائي، ماسيس جي جاءِ ڪي هيٺ مٿي جٽائي پئي نهاريو. هيءَ وري ڌريءَ وٽ ترسي ڪا نه. اکين تي جهڙا وجهي، منهن ويڙهي اُگهيائين، ته الائيس پرٽيب ٽب ڪندي، مٿي جڙهي آئي. چيائيس: ڏاڏي ڪا

ڏڪل هئينءَ. آءُ به هي ٽيون لڳو ته آئي آهيان. هاڻ هيٺ هل. بک لڳي هوندءِ. ڪجهه پيٽ ۾ ته وجهه.

رت: نڪو بک ته ڪانه اٿم. باقي ننڊ سان گهاٽي ڪاڇي ويئي هيم. سپنو ٿي اٿم...

الائيس: ايندي ئي سپنو لڌءِ؟ ڇاءِ مهر ڪري، مائي، سپنو لهجي، ته ڇون، ويهه ويسوا لڳي اچي. پر ٻُڌاءِ، سپني ۾ ڏِٺءِ ڇا؟

رت: سپني جو اُنهن منهنجي ته ياد ئي نٿو پوئم. باقي پانيا نٿي، ته هن جاءِ منهنجهان هڪڙي جکيا نڪتي ٿي، جنهن تي هار چڙهيا پيا هوا، ۽ منهنجهس بابي جو لاش پيو هو. آءُ گوڙها ڳاڙيندي، ڪائيءَ سان سِرٻي ويس، ته ڪفن جو ڍاڪ کلي پيو، ۽ بابي سرڳيءَ ڪنهن قداور مڙس ڏانهن اشارو ڪري، مونکي ٻئي چيو: بابا ڏيءَ! هيڏي نهار. مون کي پهرين سُڌئي ڪانه ٿي پيئي. نيٺ منهنجي اُکينءَ ماٺوءَ تي نظر پيئي، ۽ آءُ ڏانهنس وڌيس، ته هن به مونکي ڀاڪر ۾ جهلي، ڪَٺي ڇاتيءَ سان لڳايو. هنجي پريم وچون، مونکان بابي جو ڪفن ڏفن به وسري ويو. اتي اوچتو هيڏانهن آواز ٿيو ته تنهنتي آءُ جاڳي پيس. پرادو قداور مڙس ڪير هو، تنهنجو اُهڃاڻ مونکي ياد ئي ڪونهي.

الائيس: سپنو ته اجرج جهڙو لڌو اٿيئي. پر مائي،

تون سڀساٿ ته ڪا نه آهين؟ چوندا آهن، سڀني ۾ مردو
ڏسجي، ته ٻنهي جي چند تائين پلائي نه آهي. پر تنهنجو ته
اسين هتي وار به ونگو ٽيڙ ڪو نه ڏيندا سين. اسان
تنهنجي ڪاتر اهڙو پورو بند و بست ڪيو آهي، جو پنجن
ستن ڏينهن اندر، ڏس ويني، ته منهن جو رنگ ڪئن نه
ڦري ٿو وڃيٿي! اسانجو هڪڙو جهانگي سهي ٿئي؛
اُهي وٽان ڪائُر جو ڪير به جهجهو ملندءِ، ۽ سندس وٽن
جي جانور به مزو پيئي ڏيندي ءِ. سپان مونسان هلجانءِ،
ته منهن مقابل پارت ڪري ڇڏينديسان. ماڻهو ڏاڍا
لائق پريا آهن.

(٣)

پئي ڏينهن پن پهرن ڪان به پوءِ، الائيس ۽ رت، پئي
ٽپال ماستر سان گڏ جي، جهانگيءَ جي گهرڏي روانيون
ٿيون. سائي وڻڪار ڏسي، رت خوشيءَ ۾ نه پئي ماپي.
جهانگيءَ جو مڪان سارو ولين سان جهنجهيو پيو هو.
جوڏاري سبزويءَ لڳا پيا هوا. هي ٽيئي جِٽا اچا پني
وت ئي ڪين پهتا، ته رت چيو: جهڙو پرستان!

اتي ڪنهن ڪنڊ ۾ وني پٽڪيس: پوءِ، انهي پرستان ۾،
پري ڪير؟ ۽ پريءَ جو پريتم ڪير؟

هن اچرج ۾ پئي، ڪنڌ ورايو، ته ڏٺائين، جو هيلدار بيٺو
هو، جنهن ڪلهي تي بندوق هئي، ۽ وٽس اهڙو ڏ ڪيل
هوس، پانءِ ته شڪار تي ٿي ويو.

رت کان هيلدار پڇيو: ڪالهوڪي ڪاهه، تنهنجي ڪٿي نبري؟ هن منهن مرڪندو نهاري، ورندي ڏنيس: خير سک سان!

هيلدار چيس: تون ته هن پاڳواري جهنبيءَ. منهنجي ته ساري رات اک به ڪانه پتي. سخت سخت ۾ سوچون سو تون پئي اُپريم. اڄ سو ٻالڪي پئي حال ۾ پيو سمجهان.

اتي پوسٽ ماستر وچ ۾ پڇيس: هٿن سفري، نڪاجيڪس شڪار تي آهيو؟

هيلدار وراڻي ڏنيس: نڪو، سرڪاري نوڪريءَ پٺيان نڪتو آهيان. ڏسان وجي، پر پٽ منهنجي حڪم جي بجا آوري ٿي آهي يا نه؟ ڪيمت ناڻي جٽي ويو هو سان، اتي به الاجي جا ڪيائون؟ پرمون ٿي اوهان کان پڇيو، اوهان هن شولر کي نوڪريءَ کان جواب ڏنو، ڪين نه؟

پوسٽ ماستر چيس: اجا ته گاڏي هلائي پيو.

هيلدار: اهڙي ناجس آدميءَ کي اوهان رکيو الاجي ڪٿن ويٺا آهيو؟ اسان جي ته ذري گهٽ جان جوکي ۾ وڌي هوائين.

پوسٽ ماستر: ڏاڍيون پولون ٿو پولي، ته آئنده سنڀالي هلندس. وري داروءَ کي اوڏوئي ڪونه ويندس. پر آءٌ پاڻ سمجهان ٿو ته هي سڌرندوئي ڪين.

هيلدار: ڪتي جو پڇ به، ڪڏهن نڙ ۾ پئي، سڌو ٿيو آهي؟ هٺوس ڪندا، ته وڃي پنڌ. نه ته هر ڀيرو مسافرن لاءِ آزار ٿيندو.

پوسٽ ماستر: بس! ڏينهن اڌ ۾ صفائي ڪري ڇڏبي.

هيلدار پوءِ تنهي ڇٽن کان موڪلائي، ٽڪرو ٽڪرو هليو ويو. پڇاڙيءَ ۾ ايترو سو چيائين: آءٌ وري ٿو اچي، اوهان کي جهانگيءَ جي جاءِ تي گڏجان.

هن پٺ ڏني، ته الائيس سوٽ کان پڇيو: شولز اصل اهڙو ويل آهي ڪٿان؟

هن ٻڌايس: هونءَ ڪم جو گهڻوئي چالاڪ، پر دارونءَ جي ڪا مار اٿس. هيلدار کي هونءَ به ڏٺو ڪين وٽي، جو پهري ۾ جڏهن وٽس هيلداري ڪندو هو، تڏهن ڪيس ڏاڍو ڪڪ ڪيو هوائين. هيلدار نانءُ پڌو، اٿم عملدار ڪرڙو آهي؛ سو هي ڇيڳلو ڏاڙهي ڏيارائيندو هوس. وري جو هن نوڪريءَ مان ڪڍائي ڇڏيس، تنهن ٿان هي اٽاسو اڄ ڏينهن سوڏو پيو پٽيس. انهيءَ ڏانهن هيلدار جا منجهس خار ٿا ڏسجن.

ائين پيغي ڳالهيون ڪيائون، ته جهانگيءَ به اچي منهن ڪڍيو. پوسٽ ماستر کي هٿ هٿ ۾ ڏيئي، چيائينس: ورهيهن ڪري ٿا ڏسجو. جو اسان جهانگين سان ڪا ڪاوڙ ته ڪانه اٿو؟ وري الائيس ڏانهن نهاري، اڄ آجيان ڪيائين. رت کي ڏسي، انهيءَ کي به ڀيڪاريائين.

پوسٽ ماستر ٻڌايس: اسان ڪالهه هن نانءُ اوهانکي چوائي مڪو هو. هيءَ هاڻي اوهانوٽ ڏاڙهي پيٺي ايندي. اوهانکي پارت ڪهڙي ڪريون؟

سون ورنيون ڏائون

جهانگيرءَ جيس: چڱا آهيو. اسانکي پنهنجي پيار سمان آهي. پوءِ ته تنهي کي وٺي اندر ويو. جهانگيرءَ جون ڏيرا ڪيرمان اچي ساڻن مليون. رات کي جا سڌ پيئي، ته ننڍيءَ جو نالو به داديس وارو ائنا آهي، تنهن سان ته تهنديءَ پاڻو پرمرئي ڪانه ڪيائين. وڏيءَ ايوا سان به چڱي گهائل مائل ٿي ويٺي. ائنا اُٿي، سا ٿورڙي نگر ڪٺي آئي. ڪاڏائون به پئي، ڳالهيون به پئي ڪيائون. جهانگيرءَ رات کي تسلاءِ ڏني، ته اسانجو ڪير پيٽ ۾ هن وطن جي هوا جهٽيءَ، ته ڏس منهون پاڻي ڪيتري ۾ نه ٿو وريئي. مونکي رڳو ڏپ ٿو لڳي، ته ايوا جڏهن، مڪان تو ڇڏي به، هن پيلي جا وڻ ڪو پنهنجو جادو پڙهي نه وجهن! جي هوءَ به تو جڏهن ٻئي شهر ۾ پنهنجي ٻڪيءَ وٽ نيڻي هئي. پر ماڻهس سانئين سڪالي ٿي، تنهنجي سنسڪار ني گهرائي ورتو سيڻس، ته هانڪون ته وري هٿيئي کپ ڪوڙي ويهي رهي. داديءَ گهٽيئي جڏيون لکيئس، نياڻا موڪلايائيس، هيءَ جوتي، آءٌ ٿي موٽي شهر ۾ وڃان! ڪڏهن ايوا، آءٌ سچ ٿو چوان نه؟

ايوا: بابا! مون جيئو، ائنا کي هٿي اڪيلو وري ڪڏهن ڇڏي وڃان؟ پيو به سچ پڇو، ته اما مٿي ڪانپوءَ، شهر جو گوڙ شور مونکي وڻيئي ڪين ها. شڪ نه آهي، جو هن وطن ۾ به ڪو جادو هو! جو ته هٿي ائين پيئي پاڻيان، جو جڻ پرستان ۾ آهيان.

رت کي ھُري آيو، تہ ڪالھ آلبينھوفر بہ ائين ٿي ٿي چيو. خود آلبينھوفر جي اکين ۾ بہ پاڻ اھڙوئي جادوي اثر پيدا ڪيو ھوائين. پر ڳالھين جي گوڙ ۾ وري اُنجو گھٽو ويچار ڪيائين ڪونہ.

ايوا، رت جي اکين ۾ نھاري، چيو: ھنجي اکين ۾ تہ ڪو اسرار ٿو ڏسجي. اونھو اوڙاہ نہ ڪو لڳو پيو ھجي. ھيڏانھن ھوءَ ھرٽا جي ماٿر ۾ نہ ڪشتي آھي، ھي بہ انھيءَ جيان پيون پاسن.

رت وري، سندس اکين ۾ اکيون کپائي، چيو: گھٽ تنھنجن اکين ۾ بہ ڪانھي!

ايوا ورندي ڏنيس: منھنجون اکيون آرسيءَ جيان آھن، جن ۾ منھنجا ڀاو ۽ ويچار جٽائي جٽا پيا ڏسجن. تنھنجن ۾ نھارجي ٿو، تہ ھرھر نيون نيون پروليون پيو ڏسين. اُھي تہ ڪو ساڻ وارو ساي !

رت کٽي مات ڪئي. سمجھيائين نٿي، تہ ھن ھوڙو ذڪر جو جوڙيو. پر پاڻ سان پول ڪري ڇڏيائين، تہ وري ڪنھنکي پنھنجن اکين ۾ ائين نھارڻ ڪونہ ڏيندس.

اتي ھيلدار بہ اچي سھڙيو. رت ۽ الائيس بہ ساھيڙين کان موڪلائي، ٻاھر نڪتيون ٿي. ھيلدار رت کان پڇيو: ھوا خوريءَ لاءِ اگھ پيري ھلندينءَ؟ رت رڳو ڪنڌ سان ڪٽي ھا ڪئي. پوءِ ھي ٻئي اڳيان، ۽ الائيس ۽ سوٽس ٻئي پٺيان، ھلندا ھليا.

وات تي پکين جون مٺيون مٺيون لاتيون پئي، رت سرهي پئي ٿي. وري جو سج لٿو ٿي، ۽ پنهنجي روشن سواريءَ جو نشان شفق جي صورت ۾ ڇڏيندو پئي ويو، تڏهن نظاري مونکي موهي وڌو. هيلدار پڇايس: جهنگ جو نظارو ڏسڻو هجي، ته سج اڀرئي ڏسجي. پرهه ٻاکون ڪيون، ته هوريان هوريان وڻن جي چوٽين تان ڪوهيڙو گم ٿي ويندو، ۽ وڻن جا جهومٽ سِس ڪڍي، ائين پڌرا ٿي بيهندا، جڻ سوڙ لاهي، اُٿي کڙا ٿيا آهن. پوءِ جڏهن صاف صفائي پئي ٿئي، تڏهن پٽ سڀجن چڙهندا وڃن، ۽ سج جا ڪرڻا، جڻ رچي، ساريءَ وڻڪار ۽ سبزيءَ کي رڱيو ڇڏين.

هيلدار ڳالهائيندو ٿي ته اُمنگ پئي اُٿيس. رت ۾ اکيون کٽي منجهس کپايو. هن پنهنجو وستار پورو ڪيو، ته هن چيس: آءٌ اوهان سان هڪڙي ڳالهه ڪريان، اوهان کي دل ۾ ته ڪين ٿيندو؟ مون جڏهن اوهان کي ڏٺو آهي، تڏهن پاڻ کان اهوئي سوال پئي پڇيو اٿم، ته اوهان جي طبيعت وارو آدمي، هڙن پيلي پيڙو ڪٿان اچي ٿيو؟

هيلدار ورندي ورايس: تون تڏهن سمجهين ٿي، ته مون جهڙو ماڻهو شهر ۾ وڏيڪ سونهندو؟

رت رڳو وٺي ڪنڌ ڌوڻيو.

هيلدار چيس: تون ڀُلي آهين. سچ، آءٌ ٺهڪڻو ٿهڪڻو

جوان ۽ تکلف مزاج وارو آدمي آهيان ۽ پر انسان گڏ طبيعت ۾ منهنجي شاعراڻي لِڇ ۾ ڪا گهٽ نه اٿيمَ. توکي قدر تڏهن پوندو، جڏهن آءٌ توکي ڇڏائيندس، ته ڪيڏا نه مٺا هٺي، مون مائٽن کان جند ڇڏائي، ۽ اچي هن ڪاٽي ۾ گهڙيس. ائين به ڪونهي، ته شهر کي ٻنهه ٻڌا ڏيئي ڇڏي اٿم. ورهيه ۾ هڪڙو ڏيهاڙو، شهر ۾ وڃي، گهمتا ري ڏيئي ايندو آهيان. پر سچ ٿو چوان، ته اُتي جي عيش عشرت ۾، اُها مدت، جيترو ٽيڪ مڪو ٿي ويندو آهيان، ته به اندر ۾ پيلي لاءِ اُها ئي اُڪير پيئي هوندي اٿم؛ ۽ پاڻ ڇڏائي پناه وري به اچيو سندس گود ۾ وٺان. ماڻهو ان ڪارڻ مونکي ڪوئين پورويي، پر آءٌ ورچا پانئي ڪونه. پر تون ته پڌاءِ. توکي هي جهنگ بن وڻي ٿو؟

رت ورائي ڏنيس: هن ويل ته ڏاڍي منجهانس موج ٿي اچيم.

پيلي منجهان هڪڙي وڏراه پي وهي. هيلدار پڇايس: اها ڇيهه وڃي، پربن جي ڪشتيءَ وٽ، هرڻا جي ماڙيءَ ۾ ٿي ڪري. تنهنڪان پڇيائين: تڏهن اها ڪشتي پري ڪانهي؟

هيلدار ورندي واريس: نه! هتان سڌ پند تي مس ٿيندي. جي مڪان ڏسڻ وٽان آهي. هن پيلي جي ته سونهن آهي. مرضي ٿيءِ، ته ڪنهن ڏهاڙي اوڏانهن ولي ... پر نه. وڏ نهين مٿان ويندي آهين.

رتن پڇيس: ڇو نه؟

پر انهيءَ جي وراڻي هيلدار رڳي هيءَ ڏنيس، جو پنهنجون سڀ پنديون اکيون کڻي، هن جي اکين ۾ نهاريائين. رتن کي ان هن پول جي سانڀر رهي ڪانه، جو اڳهڙون، پنهنجن اکين نسبت، ڀاڙيان ڪيو هوائين. پنهنجي جون اکيون، ڪا ويرم، انهن ڀاڙ ۾ مامرو منجهي بيٺيون رهيون.

نيٺ هيلدار جي زبان اُڪلي. طبع جي هلڪائي سندس ويندي رهي. اکين ۾ هڪڙي نئي جوت اچي جاڳيس. بلڪل گنڀيرتا ۽ سنجيدگيءَ سان چيائينس: ڇون ٿا، جيڪو به ايڏنهين اڪيلي سرو جي، ته، تنهنکي پوءِ ملولائي اچيو وڃي.* اندر ۾ الاجي ڪهڙي آرزو اُٿيو پويس. ڏوهاري مان جو پاڻي لاٿون ڪيو پيو وهي، تنهن ۾ عجيب غريب روپ پيا نظر اچن، ۽ سندس ڀاڄي ۾ اهڙو ڪو غيب جو اثر ٿو ڏسجي، جو ڏسندڙ جي ڪلپنا، عالم رويا ۾، الاجي ڪهڙيون ڪهڙيون تصويرون پيئي چٽي! پيو وري، اُتي ڪا پهر ليئي ڪانه. تنهن ۾ تون ڪڏهن به مٿان او ڏانهن ويئي آهين.

رتن، هيلدار جي ڳالهه ڪن لائي، پٺي ائين ٿي، جڻ اکرا کري ٿي ويئي. اتي سندس جڳ، وجي ڪا ٽاريءَ ۾ اٽڪي، جا هيلدار اُتان جهٽ ڏيئي، ڇڏايس ته سهين، پر

اُنکي پنھنجي ھٿ ۾ جھلي، چيائينس: ھيڙا سنڌر ڪاڪُل، تنھنکي رڳو طاق ڪري ڇڏيو اٿيئي. ڪجھ ڪترائي تہ وڌائين، تہ ڪي قدر وارا سنڌن قدر بہ ڪن.

رت جو منھن ڳاڙھو ٿي ويو. پروات مار، ھڪ حرف ڪين ڪڇيائين. ھبڪي بہ پئي. ڪنڌ کي رڳو ڇاڪو ڏيئي، ڇگہ ڇڳن سان ملائي ڇڏيائين.

الائيس پنھنجي سوٽ سوڏي، ڳچ جيترو پٽ تي رھنجي ويئي ھئي؛ تنھن ھنئر ھڪل ڪيس، تہ پڇندي چوٿي رجي؟ بيھ، تو سان ھڪڙي ڳالھ ڪرڻي اٿم. تو جو ھنن ڏارين سان ھٿن حجائتو پئي ڳالھايو، سا ڳالھ مونکي وڻي ڪانہ. اڳلا ڇا چوندا؟ ھو نيٺ بہ جھانگي! اسانجو پنڌ پيڇرو وري بہ شھروارن سان!

رت چيس: پر ھنن پاڻ تہ دل ۾ ڪيو ئي ڪو نہ. مونسان تہ نھ ڦھ نھي وينيون. پيو بہ مون تہ رڳو ھن نندي ءَ ائڏا سان حجت ڪئي. جيو مانس آءِ تہ ساھيڙي پاءِ ون. مون سَرتي ھئي.

پر الائيس پنھنجيءَ تي ٿي بيٺي. چي: تڏ ھن بہ ماڻھو ڪِرسڪي. شھر نندي ۾ ڳالھ لڪيئي ڪا نہ. سا ھيڙي ھُن سان پاتيءِ، تنھن تانِ آءِ ڪانہ ٿي جھليانءِ؛ آءِ رڳو چوان ٿي، ھن درجي جي بَرھندي ماڻھوءَ تي، ايڏي حجت نہ ھلائجي. ھلبدار ڪان پڇي ڏسُ، تہ آءِ سچ ٿي چوان، يا نہ؟

هن ڏاهيءَ هيءَ ٻار جو لاهي، ڪٽي هيلدار تي وڌو، تنهن فرصاً سندس ڳالهه کي ٽيڪو ڏنو ۽ پرائيءَ سان گڏ رٿ کي هيءَ به خاطر جمع ڪرايائين، ته تون هن سان حجائتي ملين ۽، تنهن ۾ تو کا ڀلي ڪان ماري. پيو به هو جهانگي ٽيا، ته پوءِ ڇا؟ ڀاڻ رڳو شهر وارن جڻن سڪٽو دم ڪونه هٽي چاٽن. پيٽ کي پٽيون پيدي، ٻاهر دخل سان ڪونه ٽا هلن. ذات ۾ برا ڏيهه ٻيرون، اهڙو سندن حال ڪونهي. تنهن ۾ به هن ڇوڪرين ته تعليم ۽ تربيت شهر وارين کان به چڱي پرائي آهي.

الائيس سمجهيو، ته هيلدار هي ڏاڏو مونکي ٽو هٽي؛ تنهن موڙائي، اُنس هِجو ڪيو. جي: ايوا پڙ شهر مان رهي آئي آهي، تنهنکي توهان جهڙا شوقين به نه پڙائيندا، ته ڳالهه ڪٿان ٿهندي؟

هيلدار ڏنو، ته منهنجي وڻپو سڙايو آٿس؛ تنهن هيڪاري وڏيڪ چيڙايس. جي گدڙ ڏاک نه پڄي آکي ٿو کٽا.

تنهنتي پوستماسترو وچم ٽپي پيو. هيلدار کي چيائين: منهنجي ته پڙهيلن ڇوڪرين سان پوئي ڪا نه. اجايو مغز ۾ غرور ٿو ٿئين. پر اکر پيٽ ۾ ڪين ٽيون وجهن، پان ۽ ته ڪنهنکي مله ٽيون ڳنهن. آءٌ هن ڇوڪرين جي ڳالهه ڪا نه ٿو ڪريان؛ جيتر ڻيڪ هن منجهان به، هوءَ ايوا ته پانئيندي آهي، جو پڙهي ڪانه آهيان، ڪا اول ورائي اٿم.

هيلدار ورندي ڏنيس: آءٌ ان ٻاري ۾ او هانجي ٻنهه

اُبتڙ آهيان. مون ته عمر اهي گهاٽ ئي گهڙيا آهن، ته پاڻهن وڌندس ٻڙهيل، فهميندي، عقل ۾ اڪابر، علم ۾ ماهر جا منهنجي صفتن جي سونهن، ۽ انهن جي سهپا جو سينگار اچي ٿيندي. البت هر ڪنهن انسان کي پنهنجو جيئس پاڻ جهڙن ۾ ئي گولڻ گهرجي. نه ته، زال مڙس جي هڪ ٻئي سان پونت پوندائي ڪانه. پيو، جوڙي سالم تڏهن ٿيندي، جڏهن هڪڙي جي ڪنر ٻئي ۾ اچي ويندي. بس پاڳن سان اهڙي ڪا پاڻهن ماي ويم، ته سمجهندس مون لکر ڪتيا.

رت ته مات ڪيو سچو قصو ويني پڌرو. الائيس سو هيلدار کي ورجائي چيو: مطلب ته اوهانجي عام سان پوڻئي ڪانه. اوهان بنهه خاص جا خواهان آهيو.

هيلدار وراڻي ڏنيس: توهن پلي آهين. خاص جي مون ڳالهه ئي ڪا نه ڪئي. آءٌ هن باري ۾ پاڻ ڪي اُستاد رازو سمجهندو آهيان، ۽ پنهنجي عمارت جي اڏاوت ڪاڻ، سِرن جي بدران پنهنجن خيالن جي اوساري ڪڍندو آهيان. ڪٿي ڪو شاندار لقاءُ ڏٺم، ته پڇندس: هن نظاري ۾ باقي ڪهڙو جِٽ گڏ جي، جو سندس حسن ئي نظير ٿي پوي؟ جنهن جوان جا خيال وڏا ۽ اميدون اعليٰ هونديون، تنهنجو آئنده شاندار لقاءُ وانگر رنگين هئڻ گهرجي؛ جنهن ۾ وري سندس پاڻهن جِٽ جيان جهگهه مگهه پيئي ڪري!

رنگ ڦِڪو ٿيو، يا روپ ڇٽو نہ بيٺو، تہ مونکي اُپٽا پيا ايندا. ڪھڙو بہ لقاءُ هجي، اها منهنجهس اوڪائي ڏٺيم، تہ ڏانهنس نهاريندس بہ ڪين. راڳ ڳئي راڳي. سُر سندس سولوئي ٿيو، پر هرڪا سندس تان ۽ مُرڪ جٽي پڌيم، تہ گدگد پيو ٿيندس؛ نہ تہ پيو ورچندس. سو پانهن منهنجي بہ سونهن سوپيا ۾ گهٽيائي ڪري سرس هجي، پر پڙهيل ۽ اڪابر نہ ٿي، تہ منهنجي ڏانهنس دل ورندي ڪا نہ. منهنجي نظر ۾ اهڙي پانهن اُنهي اڏاوت جي نيائي ٿيندي، جنهنجو اگهہ گهٽوئي جلويدار، پر پنهنجيان سندس سڄيم صفا ملڪ ميدان لڳو پيو هجي. پڙهيل پانهن آءٌ سمجهندو آهيان، گنج پرپور آهي، جنهنجو پادريون ڏپ جيڪس هليو بہ وڃي، پر منجهس جي املہ ماڻڪ پريا پيا آهن، تنهنجو جاوَ پاءُ ڪو نہ ميٽبو. اُهي انت ويلي تائين اکين جي سونهن رهندا ايندا.

ائين ڳالهيون ڪندا، چار ئي جڻا شهر کي اچي ڦابو پيا هوا.

هيلدار بس ڪئي، تہ رت چيس: تنهنجو مطلب تہ او هانڪي اعلايل ۾ اعلي؛ حسين ۾ حسين پانهن کپي!

هيلدار ورندي ڏنيس: دل تہ ائين ٿي گهريم، پر منهنجي منو ڪامنا الاجي پند ٿئي يا نہ؟ تون ڇا ٿي پائنٿين؛ مونسان اهڙو وڙ ٿيندو؟

رتن چيس: رکو ڏٺيءَ تي، اهو ڪري اوهان جي مراد پُڄائيندو. پيو بہ ڪوشش سان ويهہ ويسوا ڪو بہ ڪارج سِڌِ ٿي سگهي ٿو. اُدم اُچت آهي.

هيلدار: آءٌ ڄاڻيان ٿو تہ جيوت جي سک لاءِ ڄاڻ جهڙن گهڻو ٿو ڀٽو ڙجي، تڙن مول ڳالهہ جو اسان کان وسريو وڃي. ٻوءِ اندي گهوڙي ڪل ۾، اهڙو قصو اچيو ٻڌجي.

...   .

رتن اُنهيءَ رات جو ٻارهين ٻجي تائين پئي جاڳيو ۽ جو جيڪي وهيو واپريو هو، تنهن جي سموري خبر چار پنهنجيءَ ڏاڍيءَ ڏي ويٺي لکيائين. ڏيو وسائي، ڪن اچي دريءَ وٽ بيٺي. دل ۾ آيس، هيڏي رات نبري آهي، جاڳان رکيو آءٌ ئي بيٺي، ڪين پئي ڪنهن جي بہ پنبٽي پنبٽيءَ سان نٿي مڙي؟ ائين ئي ٻاهر نهار ڪيائين، تہ جنهن سمهين دريءَ مان ڪالهہ هن قدآور مڙس تي وڃي اک پئي هيس، اتي بہ ڏٺائين، تہ ٻتي پئي ٻري. هوڏانهن جنهن مڪان ۾ هيلدار رهندو هو، تنهن ۾ اونده لڳي بيٺي هئي. پر تڏهن بہ هيلدار جي صورت وري وري اکين اڳيان پئي ڦريس. دل ۾ چيائين: مون ڀوريائين ڄاڻيو ٿي، تہ تڙتانگهو آتس ۽ پر جيڪي ڳالهيون ٿي ڪيائين، تنهن مان ڏسجي ٿو، تہ مڙس ڪو اونهو اوڙاهہ آهي. هيڪاري جو هن اُستاد رازي وارو مثال ورتو هو، تنهن هنجي دل جي تار ۾ تُن تُن لڳائي ڏني ۽ جو سڌ هيس، ٻاپو بہ اُستاد رازو هو.

(۴)

ٻئي ڏينهن صبوح جو، اڻ اُبرئيءَ، رت سنهيري، اتي پيلائيءَ جي مڪان ڏي هلي. ٻکي اڇا آ کيرن ۾ وينئي هئا، ۽ ڏاڍيون لاتيون پئي لنوئائون. ماڪ جا ڦڙا ٻرسائي سبزگاهه تي ثابت بيٺائي هوا. هن جتان پير کنيو تي، اُتان البت ڦسي تي پياءِ نه ته آس پاس ائين پئي ڏنو، ڄڻ ته ڪي زمردن سان جهنجهيل ۽ موتين گتيا غاليچا وڇايا پيا هُئا. تڏي هير به پئي لڳيءَ؛ ۽ وڻن ۾ هوريان هوريان چرپر ائين ٿي ٿي، ڄاڻ ته پاڻ منجهه ڪن سن ۾ ڳالهيون پئي ڪيائون. هن ٽڪرا ٽڪرا اونها ساهه به پئي کنيا، ۽ دل ۾ ويچار به ٻي ڪيائين، ته اُهي بيشڪ ڀاڳن وارا چڙا، جي پاروهي هنن جي اوت ۾ ٿا رهن! آءٌ سد وري، ته پنج آٺ هفتا مس وٽن مهمان هوندي پس. پوءِ ته منهنجو پند پيچرو هوڏانهن ٿيو. ٻروري پاڻ کي سمجهايائين، ته آئنده جي اوني ڪارڻ، هنئر جي خوشي آءٌ غم سان ڇو پئي ملايان؟ اُنهيءَ کي اُنهيءَ ويل ڏسي وٺبو. هنئر ته ڊو ڪري، هي ساءِ وني ڇڏيان. هلندي هلندي، جيڪا وڻراه هر ٿا جي ماٿر ڏي ٿي ويئي، اُن تي وڃي نظر پيس. پر هن اڇا پاڻ سان ڳالهيون پئي ڪيون، ته هيڪر مڙيوئي انهيءَ ڪشتيءَ ۾ ماٿر جو ديدار وڃي ڪندي پس، ته وڻن جي جهمٽ مان، ڪنهن جي چرپر جو آواز پڏي ورتائين، ۽ هيءَ جيڪيسو شڪ جي پوي رهي.

هيلدار، بندوق ڪلهي تي، ۽ بس ۾ ڪالهه جهڙوئي ڏڪيل، جهٽ ماڻ پاهر نڪري، اچي پرسانس بيٺو.

پاچيائيڻس: ڇو، ڏجي ويئين ڇا؟

هن ورندي ڏنيس: جان ڏان.

هيلدار: سوڪالهه جڏهن جيءُ تي، تڏهن اچ ڪري ڏيکاريئي ۽ ساجهرئي، هيڏانهن نڪري پيئي آهين. ڪئن فرحت آهي نه؟

رت: ڏاڍي. پکين جون لاتيون پڌي، مونکي به اچي دل ٿي، ته آءٌ به ٿي وڃي ڳايان.

”پوءِ ڳايُءِ ڇو نه؟“

”ڳائڻ اچيم ته ڳايان!“

هيلدار جي منهن تي هڪ ڇايا پٿاڄي ويئي. پاچيائيڻس: سو وري ڪئن؟

جي: ڳائڻ جي ڪڏهن ڪا ڪوشش ڪئي هجيم ته ڳائڻ اچيم. انهيءَ ڪئن ايندو؟

”تنهنجيءَ ٿهيءَ وارين کي ته راڳ ۽ ڳائڻ جو شوق حد کان ٻاهر ٿو ٿئي. پوءِ تنهنجي دل انهيءَ ڏاران ڪئن رهي؟ مونکي ته راڳ جو ڏاڍو خفت آهي. ٻاڻ به جڳو موچارو ڳائي ڄاڻان. منهنجي ڀيڻ سان ته ڳائڻ ۾ پڄڻ ئي ڪونهي.“

”راڳ وڻي مونکي بہ.“
”پر پاڻ ڳائي ڪونہ ڄاڻين؟“
”نہ.“

هيلدار جي پيشانيءَ تي وري بہ ڇايا ڏيکاري ڏني. هيڪاري جو رت پڇايس، تہ راڳ تہ منهنجي ماڳہ ٻي تعليم بہ مونکي خاطر خواه ڪانہ ملي، تنهن تان منکي وڏيڪ ٿي حيرت لڳي، ۽ منهن بہ وڏيڪ ٿي گهنجهجي پيس. پر وري جيڪس دل ۾ آيس، تہ تنهن ۾ منهنجو ڪهڙو وڃيو ويو؟ تڏهن منهن جو چهرو ڦري پيو ٿيس. ٿورو رکي، ايترو سوچيائين: ڏات جا خدائي ٿي، سا ڪنهن کي پاڻهين ڪري ملي ٿي، ڪنهنکي نہ بہ ٿي ملي. وري ڪنهن ڪنهن صورت ۾ شوق گهٽوئي ٿئي ٿو، پر حالتون آڏو اچيو وڃن.

”مونسان بہ حالتن دوه ڪيو. ابو امان آ؟ هيڏڙي هيس، تڏهين ڇورڙي ڪري ڇڏي ويم. منهنجو ماتيلو پيءُ...“ رت کي اتي ياد آيو، تہ هي تہ گهر جي اوگهڙ ٿي ڪريان، جنهنکان اڄا ڪالهوڻي ڪالهہ ماساتيم پل وڃي ڇڏي هيم؛ تڏهن سهمائجي، باقي ڳالهہ ڳهي ويٺي.

پر هيلدار ورجائي پڇيس: هائو، پنهنجي ماتلي پيءُ جي ڪهڙي ٿي ڳالهہ ڪيءِ؟

رت کي داديس سچ جي سٽي پيٽ ۾ ڃهي ڇڏي هئي،

سو ڪوڙ سان ٻوندي ڪا نه هيس. اڄايو ٻڌڪو به
منجهس ڪو نه هو. تنهن صاف ٻڌايس: منهنجي
ماتيلي ٻيُ کي هڪڙو ته وسعت ڪا نه هئي، ٻيو ته هنجو
مونتي ارواح ئي ڪو نه هو، جو منهنجي تعليم جو ايڏو
اونو ڪري رکي.

هيلدار ڪٽي مات ڪئي، ۽ ڪا مهل اکيون ڏرتيءَ
۾ ڪپايو، ٻيني نهار پائين. نيٺ ڪنڌ کي ڇاڪو ڏيئي، منهن
مٿي ورايائين. هن ويل سندس روش ساڳي اهڙي ٿئي
ڏٺي، جهڙي ٻاراوائلي ٻهرئين ڏينهن اختيار ڪئي هئائين.

رت جو ٻه ڄيُ ڄاءِ ڪو نه هو. اڙائلي چوٽ ڪري
ويئي، نه ته چري ڪانه ٿي هئي، جو هئن ويهي ست ڏاڙهي
کي گهر جو سيرٻار ڏئي ها. هيلدار ڏي مهڙ ڪري، چيائينس:
منهنجيءَ ماسيءَ ۽ ماسات کي جيڪڏهن ڪُڙڪ پئجي
وڃي، ته مون اوهان سان پنهنجي حال جي ڳالهه ڪئي
آهي، ته هنن کي جيڪر ڏاڍي ڇڙ لڳي؛ تنهنڪري اوهان کين
اُنجو انت متان ڏيندا آهيو. ايتري مونسان ڀلائي ڪجو.
اوهان مونکان سڌو سنئون سوال پڇيو، تڏهن چيم، اوهان کان
لڪايان ڇا؟ ٻيو به مونکي پنهنجي سرته مٺو ڪو نه ٿو
لڳي. ويچار رڳو هنن ماڻهين جوئي ٿو ٿئيم.

رت پانيو، ته هٿ هٿ ۾ وٺي، هيلدار کان ٻڪ ڪرايان؛
ٻرهن مرڳو سندس هٿ ذرا ڇوه مان ٻاسيرو اُجلي، چيس:

هن ويل ته آءٌ پنهنجو هٿ تنهنجي هٿ سان ملائي نٿو سگهان.

هيلدار پنهنجي ٻاٽيءَ کان ٻاهر نڪري ويو هو. آواز ماڻ ٻه سندس ٻانجهش جي رُون رُون ۾ آئي. رت هنڪي هڻن بيتالو ڏسي، سوالاجي، ٻه وکون وڃي ٻري ٿي بيٺي. پر هيلدار جو ٻراهو ڍنگ گهٽي ويرم ٿائين اسٽر ڪو نه رهيو. اڳيانس اچي، جوڙ لڳس: موٽڪي معاف ڪاڄ. آءٌ لاچار هوس. رت وات ماڻ ڪاڇيو ڪين؛ رڳو ڪنڌ وٺي ڏوڏيائين. هيلدار پوءِ ڪائنس موڪلائي، تڪڙو تڪڙو هليو ويو. پر رت وکه مس اڳتي وڌي، ته ڏٺائين، جو آلديهو فرڪشتيءَ واريءَ وٽراڻ ٿان گهوڙي کي چالون ڏياريندو، ڪشتيءَ ڏانهن ٻڌي ويو.

رت پيلائيءَ جي مڪان تي پهتي، ته منهن ۾ پهرين پهرين نديءَ ساهيڙيس گڏي، جا اُماڪ رنڊڪي ۾ وٺي ويس، ۽ وڏو شاهي جام ڪيرجو پري، چيائينس: ڪر صحت!

رت جام هٿ ۾ وٺي، ورندي ڏنيس: هيڏو وڏو جام ڪنهن کان پيتو ٿيندو؟

"جو؟ گهٽو آهي ڇا؟ اسان ته جيڪر هڙا تي تي جام يڪساهيءَ چاڙهي وڃون. تون ٻه رکه، هتيانجي هوا لڳيئي، پوءِ ڏس ڪئن نه ٿا پيٽ ۾ ڪئا ڊوڙنئي. آرٽ آرٽ نه پيئي ڪرين، ته منهنجو نالو مٽائي ڪٽي پيو رکاڄ. پر مڃي، ڪئن رنڊو منهنجو وٽيئي ٿو؟"

”صفائي واهه جي آهي! مگر پيئي ترڪي. پر سڀجي، رڌڻ پچائڻ جو ڪم سڀ تون پاڻ ڪرين ڇا؟“

”منهنجا هٿ نٿي ڏسين؟ ههڙا ڏٻل تڏهن جو ٿيا آهن؟“

”جس هجيئي. هٿڇين پر ڪا نه؟“

”آءٌ پاڻ وندري پيئي آهيان.“

”هائو، جتي ڪٿ ڦٽ ڪانهي، اتي ڪم مان پاڻ مزو پيو اچي.“

”تنهن ۾ ته شڪ ئي ڪونهي. پر تون مڃي، هيئن گورو ڇو پيئي ڳالهائين؟ تنهنجو وقت گهر ۾ جيڪس سڪيو نٿو نبري!“

”ادي پڇيئي ڪين.“

”پنهنجي ڏاڏيءَ جي ته ساڳن مان ڏاڍين ڪانه ٿي؛ پوءِ گهر ۾ تڏهن پيو ڏکر سور ڪهڙو آئيئي؟“

”ڏاڏيءَ جي ته ڳالهه ئي نه ڪر. پنهنجو پاڻ هنڪي ياد ئي ڪونهي. ڏينهن رات منهنجي ئي تات اٿس. تنهن ۾ لڳايو ڪارائيم. سندس نمونو ڏسين، ته جيڪر حيرت وٺي وڃيئي! مون تان گهوردن پيئي گهوري. ڏاڏيءَ جون ساکون، آءٌ جيڪي ڪريان، سي ٿورڙيون!“

”تڏهن ته مونکي به ٿي مات لڳي نه، جو چئين ٿي، گهر ۾ مون لاءِ سگهه ئي ڪونهي!“

پر رت وڏيڪ ڪانہ چلي. هيلدار ڪي ئي پيٽ ڏيئي، ڏاڍو پڇتايو هئائين. ٻچا ٻچا ماسيءَ ۽ ماسات جو ڏاڍو وڏو ويچار تي ٿيس. ڪيترو ئي بس ڪيائين، تہ ساهيڙيس چيس: هلہ واڙي مان ڦيرو ڏياري اچون. واڙي ۾ گابن ۽ گابين آهر مان ڏارو پئي چرو، ۽ ڪدڪڙيون ۽ بدڪون هيڏانهن هوڏانهن پئي آيون ويون. هي پئي اندر گهڙيون، تہ سپيئي ساهوارا ساهيڙيس کي وڪوڙي ويا. هڪڙي پڪيءَ تہ وس ڪيو! ٽپ ڏيئي، اچي انهن جي چچي تي ويٺو، ۽ چپ ڪڍي سندس هٿ چٿڻ لڳو. ساهوارا رت سان ٻہ ٻاو ٻاڪ ڀري ويا. پاڻ ۾ تہ اڳہ جي ساٿس ڏيٺ هئين. هيءَ ٻاڪر پيئي پائين، ٻڌيون پيئي وٺين. هنن ٻہ سرهائيءَ وچون نينگہ ٿپا پي ڏنا. ساهيڙيس کي ٻہ هي رنگہ ڏسي، ڏاڍي سرهائي ٿي. چيائينس: ڪيتري ۾ نہ هنن جي هڏن ۾ پيهي ويئي آهين؟

پوءِ تہ پئي جٽيون لنگهي اندر ٿيون. نيرن تي هوءَ وڏي ساهيڙيس ۽ سندن پيءُ ٻہ اچي ويٺو. هي تہ هري مڙي ڪالهہ ئي ساڻن ويئي هئي. اڄ جا ٻاقي ماساتيس ٻہ ڪا نہ هئي، تنهنڪري، رهيو کهيو حاج، سو ٻہ هنجو لهي ويو.

منهنجهند ٽاڻي، رت، ايوا کي چيو: تون شهر جي گوڙ شور تي هريل، هتي ڪڪ ٻہ ڪانہ ٿين؟

ايوا ورندي ڏنيس: ڪڪ جو ٿيان؟ آءٌ پنهنجي

خوشيءَ ھتي رھي پيس. ڪنھن مونکي پڏي ڪونہ وھاريو.
”آءٌ ڀانيان ٿي، تہ ٻيلي ۾ ڪو مڙيوئي ڪوڪٽ ٿو ڏسجي، جنھن ڪارڻ تون موٽي ٻڍيءَ وٽ شھر ۾ نہ ٿي وڃي. ٻڍيءَ وٽ نہ تہ روز محفل لڳي پيئي آھي. ٻوءِ اُنھيءَ کي تو ڪنھن ڳالھہ جي خاطر تہ سھسا پيہ ھوندو؟ نہ تہ ھيڏا مزا شھر جا ڪير ڇڏي؟“

”ٻيلي مونکي پنھنجي جادوءَ سان ڇلي وڌو!“

”ٻيلي جي جادوءَ، ڪين ڪنھن ٻيلي واري جي جادوءَ؟“

”ڏسجانءِ متان اُھو توتي بہ نہ ڪٽي ڪو ڦيٽو پڙھي وجھي!“

”مونتي سندس جادو ڪامڻ ھلندو وئي ڪونہ. ائين آءٌ ڏٺي آھيان. پيو بہ مونکي فرصت ڪٿي، جو تو جئان پھر پيٺي پچايان. جيتوڻيڪ نندي ھوندي ڪا نٿي ٻيلي لاءِ دل ڇڪيون پئي ڏنيون اٿم، جو اما واري اھا لڇہ مون ۾ بہ رھيل ٿي ڏسجي، تہ بہ آءٌ فقط آرھڙ جا ڏينھن سو منھنجھس ڏاڍو خوش ٿي گذاريان، باقي سياري ۾ تہ جيڪر وقت ئي وڏي پئيم. شھر ۾، نہ تہ، منھنجي لاءِ ڪا وندر ۽ ورونھن وراھجي ڪا نہ پيئي. آءٌ تہ روزگار لاءِ جڏھن ڏينھن رات نور نچويان، تڏھن مس ھلي سگھان. وڏو ڇيھہ تہ رات جو ڪا واند ڪائي ملندي اٿم. پر اُتي، جي پي ڪا وندر ڪا نہ ٿئي، تہ ڪم مھل ساھيڙيون سڏون تہ مڙئي اچيو پاڻ ۾ گڏجون. اڪيلائي بہ ھون، جيڪر

مونکي ڪا نہ ماري. پرسياري ۾ چيڙي سر، نہ ماڻهو روئندو سو نهين، نہ پڇيندو سو نهين."

"تو نيڻگر اچا دنيا ڏٺي ڪا نهي. حيا تيءَ جي لاهہ چاڙهہ جي توکي کهڙي سڌ؟ ماڻهوءَ جي مٿان گهڻيئي ڏا اهڙا دور اچن، جو مٿا پيارا سڀ ڪا ئنس ڦريو وڃن. جنهن ٽڪريءَ تي پاڻ بيٺو هئجي، سا تپايو ڏيئس. جنکي پاڻ اکين ۾ نور ڪيو سمجهي، سي سندس جاني دشمن بڻجيو پون. اُن مهل ڏس تہ اڪيلائي ماري ٿي، ڪين پاڻ جيا ري ٿي؟"

"ماڻهو بي ايمان ٿين، تہ پاڻکي ڪٿي اڪيلائيءَ جو ڊپ ڏجي؟ واہ! اهڙي ڪا نڙ آءٌ بہ ڪا نہ آهيان. آءٌ تہ جيڪر اهڙن جيون جو ويچار بہ ڪو نہ ڪريان."

"اوڦتو ماڻهن جي ڳالهہ مون تو رڙيائي ڪئي. انهن جي خاطر ڪو چريو جيو هوندو، جو پاڻ سان ائين وڙهندو. پر ڏس. تنهنجي دادي آهي. سپان اها توکي چوي: پاڻ پنهي جي نہ بڻي. مونکي تون ڏٺي نہ ٿي وڻي. منهنجو تو لاءِ هنئر هڏ نہ تو ڪرڪي. منهنجي جند ڪري ڇڏ ......"

"دادي اهڙي ڪنور دل آهيئي ڪا نہ. داديءَ نانءَ مٿان ڪڏهن اهڙي ڳالهہ ڪئي اٿيئي."

"آءٌ پيئڙي، رڳو مثال جي ٿي ڳالهہ ڪريان. تنهنجي

دادي شل توکي سدائين نيڪ ڪجي! پر ڏسو، ماڻهوءَ جي مٿان اوکيون سوکيون گهڻيئي پيون اچن. مبادا هوءَ ڪنهن مهل توکان ڦري پئي، ته پوءِ؟“

رت اُتر ڪو نه ڏنس. رڳو وٺي ڏي وائڙن وانگر پئي نهاريائين.

”ڇو؟ ڪڇين نٿي؟“

”آءٌ جيڪر مري وڃان!“

”مرڻ به ته وراهجي ڪو نه پيو؟ ماڻهو مرندو به وڃي سارو. وڃي موندي ڪانه، ته موت ڪٿان ايندو؟“

”منهنجي دل تي ته جيڪر هيڏو داغ ٿي پئي. وندر ورونهن سڀ وِهُه ٿي لڳيم.“

”اجهو ايڏو تو ڏاڍ اُپري. پوءِ اڳهڙون ڪٿان جيءَ، آءٌ ته جيڪر اهڙي جيو جو ويچار به ڪو نه ڪريان؟“

”مون عام ماڻهن ڏانءَ تي ائين چيو. دادي جي ڳالهه ئي ٻي ٿي.“

اني ائنا چيس: هاڻ انهن ڳالهين کي ڇڏ. آءٌ ته ٻيون کي ڳالهيون ڪريون. اول ته تنهنجي دل تان اهو اثر لهرائڻو اٿم، جو پانيو ويٺي آهين، ته سياري رهتي ڪا موج ٿيئي ڪانه،

رت وراڻي ڏنس: توکي جيڪي وس هلائڻا هجن، سي پئي هلاءِ؛ پر مونکان ڪڏهن پڇ مور ڪانه. ڇو ته

پنهنجي طبيعت کي آءٌ چڱيءَ ريت سمجهاڻان.

ايوا پڇيس: تڏهن تون ڪنهن ڀلائيءَ سان جيڪر پاڻ پلي پڌ ين ڪين؟

رت چيس: وس پڄندي ته نه. پر ڏسو، ورڌا ٿا منهنجو انگ ڪري ساڻس لڪيو هجي، ته سياري ۾ ته جيڪر آءٌ وڃائنس پاڄي وڃان.

”هڪڙو سيارو هتي رهي ڏس، ته پوءِ سڌ پويئي، ته ڪيتري ويهين سو آهي؟ پهيون، پوءِ جڏهن برف سان ڇانئجي ٿا وڃن، ۽ برف جا ڳنڍيا وڻن ۾ جانبوڻن وانگر پيا چمڪن، تڏهن جيڪو پيائي جو رنگ ڍنگ ٿئي ٿو، تنهنجي خبر انهن کان پڇ، جنهنجو ساڻس پيڄ پيل آهي. مونکي ته منهنجيءَ اونهاري کان به سياري ۾ وڌيڪ مزو ٿو اچي. خصوصاً رات ٽاڻي، جڏهن سن سخت لڳي ٿي وڃي، ۽ پال چندرما هن ماٿر مٿان کڙي ٿو بهي...“

ايوا تڪ پوري ڪانه ڪئي، ته ائنا ڳالهه کي وڌائيندي هلي. جي... ماٿرجي مٿان جڏهن پالچندرما کڙي ٿو بهي، تڏهن پوڻ، پاڻي پڻستر اچيو، منهنجي داديءَ کي ڏڌارين، ۽ داديءَ جو ٻت ڪري ڪتيمئي پيو رهي، ته به جان سندس هتي بيٺي وسي. پر رت تون اهي ڳالهيون نه ٿو سمجهي سگهين؛ جو ته جنهنکي لڳي ٿي، قدر انهنکي ئي ٿو پوي. منهنجي دادي به آلپنهو فر جيان اٿيئي؛

جو به مهان جو مهاون، وڃي انهيءَ ... ماڙيءَ ۾، ٻيڙين جي ڪشتيءَ وٽ، پاڻ وڻ رائيندو آهي. ڪشتي وڏي مونکي ٻه ۽ ٻه آءُ؟ اُتس هُن ٻن جڻن مستان ڪان ته آهيان. هيڪر ڏسي، ٻه ڪري ڇڏيو اٿانس. هُن جي ته سڄو صبوح ڏانهنس ٻوڙ آهي. پر تو جا ته اڪيلائيءَ جي ٿي ڳالهه ڪئي، سو آئين ته چاڙهج، ته سياري ۾ اسانوٽ ڀرئي ڪانه اچي. سياري ۾ پاڻ محفلون ۽ مجلسون هتي گهٽيون ٿيون لڳن ۽ جو پيلاڻين کي اها مندئي هيڪاندي وانڊ ڪائي ٿي ملي. پوءِ ناچ ڳانا هُن جا ڪتن ئي ڪين. پيلي جي پٺئي نظاري جي ڪثر انهيءَ ۾ ئي اچيو وڃي. انهن محفلن ۾ آلڊينهوفر به اچيو شامل ٿئي.

اتي ايوا جي ڳالهه ۾ لالائي اچي ويئي، ۽ پيٽ کي ڪو اشارو ڪيائين، جنهنڪري ائنا هوءَ ڳالهه اتيئي ڪري ڇڏي؛ رڳو چپن ۾ چيائين: جو؟ پاڻ ماڙيءَ تي اچي ويو ڇا؟ ايوا وتي ڪنڌ ڌوڻيو.

رٽ چيو: اسان ته ڪيس ايندو ڏٺوئي ڪونه.

ائنا پڇايس: سندس لنگهه هتان پٺئي ٻاهر ڪان آهي.

گهڙي ڪن ڪا نپوءِ، رٽ چيو: آءُ هاڻ وڃان ٿي. سڄ به اچهو لٿو ڪي لٿو.

ائنا چيس: تڪڙ ڪهڙي لڳي اٿيئي؟ رڳو ته الائيس ته اچي.

رت ٻڌايس: اُها وات تي ئي گڏ ٻيهر پاڻ خوش ٿيندي. ڪالهه ئي پٺي وِرتي. هيڏو پنڌ ڪائنس جيڪس پڄي اٿو.

ايوا چيس: تڏهين اوستائين آءٌ ٿي توسان گڏ جي هلان. پوءِ پٺي ساهيڙيون نڪري پاهر ٿيون.

وات تي ايوا چيو: نماشام جو پاهر پير ڪڍڻ جي ٿو، ته ٻت بوڏ ۾ اچيو وڃي.

رت ورندي واري: سو ته وري ڇهڙيءَ هوا ۾!

ائين ڳالهيون ڪنديون، هلنديون پٺي ويون، ته رت پڇيس: هتي ڀيا پکي ته گهٽيئي ڀيا ڏسجن، پر بلبل ڪا نه ٿئي ڪٿن؟

ايوا ورندي ڏنس: بلبليون آهن چون ته، پر اُنهن جو ٿانو ڪاٺو هرڻا جي ماٿر ۾.

”سيڪو پيو انهيءَ ماٿر جي ڳالهه ڪري. آءٌ جيڪر هڪوار اُتان ٿي اچان!“

”پر اُتي اڪيلي متان وڃي!“

”ڇو؟“

”ماڻهو ڏاڍا ڊپ ٿا ڏين.“

”آءٌ ادي، سڀئي پرم واريان ئي ڪونه.“

ايوا ڪڇيو ڪونه. رڳو وٺي مشڪيائين.

رت پڇيس: ڀلا ڳالهه ته ٻڌائينم، ڪهڙو مڃهس اسرار آهي؟

ايوا ورندي ڏنس: هينئر ڇڏ، جو تہ ڳالهہ ٻڌائيندين سان ۽
تہ پوءِ وڃڻ تي دل ئي ڪا نہ ٿيندي ۽. هيڪر اکين
سان رنگ ڏسي اچ، پوءِ ڳالهہ پري ڪانهي.
" ائين تہ پاڻ منهنجي دل اڏارين ٿي. تنهن ۾
جيستائين ٻڌائيندينءَ، تيستائين آءٌ ڪين پيئي کائيندي سان ۽."
تڏهن هن ساري ڳالهہ ڪري ٻڌايس. "جي، هتي
هڪڙو آهيڙي رهندو هو، جنهن کي ٻہ ڌيون هيون. ٻہ
وڏيءَ کان ننڍيءَ جو منهن ڪو وڌيڪ نمڪ وارو هو.
اُنهيءَ تي هڪڙو اميرزادو اچي موهت ٿيو. هيءَ ڪشتي،
جو ن ٿا، اُنهيءَ ڪٺائي. انهيءَ ڪشتيءَ وٽ، هوءَ ڏهاڙي
اچي ڪيس گڏ ٿي هئي ۽ هاڻ جون مهلون، هي پاڻ ۾ پيا
پريت ونڊيندا هوا. هوءَ وڏي، جا انهيءَ رينجي ٿي
ويئي، تنهنکي اچي انهيءَ تان ساڙ لڳو. ڪنڙا ڏيئي،
وڃي هنن جون سڀيئي ڳالهيون ٻڌندي هئي.
ڪنهن وقت اميرزادي کي ڪو ٿورڙن ڏهاڙن ڪانہ پاهر
وڃڻو پيو. هن وڏيءَ، وجهہ وٺي، ڀيڻ کي ڪشتيءَ ۾
ٻوڙي ڇڏيو. اميرزادي موٽي اچي جڏهن خبر ٻڌي،
تڏهن لاش تہ پنهنجي ڪنوار جو وڃي ڪشتيءَ مان
ڪڍايائين، پر پاڻ ڪائنس پڇا ڳاڇا تڳيوئي ڪين. ڪاڏو پيءُ
ڇڏي ڏنائين، ۽ ڳري ڪندا ٿي ويو. انت ويلي ڏائين سڏ
ڪانہ پيس، تہ منهنجيءَ پانهن سان هي ڏوهہ ڪنهن ڪيو.

هن وڏيءَ کي ٻه پاپ ڪرڻ ڦٻيو ڪونه. اندر واري جو پونا هئيس، سو رات جي ننڊ ڦٽي پيس. پوءِ ته ديواني ٿي پيئي. نيٺ ڦاٽ ڪاڏائين. پر اوڏو ڪيرئي ڪونه ويندو هوس. ڪشتيءَ وٽ ويئي، گهڙيءَ ٻيٺي روئندي هئي، گهڙيءَ ٻيٺي ڪلندي هئي. پٽس ماٽس گهٽائي زور ڪندا هئس، ته هلي گهر ۾ ويهه، پر هيءَ پڌندي ڪا نه هين. ورهين جا ورهيه ائين نبري ويا. نيٺ هڪ ڏهاڙي ماٽس ڪا وڃ ڪري، ته هيءَ مري ويئي. تڏهانڪر انهيءَ ڪشتيءَ کي، جون ٿا ٻارانو لڳي ويو آهي. هاڻ ته جيڪو ٿو هيڪرئي اڪيلو اُتي پير پائي، تنهنکي ملولائي وٺيو وڃي. آلبت پنهنجو فرزانو ٻه، جون ٿا، انهيءَ جو ڪو اتس اثر پئجي ويو آهي.

(۵)

ماسيس ته پئي ڏجهي. جي آبائتو ما زائتو وڪوئي ڪونه اٿس. وٽس ٻاڻ سان اندر پاهر ڪهڙي وکيچر کي ٿي وڃي؟ پر ماسا تيس ماءُ کي ٻه لڏوائي جڏ پوءِ ته شهر ۾ جيڪي ٻه وڏا وڏا گهر هئا، تن وٽ رٽ جي وڃي چاڻ سڃاڻ ڪرايائين. ٻن چئن گهرن ۾، البت ٿڌي ٿوري، وڏ گهراڻين هنن جي سڪٽي آءُ پاءُ ڪئي؛ پر هڪڙي هنڌ، جتي اُنو يل هيلدار ٻه هڪيو هو، ته ٻاڻ هڪڙيءَ نازنين سان ڪن سن ۾ ڳالهيون پئي ڪيائين، اتي هنن پير پاتو، ته هن نازنين ته منهن

ڪونهُ ڏنن، پر خود هيلبدار به ڪرسيءَ تان سوآڻي بيٺو، پر ڏيکاريائين ائين، ڄڻ هننکي سڃاڻيئي ڪونه؟ ۽ سڏئي ڪانه هيس، تہ هي ڪهڙيءَ ڪنڊ جون آهن.

انهيءَ تان رت کي جان تان سراپ وٺي ويو؛ پر ڳالهہ دل ۾ئي رکيائين. باقي ماساتيس پاهر آئي، اها سا اجي چِلي، جي، هي وڏا ماڻهو پاڻ کي سمجهن الاجي ڇا ٿا؟ پائڻين ٿا، اسان مان به ڪجهہ ٿي پيو! اسان ڄڻ تہ سندن ڪِش آهيون. پر اجا شڪر، جو اسانکي ملهہ ڪونہ ڳڌو اٿن. دخل تہ ڏسين. ڏيڍ چانور ٿو ڏور رجهين. هن هيلبدار جا حال ڏٺءِ؟ هونءَ ڏس، ڪيتري نہ ڇت ڇت ڪندو اٿيئي؟ هينئر پاڻ تہ توسان رستوئي ڪونہ اٿس. ماريو عيشي ڄمرو، پاڻ جهڙن جي ريت رسمات جو پا پند، متان سندس قند ۾ ڦاٿي آهين. ههڙن ماڻهن تي جيڪا ويسهہ ڪري، سا پنهنجي عمر ڪاري. جتي لڳين، اُتي دل وندرائي، پوءِ باغي ٿيو وڃن.

رت تہ ماڻ ڪيو پٺي سندس ڳالهہ پڌي.

(٦)

پيلا ين وت رت پيرو پڳوئي ڪونہ. ڏهاڙي پريون صبوح ڏيئي اٿندي هئي، ۽ سڄو اُپرندو ئي ڪونہ هو، تہ وٽن اچي حاضر ٿيندي هئي. ماسيءَ جي گهروري رات جو چرڪيرو موٽندي هئي. سڄو لٿي، هيلبدار اچي بيٺندو هوس، تيستر انهيءَ سان گڏ پيلي ۾ پيئي گهمندي ڦرندي

هئي. هيلبدار، ڏينهن جو به، ڪا گهڙي اڌ واندو ٿيندو هو، ته وٽس لنگهي ايندو هو. هنجي صحبت اهڙي وڻي ويس، جو نت نوان نوان نظارا نظر مان ڪڍي، هنکي وجي ڏيکاريندو هو. پاڻ ڳالهيڙ به هڪڙوئي هو. رت کي نيٺ پاڻ ايتري قدر هيري ڇڏيائين، جو هوءَ به ڪانئس شڪ ڪندي ڪا نه هئي. ڪڏهن ته اندر به کولي ٻڌائيندي هيس. هيلبدار به ڏٺو، ته جي ٻڙهي ڳڙهي گهڻو نه چاڻي، ته سمجهه ۽ عقل، ٻڙهيان کان ڪنهن به ريت گهٽ ڪو نه اٿس. گهڻين کان پاڻ چار رتيون سرس ئي ٿيندي. ڳالهائڻ سندس فهميدو، اُٿڻ وهڻ جي ڪرائتي، ڪنهن ڪنهن ويل سندس واتان جيوت نسبت اوچا اوچا خيال ڪن تي پوندا هئس، ته هي پارا جرج پيو کائيندو هو، ته خيال جي هڙي بلندي هن پرائي ڪٿان؟ ان باري ۾ پاڻ نه ته اهڙو ڏکڻو هو، جو ڪا ذري مڃيس ويڪ ڏسي ها، ته وري سندس ويجهو به ڪين وڃي ها، پرهين سان هيتريءَ لڙه وچڙهوندي به، ڪانئس ڪري پڇاڙي ها، ته ڪٿن هڙي پانهن پسند اٿيئي؟ ته اڳلي ٿي جيڪر ٿهه ڪري پئي کاري ها!

رت کي ٻاهر جي هوا ۾ جهانگيڻ جو ڪير اهڙو لڳو، جو گندلي ٿي پئي. منهن جي ڦڪاڻ هيئنر رهيس ئي ڪا نه. ڳل گلاب جهڙا ٿي پيس. اکيون ته هونءَ به

آب ڪٿورا هنيس، هاڻ ته ڇهري جي زيب ڪارڻ هيڪاري منهنجون نوز جو ٽڪاو وڏيڪ پي ڏنو.

هڪڙي ڏهاڙي، ته پهريءَ جو، اڪيلي سر، منهن ۾ وينئي مٺي، ۽ وطن جي جوتين ڏي پٺي نهارياءُ، ته پن مڙساڙن جي ڳالهاءِ جو آواز اچي ڪن تي پيس. پاڻ گهڙي اڏتي هيس، جو خط لکي بس ڪئي هئائين، سي هنڌ ڙ لفافن ۾ بندي، اتي سرناما وجهي، ڪٽي پنهنجي پرسان ٻنهنج تي رکيائين.

هيلدار پنهنجي بالا عملدار آلديهوفر کي پي چيو: جناب! ڪم اهڙوتا ڪريو، جو وري ٿا ڪاتي ۾ بگاڙو وجهايو. هيريءَ سنڌي هير تنگ پگهي نه لهي. هو نجس، اصل پوءِ به ڪين سمجهندو. تنهن ۾ اجا به وجهه آتو، هڙي نازڪ ڪم تي نه رکوس.

بالا عملدار ورندي ڏنس: هي وجهه ڏيانس ٿو. من سڌري پوي. روزگار جي تنگي به ماڻهوءَ کي تالان ٿي ڪري. ڪم ۾ لڳو پيو هوندو، ته من پٽڪندس ڪين.

” مرضيءَ جا مالڪ آهيو. باقي آئنده ڳالهه ڪا هيٺ مٿي ٿي، ته مونکي حرفي نه ٺهرائجو.“

” انهيءَ کان اوهان چٽا آهيو. مٿانس آئنده نظرداري برڪ ڪندو رهندو.“

آلديهوفر ترسيو ڪو نه، کيس سلام ڪري ويو

هليو. هيلدار لنگهي اندر منهن ۾ ٿيو. اُن ۾ انهيءَ منهن ٽامڻي ٿي ويو هوس، جيڪاري جو بالا عملدار سندس ڳالهه نه مڃي هئي، تنهن ذرا ڪ وڌيڪ ئي جوش ڏياريو هوس. پر رت کي جو ڏٺائين، ته منهن جو چهرو وري ڦيو ٿي پيس. رت کي چيائين: ڇا ؟ شولز کي وري به ٽا اسانجي ڪاتي ۾ رکن.

رت ورندي ڏنس: هائو، مونکي پاڻ ڪن تي اهڙو پرلاءُ پيو.

” الله پنهونر کي سڌ ڪا نه ٿي پوي. باقي هنکي رکي، نيٺ ڏاڍو پڇتائيندو. پر تنهن ۾ منهنجو ڇا وڃي؟ منهنجو ته آئنده ساڻس واسطوئي ڪو نه رهندو. “

ڳالهه پاهران بي پرواهيءَ سان ٿي ڪيائين، پر اندر ۾ آرام ڪو نه هوس. ڪليائين به زور ڏيئي پئي. اهائي رت هتي هن ويل نه هجي ها، ته هي ڪا ويرم پيو جهڙي وڃڙي ها. اتي اکر وجي لفافن تي پيس. پهچ تي وڃي، رت کي چيائين: خط نه ڪين آهن، ڪي رسالا ٽا ڏسجن.

رت پڙ آيس: لکيا به اڄ ئي اٿم. جيتوڻيڪ سويلو چڪر به ڏاڍا ماري آئي آهيان.

هيلدار: چڪر ته چڱا، پر تون سپاهي ايڏي جا ڪوڙ نه ڪر. آءٌ ماسا تيهن کي به ٽيٺ ڏيئي ٿو ڇڏيان، ته ائين توکي پنهنجي وه نه ڇڏي ڏئي.

رت پنهنجون اکيون کڻي سندس اکين ۾ کپايون،
منهن تي مرڪ، چيائينس: پنڌ هندڙ آءٌ لڪايائي ڪانه
ٿي. ڏسو ٻت ۾ ڪيترو نه وري آهيان.

هيلدار ڏانهس نهاري، سرهو ٿي ٿيو. اُتر ڏنائينس:
تنهن ۾ ته شڪ ئي ڪونهي. دادي هن جڏهن سڀا ڪي
هئي، ته سرو ۽ سيارو به جوڳي، اتي ئي رهي پئي.

" سرو ۽ سياري ۾ هتي ڪير رهندي؟ آءٌ ته جيڪر
ڪڪ تي پوان. تنهن ڏينهن هتي منهنجي سا هيڙين به
اهڙي ڳالهه ڪئي. پر هتي ڪي هتي جهڙو اونهارو تهڙو
سيارو. گهر گهاٽ جو هتي ٿين."

" تڏهن دنيا جو گوڙ شور توکي وڻي ٿو؟"

" گوڙ شور نه، باقي سنباسين جيان ايڪانت ۾
پارهوئي جيڪر آءٌ به ڪانه گهاريان."

" ڳالهه منهنجي دل وٽان ڪئي اٿيئي. هن باري
۾ آءٌ توسان بالڪل شامل راءِ آهيان. انهيءَ ڪارڻ ئي،
مونکي جٽ جهڙ ماهيءَ شهر جي ڇڪ ٿئي ٿي."

" اوهانجو سڀاءُ مونکي جان تان جنجل پيو لڳي."

" مون تنهن ڏينهن ڪين توکي ٻڌايو، ته ڪڏهن
ڪڏهن آءٌ پيالي مان ٻاڻ چڙهائي، وڃي شهر جي فرحت
وٺندو آهيان؛ پر تڏهن به پيلو مونکي ٻنهه وسري ڪونه
وڃي، جو ته اڳي پوءِ منهنجهانس جيڪا موج ايندي اٿم،

تنهن سان شهر واري ساٿ جي پيٽ ڀري ڪا نه سگهي. سو چنچلتا جو الزام مٿان مونتي مڙهيندي آهين."

"ڇٽ ڇڙ ماهيءَ، ڏينهن ٻه، ٻه ڪنائنس باغيءَ تي ويندا آهيو نه؟ آءٌ جيڪر اوهان جيان پنهنجيءَ رضامنديءَ سان هيڪر ٻيلي جي اڇي اوٽ وٺان، ته پوءِ سرو ۽ سياريءَ ٻه، مونکي پاڻ منو پيو لڳي. شهر جي گوڙ گهمسان کي ماٺهو ڇڏيو، ڇڏيو. وري جو وڃي پاڻ منجهس لوڙجي، تنهن مان رس جس ڪهڙو؟"

"تڏهين تون سچ پچ مونکي چنچل سڀاءَ وارو سمجهيو ويٺي آهين؟ تون پاڻئين ٿي، ته منهنجي وفائيءَ تي ويسهه آهيئي ڪو نه؟"

"بي وفائيءَ جي ڪا مون ڳالهه ڪئي؟"

"صاف صاف ڪو نه ٿي چوين، پر مطلب اهو ئي ٿيئي. آءٌ ان لاءِ توکي ڏوه ڪو نه ٿو ڏيان. پر ايتري پڪ ڄاڻج، ته وفائيءَ ۾ ڪنهن ڪنهن ويل جيڪڏهين آءٌ جفائي ڪيو وهان، ته به دل سالم اٿم. تون پنهنجيءَ داديءَ ناڻءِ جوندي آهين، ته دل اهڙي سون ورني اٿس، جو پنهنجو پاڻ هنکي ياد ئي ڪونهي. آءٌ هنجي جتيءَ ۾ ايتري قدر ڪري پير نه به پائي سگهان، پر جن سان هيڪر منهنجي دل لڳي، تن سان آءٌ توڙ تائين نباهي ڄاڻان.

آءِ ايمان سان ٿو چوان، تہ تنهنجو نينهن جهڙو منهنجيءَ ڏاڍيءَ سان آهي، اهڙو جي مونسان ٿي پوي، تہ آءِ جهڙو هنڌُر آهيان، تنهنکان گهڻو گهڻو بهتر ٿي سگهان. پوءِ تون نٿي ٻڌائين، تہ تنهنجيءَ ڏاڍيءَ سان ڏسڻ، آءِ جيڪر واه جو بڻ منهنجي وڃان؟"

رتن کنڌ سان ہا نہ ڪيس، ۽ وات سان ہہ ٻڌايس: ڏاڍي منهنجو مت ٻار آهي. هن جڳ، توهان کان منهنجو ٻار نپٽ وساريو ٿيندو ڪو نہ.

"تون سمجهين ٿي چا، تہ هن ٿوري عرصي اندر ئي، تو منهنجو اندازو وٺي ڇڏيو آهي؟ تون ائين وسهيو ويٺي آهين چا، تہ منهنجي پيار مان سدائين خودئِ جي خوءِ پيئي ايندي؟"

"اهڙي تهمت آءِ اوهان تي ڪا نہ ٿي رکان. آءِ چاٽان ٿي، تہ پيءَ ڏرم جيڪڏهن ڏيا ۽ مٺيا پئي هجن، تہ پوءِ اوهان ونڻ چا نہ آهيو. اهڙيءَ حالت ۾ اوهان جيڪر منهنجو ٻار ہہ ٻنهہ وساري ڇڏيو. اهڙي جيو جي مٿان جيڪر اوهان اُٿندي وهندي گهوروں پيا گهوريو. جو تہ اوهانجو هرڪہ هار بوئي اُتي، جتي خدائي حسن نزاڪت سان شامل، انساني جوڙ ۽ جهسار ہہ موجود هوندو. پر منهنجيءَ ڏاڍيءَ ٻاطي ئي پيءَ ٻڙهہ مان پيتو آهي. آءِ هنجي ساڳيءَ گاجيءَ ليڊيل پيڻ ۽ ڪانہ ٿيان؛ تہ ہہ منهنجي خاطر ٻاڪي

سِڪائي ڇڏيو اٿس. منهنجي صدقي ڦِٽ لعنت، گار گند، ڌڪ ٻچو مٿو ڪيو بيٺي پوڳي. پورهيو به، نه ته، ڇڪرتي ڪري؛ ته به پاڻ تي قياس ئي ڪو نه اٿس. ٻڪون لنگهڻ ڪڏي به، مونکي رسد رسائيندي اچي. هيڏو پاڻ تي ڪوپ ڪاهي لاءِ ڪنيو ويٺي آهي؟ نه ته، مون جيان ماٺيلي ٻي وٽ رهڻ لاءِ پتل به ڪانهي. ڀهڙو سدورو جيو، ڪٿي به جيڪر سمائجي وڃي. پرچوي: تو منهنجي پيڻ ڪي ڀهڙي جڙ جيو جي پناري ڪٿن ڇڏيان؟ اُها پيڻ ڦاٽي نه مري، جا توسان اهڙو ڦهر ڪري! هاڻي اوهان سمجهندا هوندو، ته آءٌ سندس سا ڪنهان ڇو نٿي ڏيان؟ پيو آخر تہ آءٌ هنکي ڏيٺي ڪا نہ سگهنديس، سو ڪير به ڪٺي پنهنجي ساٿس پيت ڪري، ته مونکي ڳالهه پسند ڪين اچي."

هيلبدار سندس دٿ وٺي ڪٺي پنهنجن ڇپن تي رکيو. جيائيندس: آءٌ سمجهان ٿو، ته تنهنجي دادي هڪ اعلايل روح آهي. هوءَ برابر ڪنهن اوچي عرش تي ويٺي اُڏا مي. پر پڪ چاڻجي، ته آءٌ به هنئر جي پُوٽو مٿي پرن ۾ پيو وسان، ته دچ جا پنڌڻ پاڇي، آخر انهي عرش ڪرس تي پهچي سگهان ٿو، جيتوڻيڪ سمجهان ٿو، ته انهيءَ ۾ اچا ڪي مدتون لڳي وينديون.

رت پيو اُترڪو نه ڏنس. رکيو منهن وٺي نماٽو ڪيائين.

هيلبدار اُٺي ڪڙو ٿيو. جيائيندس: اها ڳالهه به جيڪس

توکي نہ وڻي. پوءِ انهيءَ اوگيا لاءِ آءٌ توکان ڪئن بخشايان؟
رت مشڪي وراڻيس: بس، اوهان بخشائي ڇڏيو.
اُنجي عيوض، آءٌ اوهان سان پورل ٿي ڪريان، تہ داديءَ
کي ساري اوهانجي حقيقت لکي ٿي موڪليان.

”ڏاڏيءَ جي نانءِ ضرور لکجانس.“

”پر ايترو بہ پڌائيندد يسانس، تہ ڪڙي ڳالھہ اوهان نسبت
جاجي اٿمر؛ جنهن جو اڃا ڦوڙو آءٌ نہ ڦوڙهي سگهي آهيان.“

”اُها ڪهڙي ڳالھہ؟“

”ياد اٿو، تہ تنهن ڏهاڙي، آءٌ ۽ ماساتيمر هتي آيوسين، تہ
اوهان اسانکي دوسئي ڪونہ ڏنو؟ اُنوقت ڍنگ اوهانجو
اهڙو هو، جڻ اڳي اسانکي ڪڏهن ڏنو ئي ڪونہ هو!“

”ياد اٿمر. پر اها ڳالھہ آءٌ توکي ڪنهن پئي ڏاڏي
سمجهائيندس. هنمر معافي طلب آهيان.“

”خير! پر آءٌ هتي باقي ڪي ڏه پارهن ڏينهن مس آهيانو.“

”بس؟ ائين وري ڪئن ٿي ڪرين؟ مهنو ماس تہ
پيو ہ ڙڪ.“

”نکو ڪالھہ ہ هتان جڻي آئي اٿمر. منہ ہ اڇها
ڦري ڪي ڦري. ڪم ہڏان ڪا سرندي؟ مون ہ اڇها،
اچ ورندي ڏني اٿمان، تہ اچان ٿي.“

هيلدار هيٺ نڙي، سرناما چتائي پئي پڙهيا، تہ رت
جيس: اکر ہ آءٌ سدا ڪين لکي جاڻان.

هيلدار سرناما پڙهي، جان ڏان ٽپيءَ ۾ پئجي ويو. خصوصاً هڪڙي سرنامي ڏانهن نهاري، منهن ۾ ڪٽي گهنڊ پاتائين. رت کي چيائين: وهي وات گهڻن ئي سالن تي ڏسجيئي.

” نڪو. خط پٽ جو رستو ٻن چئن سالن مس اٿم.“

” چڱا پرتو ماڻهو ٿا ڏسجن.“

هيءَ ٽڪ هيلدار نوع اهڙي ۾ چئي، جو رت سمجهي ڪا نه سگهي، ته مطلب ڇا اٿس. هڪڙو خط ته پنهنجي داديءَ ڏي لکيو هوائين، ٻيو خط هٿ ۾ ڪٽي، هيلدار کان پڇيائين: اها ٽڪ، اوهان هي سرنامو پڙهي، چئي؟ هن ماڻهوءَ سان منهنجي ورهين کان صحبت آهي.

” پاڻ ۾ جيڪس رستو ڏاڍو گهاٽو اٿو.“

” جيڪيسو. آءٌ هن کان پنهنجي حال جي ٿِر خبر ڪا نه لکايان. هنئر به هتي جو سمورو حال احوال ڏنو اٿمانس.“

” هائو، هن ٿهيءَ ۾ صحبت ٻحبت وارا گهٽيئي اچيو پانهن پيالي ٿين.“

هن ٽڪ رت کي البت ڪا وڙائي وڌو. ٽپ ڏيئي، اٿي کڙي ٿي. وات سان سوڪجهه چيائينس ڪو نه؛ هٿ پئي ڏڪيس، خطن لاءِ پئنچ تي مناڙ پائين پئي؛ هن ڏانهن گهورڪري نهاريائين ائين ٿي، جو چڻ سهمرئي ڏنائينس. پر هيلدار اُمالڪ پنهنجي چوڪ سڌيءَ ڪري ورتي.

سندس هٿ پنهنجي هٿ ۾ قابو جهلي، چيائينس: آءٌ نهايت شرمسار آهيان. مونکي ائين چوڻ نه کپندو هو. پر ڏس، هي ڪم سڀ منهنجي گرم طبيعت جا آهن. آءٌ توکان هاڻ لڪ ڪانه ٿو ڪريان. صاف صاف ٻڌايانءِ ٿو، ته مونکان اها ڳالهه گوارا ڪٿي نٿي وڃي، جو مون ڏاران ٻيو ڪو به ٻئي بشر، تنهنجي اندر جي احوال مان هن ريت واقف ٿئي. آءٌ ڄاڻيان ٿو، ته تنهنجو حال ڄاڻي، آءٌ ئي آهيان، ۽ اهڙو حق مونکي ئي آهي.

اتي هيلدار سندس هٿ ڪري ڇڏيو، ۽ منهن ڦيرائي هليو ٿي ويو. پر وري پٺيان نهاري، چوڻ لڳس: ڏس، اڄ ڪانوڻي، آءٌ ڇا ٿي پڇهي، ڇاڪي هن سرڳ ڌام مان لوڏي ٿو ڪيڏان، جو جو ڇا ٿانٿو، ته منهنجي دل درياه جيان اُڇلون پيئي ماري، ۽ سڌ ئي نه ٿي پويم، ته ٻاز ڪٿان آئيانس. آءٌ وري به توکان معافي ٿو گهران.

رت جي اکين مان دکه به پڌرو هو، پر نهاريائين ائين پئي، چڻ هن کان ڪي ڳجها سوال پئي پڇيائين. نيٺ زبان مان هي اکر اُڪليس: ڪنهن ويل اوهانجو رنگ ڍنگ اهڙو ٿيو هوي، جو آءٌ ڏڪيو وڃان. آءٌ پوءِ پيئي چوان، ته جيڪس ...

پر هيلدار تڪ پوري ڪرڻ ڪانه ڏنيس. لنوندڙين وٽ کيس به رت مڙي آيو. چپ پئي پيڙهائين. چيائينس:

تون مونکان ڪو به ڏپ نه ڪر. آءٌ توکي وچن ٿو ڏيان، ته تيستائين آءٌ وري تنهنجي منهن تي ئي ڪين چڙهندس، جيستائين مون هي پنهنجي اندر جي باه صفا اُجهائي نه ڇڏي آهي. جو ته پوءِ ئي نهايت صاف دليءَ سان آءٌ تنهنجين انهن اونهن اوڙاهن ۾ نظر هڻي سگهندس.

هيلدار روانو ٿيو، ته ائنا سڏ ڪري، چيس: اوهانجون ڳالهيون به ڪٿي ئي ڪين ٿيون. پرمائي، هن ماڻهوءَ کان سنڀال ڪجانءِ.

رت زبان سان ڪجهه ڪو نه، رڳو، خط ڪڍي هٿ ۾ ڏنائينس: ائنا پنهنجي ئي موڳ ۾ پئي ڳالهايو. چيائينس: خط ماڻهوءَ کي جوان ٿي، وڃي ٽپال ۾ وجهندو. پرتو ته اجا ڪير به ڪو نه پيتو آهي. سيگهه ڪري وٺ. پاڻيائتي واجوڙو سڀري ٿو اچي. تنهن ۾ ساجهرئي پيلي مان گهمتا ري ڏيئي آءٌ. ميخهن واچ ۾ پوءِ نڪري ڪا نه سگهندينءَ.

رت ڪيرپي ٻاهر نڪتي، ته منهن ني جان ٿان مايوسائي چانٺي بيٺي هيس. پندرهن ويهه وکون اڳتي وڌي، ته پرسان هڪڙي سبزويءَ تي وڃي اڪر پيس. هيءَ اُماڪ ڪنڌ کي ٻانهن جي ٽيڪ ڏيئي، ڊگهي ٿي، اُتس ليٽي پيٺي. وطن جي پنڌ قڪاڻ جا اُماڄاط ڏسي، سمجهيائين ته سڙو به اجها آئي. جي، پوءِ وطن جي سڪي پنهه با ڪڙن به

ٿي ويندا، ته رڱڻ تي رنگ ته هوندو ئي ڪونه. ٻالڪ هن هنڌ، جتي سائي گاهه جي موڙ ٻيٺي ڏسجي، مڙي ٻوڙ برف پيئي هوندي. ٻکي ٻڪڙ ٻه وڃي، پيا ڪوسا ملڪ وسائيندا. دل ۾ چيائين، ته ايوا ته اُن ويل پيئي ترندي. پر آءٌ سڌو ري ڪٿي هوندس؟ آءٌ ته ڪنڌ هيٺ ڪيو، پرت ۽ سيڄي تي نور پيئي نچوئيندس. ورندي اونهاري ۾ ته منهنجو هتي اچڻ نه ٿئي. پر وري الاجي دل کهڙي شاهدي ڏنيس، سو پاڻکي آٿت ڏيڻ لڳي، ته آءٌ پاڻ ته اوس موتي ايندس؛ پر جي ڏٺيءَ گهريو، ته داديءَ کي به پاڻ سان آڻيندس.

پرپرو، اچي اوجل پاڻيءَ جي ڪا نهر پئي وهي، جنهن ۾ ڪن ٽن پارن پيرپئي پسايا، ۽ هڪ پئي کي چنبا هڻي، ٽهر ٽهر ڪري پئي کلياڻون.

انهي آوازتي هيءَ اُٿي ڪڙي ٿي، ۽ پارن وٽ اچي، ساڻن ويهي ڳالهيون ڪيائين. پارن ٽيڪرن ۾ ڪي پير چونڊي رکيا هوا. چيائين: ڦاند پري پيرمونکي به نه ڏيو؟

منهنجهن جيڪو ڏرو هو، تنهن چِڙڪ ورندي ڏنس: جي، پير پنهنجا نٿي وڃي چونڊين؟

رت پڇيس: ڪٿان وڃي چونڊيان؟

پارڙي سبز محل ڏي مهڙ ڪري، چيس: ايڏانهن پيرون ڏاڍيون اٿيئي. مت هلائيءَ ته پير جهنجها.

رت تنهن تي نهر جي ٻار، وٽان جهنجهيءَ ٽڪريءَ ڏي نهاري، پڇيس: ڇو، هيڏانهن پيرون ڪين آهن ڇا؟

هن چرڪ ڀري، چيس: ايڏانهين، هرڻا جي ماڙ ۾؟ اُتي ڪير ويندو؟

”پر آءٌ تہ وڃان ٿي.“

”اڙي، متان ويندين آهين؟“

”ڇو؟“

”ڇو ن تہ، جيڪو تو اُتي وڃي، تنهن کي ڏائڻ ڏاڍو ٿي ستائي.“

”مونکي ڪا نہ ستائيندي. آءٌ پُڇڻ جوڳي آهيانس.“

ائين چئي، رت نهر تان ٽپ ڏيئي، ٻارڙي ۽ وٺي ٽڪرو ٽڪرو پير کڻيائين. هو ٻار ٻہ اُماڪ ٻاهر نڪري، ڊوڙندو وڃي پنس ۽ چياهہ کان ڪڙي، چيائينس: آءٌ توکي وڃڻ ڇو ڏيان؟ پير مونکان وٺ. منهنجون پيفر ٻہ ڪ ڪ ڏيئي ٿيون.

پر رت وٺي ماڳو ڪيو. جي، هنئر مونکي توهانجا پير ڪين گهرجن. آءٌ ماڙيءَ ۾ پنهنجا وڃي ٿي جوڙيان.

جوکر کي اکين ۾ پاڻي تري آيو. وري ٻہ ليلائيئنس: ڏاهي ٿيءَ، ايڏانهن نہ وڃ.

پار جي هيڏي قربائتي حُجَ ڏسي، رت کلي ڏنو. چيائينس: ڀائڙا، تون ڊڄ نہ. آءٌ اڇا ٿي، صحيح سلامت موٽي اچان.

”تون هيڪر ڪري موتي ٻه اچين ۽ ٻرجون ٽال هنڌجي چڪ ڏاڍي ٻري آهي.“

”اُنهيءَ جو تون ڊپ نه ڪر. آءٌ ائين ڏئي آهيان. تون ٻاڻ ٻه سمسائي نه ٿيءُ. ماڻهو چوندا، گيدي آهين.“

انهيءَ مهڻي تان، چوڪري جو منهن لال ٿي ويو. چيائينس: ڇا؟ تو مونکي گيدي سمجهيو آهي؟ وڏي هوندي، آءٌ ڏس ته ڪهڙو نه بهادر ٿو ٿيان!“

”تڏهن هي ڳالهيون وري ڪئن ٿو ڪرين؟ تو جهڙو مڙس ٠٠٠٠ ماڻريءَ ۾ وڃڻ کان ڊجي!“

چوڪري لاجواب ٿي، اکيون ڪري زمين ۾ کپايون.

رت ٻڇيس: ٻانڙا، تنهنجو نالو؟

وراڻي ڏنائينس: فرانڪ ايبرٽ. انهيءَ ساڳيءَ ئي پڌايائينس: اسانجو گهر ٻه تنهنجيءَ ماسيءَ جي گهر سان لاڳيتو آهي. آءٌ توکي اڳيئي سڃاڻان. تنهنجي ماسي ته اهڙي مرجوٽ ٿي ڏسجي، جو توڪارڻ ويڻي جي وسعت نئي ساري سگهي. تڏهن ته پيلاين سان سنو ڪيائين.

رت کي ڳالهه ته ڪُکي آئي. ٻر چوڪري جي ههڙيءَ ريت چڙيي ڳالها ئڻ تان دل ۾ ڏاڍو ٿيس. چيائينس: ڏس، ائين گهٽو نه ڳالهائجي. هاڻ پيمرن کي وٺي، سگهو موٽي گهر وڃ. واچوڙو لڳو ڪي لڳو.

چوڪري ساڻس مهاڏو ڪونه اٽڪايو. اُماڪ

ٻيڻرن سميت اُتي گهرڏي ٻڌ ٻيو. ٻر ٻه وڳون ڪٽي، ٻڌيان نهاري، وڏي سڏ رتڪي وري ٻه مڌت ڪيائين: تون ٻه ڏاهي ٿي. موتي گهرهل.

رت ورندي ڏنس: مهنڊجي هنڌر ٽڪڙ ڪانهي. مهنڊجو ڪنهنکي اوسيڙو ٿيندو؟ اوهان ٻار آهيو. اوهانجا مائٽ اوهان ڪاٺ ويڻا نهاريندا هوندا.

چوڪري چيس: ٻيو ڪونه، ته هيلدار ته اوس توکي ياد ڪندو. چوته آءٌ ڏسندو آهيانس، ته ڏهاڙي پوڄاڙين جو، پوسٽ ماسٽر کان اچي ٻڇندو آهي، ته تون اڄا گهرموٽي آهين يا نه؟"

رت وري ورجايس ڪونه.

ٽڪري ڪا اُڏانهين ڪا نه هئي، پر وڻ اُتس، هيٺ مٿي پاسن کان ايترا ۽ اهڙا گهاٽا لڳا پيا هوا، جو مٿجهائن اڳير و لنگهي وڃڻ ڪاتر، گس ئي ڪونه ٿي ڏنو. سانت ۽ ايڪانت وري ڪهڙي هئي! ماڻهوءَ جو آواز ته نهيو، پر ڪنهن پکيءَ پرندي جي لات به ڪانه ٿي سڄي. رت ٻڌيان نهاري، کن پل ٻهڙي ويچار ڪيو، ته هاڻ ڇاڪريان؟ اڳتي وڃان يا موٽي وڃان؟ پر امالڪ مٿهن ورائي، وڻن جا ڏار هٽن سان ڏار ڏار جهلي، وچان وات ڪوڙي، مٿجهن اندر گهڙي ائين ويئي، جڻ ڪا نبي ٿي هڏيائين. وڻن جي ڏارن مان جو ڪئين مڌدون سانجهه جو ترورو ٿي هيٺ

پٺ تي ڪونہ پيو هو، سو اُنس گهاٽي سائي سيڻور جا ڇڏا
پڌ جي ويا هئا، جنهن ۾ رت جا پيرمڙي ڌائين پرجي پيا؛
وري وڻن مان جي پن ۽ گلن جا ورق ڇڻيا، سي موتين
۽ زمردن جيان مٿي ۽ گها گهڙيءَ تي ڇمبڙي پيس. رت
ڇنڊ ڪو ڏيئي، پلڪ ۾ اُهي لاهي تہ ڇڏيا، پر ڪلي ڪلي پاڻ
کي چوڻ لڳي: جادوءَ جو اثر هنڌرئي تو شروع ٿئي!
اڳيان تہ هن ڪان بہ وڏيڪ گهاٽي جهاڙ نظر آيس. ٻلوط
جا وڻ اُڀا هوا، جنڪي وليون ويڙهي ويون هيون، ۽
چوڏاري ڪار اوندهي لڳي پيئي هئي. هيءَ تڏهن بہ
اکيون پوري، ڪاهيندي هلي؛ ۽ ڪن پلڪ ۾، گهسندي
گهسندي، لنگهي جهاڙ جي هن طرف تي. هيٺ ماٿر
وارو نظارو ڏسي، سرهائيءَ وچون وات مان رڙ نڪري
ويس. اُتي پاڻ ڪان پنڌ ست وکون پري ڏٺائين، تہ گاهہ تي
ڪاجھہ ڳاڙهي رنگ واري شي پيئي هئي؛ ۽ گهڙي پلڪ
اکيون منجهس کپائي، جهٽ ڏيئي وجي اها کنيائين.
چوپڙيءَ کي ربڙ ويڙهيو پيو هو، ۽ سمجهيائين تہ جيڪس
هيلدار جي ٿي ڏسجي. پرائي شي ائين کولي پڙهي بہ تہ نہ.
پر دلہ آيس، تہ پنو تہ ورائي ڏسان؛ متان اُنتي مالڪ جو
نالو لکيو پيو هجي. ائين ئي ربڙ لاهي، پني تي اندران اکر
ڦيرايائين، تہ هيلدار جي بالا عملدار لوديٽر آلڊينهو فر جو نالو
لڳو پيو هو. هن چوپڙي بند ڪري، پنهنجي کيسي ۾ ٿي

وڏي، ته انيءَ پَٽَ جي ٽُڪرن تي وچ اکر پيسءَ جي به
سمجهيائين ته چوٻڙيءَ مان ڪريا هوندا. اُهي به اُماڪ
ڪٽي هٿ ۾ ڪيائين. پر جهڙو موٽائي، اُنهنکي چوٻڙيءَ ۾ وڌائين
ٿي، تهڙو هڪڙي تي چاڏسي، جو ڪنهن مرگهه نين سندريءَ
جي مورت جٽي پيئي هئي، جنهنجو جيتوڻيڪ ڏَپ
چڏي ويو هو، ته به ڏسندڙ سمجهي سگهيو ٿي، ته هيءَ نازنين
چا نه سونهن جي کاڻ هوندي!

رت ڪا ويرم پيئي منجهس نهاريو. پر پوءِ ٿڌو ساهه
پري، موٽائي ڪٽي چوٻڙيءَ ۾ رکيائينس.

چشمي وٽ ته عجب اسرار لڳو پيو هو! چشمي جو پٿارو
پٿر جو هو، جنهن تي گهاٽو سيئور چڙهيو پيو هو.
چشمي جي پٺيان ڏن ۾، پٿرائينءَ دِڪيءَ تي 'بوٽ پُٺاي' کڙي
هئي، جنهنجي مٿي تي پٿر جوئي تراکڙو ڪٽورو رکيل هو؛
جنهن مان وري ڦوهاري جون لاٽون زور سان مٿيرو
چڙهي، موٽي چشمي ۾ به پئي پيون، ۽ جو ڏاري سائي گاهه
تي به بوندون پئي وساڻيون. چشمي جي پاسران، ڪيترئي
ساريءَ پکيڙ ۾، گلڪاري به واهه جي هئي! گلن مان مهڪار
اُها ٿي اُٿي، جو هوا واسجي ٿي ويئي.

رت پٿاري تي هٿ رکي، اکيان ٻهي، چشمي جي
تري ۾ نهاريو. جاچيائين ٿي، ته سچ پچ ترو اهڙو اونهو
اٿس چا، جنهنجو مَپ مليئي نٿو؟ ڦوهاري مان

جي پوندن ۾ آيون، مگر اُهي مٿي منهن تي جهٽيائين، ورِي، جڏهن ماڻهو ڀاڳي ٻڙ ٻڙ ڪري مٿي ۾ چڙهيو، هُن ڪنڌ ڏيئي، اُنجو آواز ٻڌائين. ائين ٿي پيو ته چڙ جڏهن ڳالهيون ٻيو ڪٿي، ۽ سڪ وارن جون جي آسون اُميدون اُڏامي ويون هيون، تنهن اوسري، اوجهنڌارن ڏيو ٻيو روئي. رت جي رنگ ڏسي، ٻکو ٿي ويئي، جو سڏئي ڪانه ٿي ٻيس، ڇا پيئي ڪريان. ڪنڌ جهڻن پوءِ تڏهن هيٺ پير ٿيندو ويس. هيٺ تري ۾ پاڻيائين، ته سڄو ٻچو ڪنهن جي تصوير آهي، جا اول اُٺ لڳائي، پوءِ جٽيائي جٽي پيئي ڏسجي ۽ جنهنجون اکيون ڏياتين جيان ٻيون پرن ۽ ٻرالاجي جو، پاڻ ائين ٿي وسهيائين، ته ڪٿي مڙيوئي، انهن اکين جو اڳي ديدار ڪيو اٿم.

هيءَ جيڪر ٻي خبرا اڃا ته هيٺ پير نٽڙندي وڃي ها، پر ڪنهن سندس نالو وٺي، ڇتا ۽ ڪيس: ٻني تي ائين اُتر ڏ ۽ نه ويهه. تنهن تي، هيءَ چرڪ پري، اُٿي ڪڙي ٿي ۽ ڏٺائين، جو پرسان آلدينهو فربيندو اٿم. هيءَ منجهي پيئي.

آلدينهو فرچيس: آءٌ جيڪر توکي هٿن منجهايان ڪين ها ۽ پر ڏٺم تون بلڪل اڻانگي ويٺي هئين ۽ تڏهن بهتر سمجهيم، ته توکي سڏي سجاڳ ڪريان. هن ٻڙ جي ڀاري تي ويهه ٿي ڪونهي. ڪنهن ويرته ڏ هي پوي. هيڪاري، جهڙي ٿهڙي جيو جوئي اُتس ٻار ٿيو، ته ڪرندي

ويرمڙئي ڪانہ ڪندو. تنهن هوندي بہ، ٿورڙيءَ ريت وچڙ پوڻ لاءِ، آءٌ معافي طلب آهيان.

رت تهرڦهہ وراڻي ڏنس: آءٌ پاڻ اوهانجو ٿورو مڃان، ڪين اوهان کي معافي ڏيان؟

پر آلڊيڻهوفر وري ان باري ۾ ورجايس بہ ڪين. ڳالهہ ڦيرائي چڱ بائين. چي، توکي بہ تڏهن هيءَ ريس منڌي گهلي ٿي ويئي؟

رت چيس: آءٌ نٿي پانيان، تہ انهيءَ ۾ ڪو ريس منڌيءَ جو ڏوه جڻبو. ان لاءِ تلاهي آءٌ پاڻ آهيان. پيو بہ اهڙا مسئلا پرم موڪي پرمائين ئي ڪين. البت هُن ويچاريءَ جي حال تان ويچار ٿئيم ٿو.

آلڊيڻهوفر پڇيس: تڏهن حقيقت مان سندس اڳيئي واقف ٿي آئي آهين؟

رت ڪنڌ جي اشاري سان چيس: هائو.

هن وري پڇيس: تو جو پريندڻي هن ماٿر ۾ پير پاتو، تہ دل ۾ سمجهيءَ ڇا؟

رت ورندي ڏنيس: پانيم ٿي، تہ ڪنهن عاليشان مندر ۾ پيندي آهيان، جنهن ۾ هنڌ پت ڪنهن ڪري سرها ٽيون ڄڻيون آهن.

"سچ پچ هي آستان ڏيو مندر مان تِرڪين ٿو لاهي. جو تہ، جيڪو بہ ماڻهو سندس اوت اچي وڃي ٿو، تنهنجي

تني هنئين تي چنڊ وجهي، کيس نرمل ڪيو ڇڏي.
هتي جيڪو حادثو ٿي گذريو، تنهنجي يادگيري سمجهان
ٿو، ڪڏهن وسرندي ڪانه: پر تڏهين به هن هنڌ پير
پائڻ سان ماڻهوءَ جا ڪيترا پاپ ڪرم، اوسراڻ ٿيو وڃن."

"قدرت کان مونکي ته پاڻ بخشائڻ جي گهرج
ڏسجيئي ڪانه ٿي."

"ڇو ڪين؟"

"ڇالاءِ، جو آءٌ اُتانس هزار جان سان قربان آهيان."

"پر پيلي ڏان ته، نه؟"

"قدرت ۽ پيلي ڪي وراهيو آهي ڇا؟"

"پر منجهند ٽاڻي، ته تو ڳالهه ئي ٻي ڪئي. سياري
۾ ته جيءُ ٿي، آءٌ جيڪر هتي ڪڪ ٿي پوان!"

رت   منجهي پيئي. سمجهيائين ته هيلدار سان جيڪا
مون گفتگو پئي ڪئي، سا اوس پڌي ورتي اٿس. هٻڪي
پئي. چيائينس: سياري ۾ اسانوٽ هتي گوڙ گهڻو ٿو ٿئي.

"پر گوڙ گهمسان جي وچ ۾، ماڻهو اڪيلو نه ٿو ٿي
سگهي ڇا؟"

"منهنجو مطلب پيو هو. مونکي ٿوري گهڻي وار
سياري ۾ ئي ملي ٿي. انهي سمي به جي مونوت ڪا
ساهيڙي سڏ نه اچي وڃي، ته جيڪر منهنجا خيال خطرائي
منهنجي ڇاتي ڇڄي ڇڏين."

”معاف ڪج، جو آءٌ توکان هي سوال پڇان ٿو. پرچو؟ تنهنجي جيوت جي اهڙي ڏکي ٿي گذري، ته پوءِ شهر ۾ تنهنجي لاءِ رکيو ڇا آهي، جو سمجهين ٿي، ته ڀلي ڪان وري ٻ، اُتي تنهنجو دم، خير جو ڀيو گذرندو؟“

”اُتي ڏاڏي جا ويڙهي اٿم.“

”ڀلا جي ڏاڏيهن به توسان گڏ هتي هلجي، ته پوءِ؟“

”پوءِ ته بس! ڀيو مونکي گهرجي ئي ڪين. ڏاڏيءَ سان رڻ پٽ ۾ به جيڪر منهنجي لاءِ وسڻ ٿي پوي!“

”تنهنجي ڏاڏي ڪا اجرج جهڙو جيو ٿي ڏسجي. ماٿي جي ڀيڻ پئي ته اسان اهڙي ڪٿي ڪا نه پڏي!“

”سچ پڇ، روءِ زمين تي اهڙي ڪا نه لڀندي. آءٌ ڪهڙي سندس واکاڻ ڪريان! ڪهڙا سندس گڻ ڳايان! سندس مان ترڪو نه گهٽيو اٿس. آءٌ جي پاڻ ڪٺي سڄوئي اُڏانس گهوريان، ته سندس هڪڙي ٿوري نه لاهي سگهان!“

ڏاڏيءَ جي ذلي ونندي، ٻاڻ گڏ گڏ پئي ٿي؛ خبر ڪا نه ٿي پيس، ته وري به پئي تي ليٽ پئي ڪاڏائين.

آلڊ ينهوفر تڏهن چيس: توکي هيترو سمجهايم، ته به پنهنجي سنڀال ڪرين ڪا نه ٿي.

اِتي آسمان سارو ڪڪرن سان ڇائجي ويو. هيٺ پاڻيءَ ۾ ولوڙا پئي پيا.

آلڊينهوفر پڇيائيس: واڄوڙو اچي ويو. اسان کي سڌئي ڪانه پيئي. هاڻ هل ته توکي گهر اماڻي اچان.

رت ورندي ڏنيس: آءُ هتي ئي ويٺي آهيان. پر واڄوڙو لڳي رهي.

”واڄوڙي لڳندي، پياي ۾ ماڻهو نه ٻڌي.“

”پر پڙو اٿم، اوهان کي ته مزو ئي واڄوڙي لڳندي اچي.“

”خير، پر توکي ڊپ ڪونه ٿو ٿئي؟“

”ڊپ؟ ڏٺي ساڻ آهي، ته ڊپ وري ڇا جو؟“

”هن واڄوڙي ۾، تون نه ويهه. هل ته توکي سا جهڙئي گهر ڇڏي اچان.“

رت دل ۾ پٽي هڻي، ته هاڻ ڇا ڪريان، ته اتي جو پڙيءَ جي اچي سانپر ٿيس؛ سو اماڪ کيسي مان جو پڙي ڪڍي، ڪٽي هٿ ۾ ڏنائينس.

آلڊينهوفر جو پڙي وٺي، ڪري کيسي ۾ وڌي.

رت چيس: مونکي معاف ڪجو، جو ري موڪلائيو مون اوهانجي جو پڙي کولي ڏٺي. هونءَ نه ته، سڌئي ڪانه پويم ها، ته ڪنهنجي آهي. مورت به موٽائي منهنجهس وجهي ڇڏي اٿم.

آلڊينهوفر جو پڙيءَ مان مورت ڪڍي، پڇيس: مورت هيءَ؟

رت چيس: هائو. شڪل ڪا اٿس! شهر پري نه

هاڃي ! منهنجي ته دل ئي ڪسي ورتائين. ڏوئي نه ٿئيم. چيم، ته منهنجهس نهاريان پئي.

" هائو، نهارڻ سان هميشه چلبو ٿي وڃي. پر وري ڪو مڪان سندس جادو ڪنهنتي اثر ڪري، تنهنڪان مرگو ڪيس ئي نهوڙي ٿو نيان."

ائين چئي، مورت کي ڦوڙي، ڪٽي جِشمي ۾ اُڇلايائين؛ جشمي ۾ چرڻ کو انهيءَ ڪاتر ورهين ڪان ويٺي واڄهايو، سو اُنهجو پرزو به نظر ڪو نه آيو.

رت کي سو اهڙو تاوُ اُيريو، جو آلديٺهوفر کي اڄي ورتائين. جي، مونکي سدئي ڪا نه هئي، ته اوهان کي اهڙا پٿر دل آهيو. هڙڻيءَ وسن جهڙيءَ مورت ڦاڙيندي، اوهان کي ارمان به ڪو نه ٿيو؟ سچ ٿي چوان، مونکي ته گهاءُ وڃي ڇڏيو اٿو.

" معاف ڪجو. پر جنهن سندريءَ جي اها مورت هئي، تنهنجي سيرت سراسر اُنجي اُبتڙ هئي."

" اها به ڪا ٿيڻي آهي؟"

تنهن وچ اُپ ائين پئي ڳجهيو، چرڻ کو جنگ جنگائو لڳي ويو هو. ڳجگوڙ جا ڪڙڪات پئي پيا. ڪنوڻ ڏار پئي ڪدوي. ڪنهن مهلڪن بارڪ بنهه مات ٿي ويئي، ۽ اُنيئي هڪڙو اهڙو ڏڏڪاءُ ٿيو، جو ڏيب وچون رت اکيون ڪٽي بند ڪيون. انهيءَ حالت ۾ ائين پئي پيا ئين، جو

چرڻ ڪنهن منهن تي چندا ٻڌي وڌس. پوءِ تہ سرت ٻنهي رهيس ئي ڪانہ. ٿوري دير ڪانپوءِ جڏهن سرجيت ٿي، تڏهن ڏٺائين، جوآلبہ ينھوفر تہ اڳيانس بيٺو هو، پر منهن تي سندس ويا ڪلتا چانئي بيٺي هئي. آسمان ۾ تيتر صاف صفائي ٿي ويئي، جيترو ٽيڪ سنهيون سنهيون بوندون اچا پئي بيون. رت اُٿي کڙي ٿي.

آلبہ ينھوفر پڇيس: جهڙپ گهڙي تہ ڪانہ رسي اٿيئي؟

رت وراڻي ڏنس: ٻچي ويئي آهيان. پر چشمو ڪيڏانهن ويو؟

”چشمو ويو تہ گهوريو. انهنجو سرتہ بچيو. ڏٺيءَ کٽي ڪا پنهنجي مهر ڪئي.“

”جاڻان ٿي مونکي هروقت اوهان تہ گهلي هيڏانهن ڪربو هان، تہ چشمي سان گڏ وڃ، نهوڙي مونکي بہ ڏئي ها.“

”هنئر وري تہ تون هن ماٿر ۾ ڪڏهن ڪانہ ايندينءَ؟“

آلبہ ينھوفر هي سوال پڇيس ٿي، تہ اندر ۾ الاجي چا پي ٿيس. پر رت جڏهن پڌايس، تہ هن ماٿر ۾ تہ مونسان پاڻ وڙ ٿيو، جو آيو موت منهنجو موٽائي ڪيائين، سو آءٌ تہ نت پيئي ياد ڪندي سانس؛ تڏهن هنجو بہ جيءُ وڃي جاءِ ٿيو.

جي، هتي تڏهن ايندينءَ بيئي؟

رت ڪنڌ ڏوڻي چيس: هائو!

(٧)

”سا نيٺ تون وڃي ٿي؟ اول خير ورندي اونهاري پاڻ سان داديهن کي به وٺيو اچج.“

”ورندي اونهاري نه؛ باقي پنهنجي جوتين اونهاري ته پاڻ ساڻ اوس آڻيندي پسانس. پر تنهن وچ ۾ الاجي ڪهڙا ور وري وڃن، ڪهڙا ڦيرا ڦري اچن؟ اوهان مرڳو هتي هجو ئي نه!“

”ڇو؟ پيو ڪيڏانهن وڃڻ ڏيو نسين؟“

”پرڻجي وڃي ساهڙا گهر وسايو!“

ايوا چيس: آءٌ پرڻبيس ئي ڪا نه. آءٌ ته حق بخشي ٿي وهان. تنهن تان پيٽس پڇيس: ڇو آرنولڊ کي صفا جواب ڏياري ڇڏيءِ ڪٿي؟ ايوا ڪنڌ ڌوڻي پڌايس هائو.

پيٽس چيو: هڙي وسن جهڙي مائٽي ڇني ڇڏ يءِ! آلڊ يفهوفر اڇا ڪالهه بابي سان سندس سڱ لاءِ ويندي ڪيون.

ايوا تڪڙو تڪڙو پڇيس: ڪٿي؟ ڪٿي؟

”ڇيائين ٿي: جهڙس لائق پرپو مڙس مونکي سمجهيئي ڪو نه. ايوا وتس وڃي الوليون ماڻيندي. مونکي مائٽي ڏاڍي وڻي ٿي. ايوا ......“

”آلڊ يفهوفر کي مائٽي وڻي، ته مون ڇا؟ منهنجو ڪو ساڻس سڱ سياڪو؟ تون به هاڻ گهڻو نه ڳالهاءِ.“

”ادي ڀيڄڙي تڏهن ڳالهه ڪئي مانءِ. منهنجو نه ته ڪهڙو ٻرو حن؟ تنهنجو ڪم تون ئي ڄاڻ!“

اتي پٺهن ڀر اندر لنگهي آيو. رت کي چيائين: اصل ائين؟ هفتو اڌ ٻه وڏ يڪ نتي رهين؟

”نه! هڏن جي پيئي ٻريز ٻريز ٻوي. ٻيو ٻه آنَ جو مٿهن جند ڏانهن. آءٌ ٻه وچي ڪمرکي مٿهن ڏيان. هڻن نڪمٽي ڪا آءٌ گهٽا ڏينهن ويهي سگهندس!“

”تون منهنجي ڳالهه الا جي جو نتي مڃي؟ ڏاڏيهن ۽ تون اسا نتي بار ڪين ٿيندي يون. جتي ايوا ۽ ائنا، اتي تون ۽ ڏاڏيهن ٻه مونکي ڏين......“

ٻر رت وچهر ئي جهليس. چيائينس: اوهان ته پنهنجا لائق ٿا ڪريو. ٻر ڏاڏي قبول ڪندي ڪا نه. منهنجو جيءُ ٻه ائين ٻيو ماندو ٿيندو. مٿهن ٻيو جهنجهٽ ڙيون پائيندم. نه ته ويچار مونکي ٻه دل ۾ گهٽيئي پيا اچن. هتي ٽڪي، ڏاڍا پهر پچا يا اتم. اهڙو ڪو ٻاو ٿئي، جو هتي پنهنجن ٻازن جي ٻورهئي سان اڌر ٻورنا ڪري سگهون، ته ٻوءِ ڳالهه جسائتي ٿيندي. وري ٻه ڏاڏيءَ سان وچي صلاح ڪريان. منهنجي دل ته گهٽيائي ٿي چاهي، ته هيڏانهن سخت موتي اچان.

ائنا خوش ٿي، پڇيس: تڏهن اڳي ٻوءِ ايندين اوس؟ ٻرپڏ، رهج اسا نجي ئي ٻرسان اچي.

رت ورندي ڏنس: هُو نه ته جيڪر آءٌ پاڻ انهيءَ ۾ سڙهي ٿيان. پر هو منهنجون مائٽياڻيون دل ۾ ڪين ڪنديون؟

ائين موڪلائي توڪلائي، ٻچاڙيءَ جو ڪير جو پيريل جام پيئي، واندي ٿي، ڪيسي مان ڳوٿري ڪڍي، ائنا کي چيائين: دادي هيءَ ٿورڙي رقم ڏياري مڪي اٿم. اوهانجو بار لاهي ته آءٌ پوءِ به ڪانه سگهنديس؛ پر حال هيءُ وٺ......

ائنا ٽُڪ پوري ڪرڻ ڪانه ڏنيس. وچ ۾ ئي هٿ کان جهلي، چيائينس: ماٺهو ڪير؟ متان ڪڏهن اهڙي ڳالهه ڪندي آهين! تون رهڻينءَ اسانوٽ مهمان ٿي، اسان توکان ويسي پرائي وٺون؟ پر مهمان نه ئي هجين ها، ته به اسان پيلاين جو وڙئي ڪونهي، جو هن ٿوريءَ ڪارخذمت ڪاتر ڏارين سان ئي اهڙا بي مهابا ٿيون. تنهن ۾ به تو جهڙيءَ ساهيڙيءَ کان، جنهن اسانوٽ ڏيءَ ڀيڻ جيان اچي وقت ڪا ٿيو، رقم وٺي پاڻ لڄايون؟

رت بنهه لاجواب ٿي ويٺي.

پوءِ ته پنهي ڀيڻرن کان ٻچاڙيءَ جو ڀاڪر پائي، موڪلائي اُٿي رواني ٿي ٿي، ته هن چيس: بيهه ته ماسيهن جي گهر ڏائين اسان اُپرائي اچونءِ. پر هن جهلين. جي، آءٌ اڪيلي ويندي يس، جو وات تي ڀيلي کان موڪلائيٺو اٿم.

تنهن تي ايوا شرطايس: ڏٺءِ؟ ڏانوڻ ۾ سنڌ ۾ ڏائڻ جي
تون به ويٺيٺڻ نه؟ مونکي ته اصل ٻار سمجهيا ٿي.

ٻيلي سان رهاڻ ڪندي، ٻيون ته گهٽيئي اچي
يادگيريون ٻيس. ٻر ماٽيلو ٻٽس ساٽس؛ داد ٻهنس سان ڪٺن
هلندو هو؛ چڙندو هو ته ڪٺن نه وني اُتن ڪتڪا وجهندو
هو؛ تنهن ۾ به داد ٻهنس سان ڪهڙا نه ويل وهائيندو
هو؛ اهي صورتون هو بهو هرهر اکين اڳيان تري ٿي آيس.
هن کي اچرج ٻي لڳو، ته اٿين جو ٿو ٿئي؟ ويچاري ٻي ڪيائين، ته
متان جيوت منهنجي هيٺئر کان وني ڪو ڏوور ته ڪانه ٿي ڪائي؟
ٻر انهيجو وراڻو ٻاڻڪي ڏنو ئي ڪونه هوائين، ته او جتو وٺن جي
جهمٽ مان سڏ ٿيس. هن اوڏانهن منهن ڪري، سڏ ورنايو
ٿي، ته اڳيان اچي هيلدار بيٺس. تنهن چيس: ٻن ٻهرن کان
وني ڪيترو نه مون تنهنجي لاءِ نهاريو آهي! ماٽريءَ ۾
به ڏسڻ ويو هوساڻ. مون ڀانيو، ته اتان ته اوس موڪلائڻ
ويندين. هيٺئر به ڪجهه ويرم توسان ٻهر ٻير ۾ ٻئي هليو
آهيان. ٻر توکي سڏ ئي ڪا نه ٻئي ٻيٺي، جو ٻنهنجن ويچارن
۾ ئي محو هئينءَ.

رت اُترڏنس: اُتان اچ آءٌ ساجهرئي ٿي آئي آهيان.
ٻر جڳو جو اوهان به گڏ جي ويم. مونکي ڏاڍو ڏپ هو، ته
جيڪس اوهان کان ٻڇڙيءَ جو موڪلائيٺي ڪانه سگهنديس.
هاڻ، ٻلا آسرو نام جو! وري جيءَ جهنڊن ڇا ميلا!

هيلدار، نماڻو منهن ڪري، چيس: رت......مون هيترا ڏينهن، وچن پاڙيندي، پاڻ مراد و توکان گوشو پئي ڪيو. پر تنهن وچ نيٺ پتو پيو اٿم، ته تو پاڇهون منهنجي ڏاڍي ڏکي نڀرندي. آءٌ چڱانئو، ته آءٌ توسان ڪنهن ڪنهن ويل ڏاڍا اُبتا پار هليو آهيان؛ پر هنئر ڪ تو ڏيان ٿو، ته هن پڇاڙيءَ ورڻي مون ۾ ڏنگ ڪو نه ڏسندين.

رت واڻڙي ٿي ويئي. بدن ۾ سياٽو پئجي ويس. اکيون هنجي اکين ۾ کپايئي، چيائينس: اوهان سراسر ڀل ڦا ڪريو. آءٌ هڪ جهڙي چوري، نه ڏاڍيري نه ڪُليري، اوهان جهڙي آڪهائتي ۽ ڀڻائتي مڙسا ڙوڙ سان منهنجي ڪهڙي ڀڄت ڀڄي سگهندي؟

"هنئر جيڪا مون پاس پاسي، تنهن مان تو سهي ڪين ڪيو، ته آءٌ توکي ڇا نه ڪري ٿو سمجهان؟ بس منهنجي لائق پانهن تون ئي آهين!"

"ڪٿي اوهين، ڪٿي آءٌ؟ سچ ٿي چوان، اسان پنهن جي جوڙي ٿهندي ڪا نه!"

"مون ڳالهه جو هيٺ مٿ سڀ جاچي ڏٺو آهي. ماڻهن کان ڪٿن مڇائيندس، اُها مت سٺي چڏي اٿم. تون رڳو آنهن ڪر. آءٌ جاڻندس ته مونکي جئڏان ڏنءِ."

"اوهان پنهنجي ڪاتر، پاڻ جهڙن مان ئي ڪو جيس گهولي لهو. آءٌ هڪڙي اڻ پڙهيل، ڏتڙيل گهر جي ڪنيا،

مون مان اوهانکي ساڻ ايندو ڪونه! پيو به اوهان جا ويچار وڏا، اوهانجي پيماني تي آءُ پهچي ڪانه سگهندو پس.“

”برابر منهنجا ويچار وڏا هئا. پر هينئر ڏسان ٿو، ته منهنجي ڪاتر ڏٺيءَ تو کي ئي اُپايو آهي. منهنجي ساڻگي قبول ٿو ڪريان، تو کي هڪ به نٿي ڳالهه سگهڻي پوندي؛ پر اُهو ڏمو آءُ پاڻ تي ٿو کڻان. آءُ تو کي پاڙهي پڪو ڪري ڇڏيندس. تنهن ۾ آءُ پنهنجي پريم جو پلو ٿو وجهانءِ. منهنجي دل ڏي ڏس. دل منهنجي تو لاءِ تڙفي ٿي.“

”پر اوهان به اوچتو اچي مونکي ورايو آهي. مون نٿي پانيو ته ....“

”هائو تو نٿي پانيو، ته ڪو مون جهڙو ڏکٽو جيو تو تي هٿن اچي آجهڙندو. پر آءُ سچ ٿو چوان، ته تون ئي منهنجي من جو مٺيو آهين. منهنجي جان، منهنجي نيت ۾ شڪ نه آڻ.“

”آءُ جي اوهانجي ڳالهه وسهان به ڪٿي، ته پڌايو ۾، ڇا ڪريان؟“

”پيو نه، مونکي رڳو ورندو پيار ڏي. پوءِ باقي رساڪاريءَ کي پاڻهي ويندسين.“

”آءُ پاڻ پنهنجي پيٺي آهيان. دل مَن پيٺي هٺان، ته اوهانجو پيار سٺيڪار ڪريان يا نه؟“

”تون سمجهين ٿي، ته آءٌ تنهنجي پريم جو انڪاري ٿي نٿو سگهان.“

”آءٌ ائين چوانئي ڪا نه ٿي.“

”تڏهن هيترو مونکي ستائين ڇو پيئي؟ جڏهن آءٌ ٻارڙو ڇا اڪ لنگهي، ٻند ڙٽوڙي، تو تائين اچي پهتو آهيان، تڏهن تون ٻاڻ مونکي هٿن ڌڪي، ٻاڻڪان ڌار ڇا لاءِ ٿي ڪرين؟“

”آءٌ چاهيان ٿي، ته منهنجي ڪاتر اوهان گهڻو ئي ٿا سهسايو، تنهن لاءِ آءٌ اوهانجو ٿورو ٿي مڃان. پر آءٌ پيئي سمجهان، ته انهيءَ مان اڳي پوءِ اوهانکي ڇيهو رسندو.“

”پياري! منهنجي ڇيهي جو تون ويچار نه ڪر. مونکي ڏينهن رات تنهنجي تات ٿي رهي. ٻيو ڪجهه مونکي گهرجيئي ڪين. مونکي تون ملين، ته سمجهندس، ته لک لڌيم.“

رت پنهنجو هٿ سنئون ڪيو، ته هيلدار انکي پنهنجن هٿن ۾ جهلي، وٺي چميون ڏنيون. چيائينس: هيڏو ڦيرو مون ۾ تون ئي آندو. هاڻ ڪريان اميد، ته تنهنجي پارڪان بہ، مونسان نيت، جو ڳاٽو وڙ ٿيندو؟

”آءٌ جيڪڏهن هنئر اوهانکي ڀڪ نه ڏيان، ته ڏکڙو نه ڪڍ جو. آءٌ وينديئي، دادي سان وڃي ڳالهه ڇوريندس. ڏسان، اها ڇا ٿي چوي؟“

”آءٌ پاڻ تو سان گڏ جي، سڀاڻي وٽس هلان ٿو.“

"نه، اوهان اهڙي تڪليف نه وٺو."

"پر مونکي جو تيڏو سڪ ٿي ڪو نه ايندو!"

"آءٌ هر وقت وجهي اوهانکي خبر موڪليندس."

"پر آءٌ هن موسان گڏ، اوڏانهن اوس هلندس. آءٌ ڀاڻ هاڻي، داديءَ کي ٻڌائيندس، ته آءٌ تنهنکي ڇا نه ڪري ٿو سمجهان! ڀاڻ هن پل، منهن مقابل مونکي ڏسي، خاطري ڪري."

"ڏسو، زوراڦر نه ٿيو."

هو هيلدار هن هڪڙيءَ تي ٿي ويٺو.

تڏهن چيائينس: منهنجي پريم سانگي من ڳالهه مڃو.

هيلدار ميڻ ٿي ويو جي، تنهنجي پريم سانگي؟ تنهنجي پريم سانگي، ڏاڍي شل اهو ڏينهن سگهو اچي، جو آءٌ توکي ثابت ڪري ڏيکاريان، ته آءٌ ڇا نٿو سهسائي سگهان! ڇگو، جي اها ڳالهه توکي وڻي ٿي، ته آءٌ ڀاڻ اوڏانهن نٿو هلان. پر منهنجي سا پارت اٿيئي. داديءَ کي پل منهنجي سموري حقيقت بيان ڪري ٻڌائج. ڪو به منهنجو عيب ثواب ڪائنس لڪائج نه. پڇاڙيءَ ۾، خدا نخواسته، مون واري پتڙ ڪا ڪاڻ ٿي پوي، ته منهنجي پاران منجهس ڪري پنهنجو پريم جو ذرڙو وجهي. پوءِ پڪ اٿم ته، اٽل اوس اوڏانهن ئي ٿيندي."

هي ڳالهيون ڪندا، شهر ۾ مارڪيٽ وٽ به اچي پهتا هئا. رت جي ماسي ڪا اُن ڏي دريءَ وٽ ويٺي هئي.

اُنهيءَ هنڪري ميلدار سان گڏ ڏنو، تنهنڪري اجي ٻاهه لڳي. ڏيُ ڪي ٿي چوڻي: هن چوريءَ جي افعالين، هر روز اسانجي گهر جي اوگهڙ ٿي پيئي آهي. هاڻي ڪٿي موٽي گهر وڃي، ته اسان ته منجهانس ڇٽون.

ڏيڻس تنهنتي اچي ورتس. جي، موءِ ويچاري اسانوت ويڻي ڪهڙو، پيڻي ڪهڙو؟ ڪاڏائين؟ پيٽائين؟ رات جا ڪي ٻه اڍائي ٻهر، هنڌ ۾ سوا جي سمهندي هُئي. ٻوءِ تون هُئن ٻل چالاءِ پيئي ڪائين؟

”انهيءَ ۾ اسانجو ڪهڙو ڏوه؟ پيلا ٻن وت ڏهاڙي پڳي ٻه ٻاٽ پيڻي هوندي هُئي. هتي آرام ايندو هوس؟ هتي ٻلا صاحبت ......“

”بس! بس! اکيون ڏيکي نه ڳالهاءِ. پنهنجيءَ واري آهين. اهو ٻه ويچار ڪونه ٿو ٿئيئي؟“

ماڻس جيڪس انهيءَ تي سهما ئجي وڃي هاءِ ٻر ٻر ٻان جو ڏنائين، ته هيلدار رت ڪان موڪلايو ائين حاجائتو پئي، جو ٻانءِ ته ٻاٽ ۾ ڏاڍو ڪو گهاتو ۽ ويڄهو رستو هون؛ سو ڏيُ ڪي سڏي چيائين: مرم شرم واري! ڏٺءِ؟ هاڻ ته بس؟

خير، رت اچي گهر پهتڙي ٿي، ته ماسيس ۽ ماساتيس پنهي دوس ئي ڪونه ڏنس. رت سڏي ڪيو، ته چاڻان منيان لڳي اٿن؛ ٻر ٻاٽ ٻه سُوري ويئي.

ويهي ويهي، ماسيس پڇيو: پيلا ٻن سان ته ليکو چڪتو

ڪري ڇڏيءَ نه؟ متان ڏاڙهي پيا سڏن ماڻهو منهنجي
ڌرتي پيرا ڪن.

رت کان ڳالهائڻ اُڪلي ڪو نه ٿي. نڙيءَ ۾ ڳنڍ و
اٽڪي پيس. پر تڏهن به جهڙن تهڙن اڏ ڳيتو اُتر ڏنائين: هائو.

ماسيس وري پڇيس: ٻاڙي لاءِ پئسا پورا اٿيئي؟

رت ڪنڌ سان اشارو ڪيس ها.

ماسيس چيس: وات ۾ مڱــ ته ڪين پيا اٿيئي؟
سنئون سنواتو جواب ڇو نه ٿي ڏين؟

رت ٻڌايس: پئسا مونوٽ ٻاڙي کان پاڻ وڌيڪ ٿيندا،
جو جهانگين مونکان پائي به ڪا نه ورتي.

ماسيس تنهن تان اچي ڪاڙهي. جي، اوس هنن سان
رت پاڙي رُنو هوندءِ؛ تڏهن هنن پئسا ڪو نه ورتا اٿيئي.
پر هاڻ مونکان گهُر به ڪري ڏسن. آءُ سِڌي اهڙي
پڌائيندي سان، جو عمر پيا ياد ڪندا.

رت پڇيس: ماسي، تون مونکي هيئن ڇيڇلائين ڇو ٿي؟

ڏيٺس به چيس: اما، توکي ٿيو ڇا آهي؟

هن ڏاناسر جي زبان تڏهن به تَڪ تَڪ ڪا نه ڇڏي.
ڏيُ کي چيائين: رڪ رڪاڻي وري ڇا جي ڪريانس؟ مفت
اسانکي ڪٽي دانگيءَ رائو ڏنو اٿس.

ڏيٺس پڇيس: اسانکي وري دانگيءَ رائو ڪڏهن
ڏنائين؟ ٻيو به رت سان هيلدار ٻاري ماڻهوءَ جهڙت

هلائي، تہ انهيءَ پنهنجو ڪهڙو ڏوهہ؟ هنجي اندر واري ڪي ڳالهہ نہ ئي وٺيءَ؛ تہ بہ هيءَ ڇا ٿي ڪري سگهي؟

ماڻس چيس: ڏاڍو ٿو ماسات جو ڏاڍ اُپريئي! ٿيو ڇا آهي؟ هاڻ مو گهُرس، وڃي تہ گهڄي تہ لهي.

ماسيس جڏهن ٻاهر نڪري ويئي، تڏهن ماساتيس سڏ ڪري چيس: ٻڌين ٿي؟

رت وراڻي ڏنس: ڇو.

”اڄ نيٺ وهانو جي مونسان ڳالهہ چورهائين.“

”ڪنهن؟“

”ڪنهن وري ڪنهن؟ سو تہ ٻيو ڪنهن؟“

”سچ؟ ٻوءِ تو ڇا چيس؟“

”مون وري ڇا چيس؟ سمجهين ڪا نہ ٿي؟“

”ڀلا ٻوءِ؟“

”اول خير، تہ ٻلو ٻلي ورندي اونهاري پرٻڌنداسين.“

”ڏاڍو چڱو!“

”پرتون وهانو تي اچڄانءِ اوس.“

”آءٌ؟ نڪو!“

”ڏس وري ٻارتي ٿين نہ! جيومانءِ ڪين، اما ٻڌ ڙيءِ جي ڳالهہ دل ۾ ڪريئي نہ. هنڪي ڏينهن رات ننگ ناموس جو اُلڪو ٿو رهي. ٻيريءِ ۾ اُنهيئنئي بہ خفو گهڻو ٿئي ٿو. هنئرهيڪاري سوسات اُپريس، جو هيلبدار جو ڍنگ ڪيس نہ وڻيو.“

"بس، بس، اهڙا ڳالهه مون سان نه ڪر."

"آءٌ پاڻ جيڪر توکي اهڙي ڳالهه ڪانه ورجايان. پر هيلدار پاري خوش پڙهي ماڻهو تي مٿان ويسهه ڪندي آهين. اهڙا ماڻهو ويساهه گهاتي ٿا ٿين. اهڙيءَ جاڙهي، ڦرهو ڪيو وڃن."

اتي ديول جي گهنڊ جو آواز ٻڌڻ ۾ آيو. ماسا تيس سهي ڪيو، ته گهنڊ ڇا جو ٿي وڄي. رت کي ٻڌايائين ته ڪٿي نه وڃجاريءَ سان سندس پريتم ڏوهه ڪيو! هن وسوڙل کي ڇڙهه ڏيئي، ٻيڙو وجي ٻيءَ کي پاڻهن ۾ ٻڌائين. هن جي ٻوءِ ڪل ٽڙڪي پيئي، جو اڄ نيٺ پران تيا ڳيا اٿس.

"ءَ هو؟"

"هو هن ٻيءَ سان منگوڇا وينو ماڻي. وفائي ۾ ڪنهن ڪنهن مڙساڙوءَ ۾ ٿي ٿئي."

"هائو، جن جي دل سون ورني آهي."

"اهڙن ڪان پوءِ درد وسريئي ڪونه. آلڊ ينهوفر کي ئي ڏس. آءٌ نه سنهيران، ته هن مڙس ڪڏهن جپ ڪولي، ڪليو. مُرڪيئي ڪونه. اڳيون ڳالهيون ياد ڪيو، اندر سان پيو اوري. نه ته مڙس جي ڏيا پاڻ ۾ ته ڇا نه آهي!"

"ڪِلي مُرڪي ڇو ڪين؟"

"جون ٿا، ته جوانيءَ ۾ ڪنهن سان اکه اڙيس، پر ...

سنديس وڃي ڪنهن ٻئي سان ٻڌو هو. هي اڄ ڏينهن تائين دل ۾ اهو درد سانڍيندو اچي."

"ٺيٺي نه آهي."

"توکي ڪهڙي سڌ؟"

"مونکي سچ سڌ ڪهڙي؟ پر هڙي رڃ جهڙي مڙس سان ڪنهن به ڏوهه ڪڻ ڪيو هوندو؟ مونکي ته ڳالهه ويسهه ۾ ئي نه ٿي اچي."

"چوڪري تون اڃا ٻار آهين. انسان جي مٿان الاجي ڇا ڇا وهي ٿو گذري! سو جيءَ ٿي، جس اهڙن مڙسن لهڻو. سندن حال تان ارمان به پيو ٿئي. اهڙا جيو اڳيون ڳالهيون سنڀاريو، دل کي پيا آٿت ڏين."

"پر جي اڳلي ماڻهين بي وفائي ڪئي هجي، ته پوءِ دل کي آٿت ڇا مان ايندو؟ انهيءَ حالت ۾ اهڙي جيو کي هن ٻئي رڳو ياد به ڪيو، ته جڳبو نه پل آهي."

"وات سان ته ڳالهه ڪري ويٺيئن. پر آلد پنهنجو فر جو ئي مثال وٺ. جنهن ساڻس بي وفائي ڪئي، تنهن کي وساري به ڇڏيو هجيس، ته به هن جهڙو مٺو، وري ته ڪٿي دل نه ڦاسائي. جو ته پنهنجو جيس هنڪان لهي ڪٿان؟ انهيءَ حالت ۾ تون ڇا ٿي ڀانئين، حياتيءَ مان هنکي مزو ايندو؟ پوءِ اڌائنس ارمان ڪاٿي هجي، ڪين نه؟"

ٻچاڙيءَ واريءَ رات جو به رت ڏير ڏير تائين پئي جاڳي.

ھڪڙي ٿڌي ھوا، پيون برسات جون بوندون، دري کولي، منهن ٻاھر ڪڍي، بيھي رھي. ويچاري پئي ڪيائين، ته ھن ٿوري عرصي ۾ ڪيڏا نه رنگ ڏٺا اٿم! انھيءَ سامھين مڪان ڏي نھاري، دل ۾ چيائين: ساڳيو شخص، جنھن کي ڀريائين منھنجي پلو جھٽي، عارٿي ٿيو، سو اڄ، مون کان منٿون ڪري، سگهه ٿيو جهڪي!

اڻ اُبرئي جو تارا بيٺائي ھئا، ته ٽپال وارن جي گاڏيءَ جو توتارو وڳو، ۽ ھيءَ اُٿي ڪ، لھي اچي منجھس چڙھي. ماسترس سو ٻچاڙيءَ جو ڪانئس موڪلايو اچي، پر ماسترس اُٿي به ڪا نه.

گاڏي شهر جو دنگ ڇڏي، ٻاھر ٿي گهڙي، ته اوچتو بيهي رھي. رت تنھن تان ٽپرس ٻي ڪاڏو، ته متان ھيلدار اچي گاڏيءَ جو در ٻٽيو. ھيءَ جيڪس ڏسڪي پئي، پر سرھي به ٿي. ھُن سلام ڪيس، ته ھن به ڏڪ ڏڪندا ھٿ ڪٽي ھٿن ۾ ڏنس.

ھيلدار چيس: آءٌ توکي ھاي ٿو اُبرائي اچان. اعتراض ته ڪونهي؟

رت ھبڪي پئي، ۽ اکيون اکين ۾ وڌندي ڏنائينس: وري به شڪر، جو اوھانکي ته منھنجي سار ٿي.

ھيلدار چيس: وري بوسري وڃڻ نه، ته آءٌ توکي ڇا نه ڪري توسمجهان! منهنجي دل ائين رھي ھا؟ ڏس، تنھنجي

لاءِ هي گلدستو ٻه آنا ورتم. گل منجهس ٻنهي تازا اٿيئي.
اڄ ملڪ جا ڦڙا اتي سالم پيا ڏسجن.

رت گلدستو ورتي، ڪٽي اکين، تي رکيو ۽ پڇيائينس:
هن ٿوري لاءِ آءٌ اوهانجو شڪر ڪيئن مڃان؟

هن ٿهه ڦهه ورندي ڏنيس: منهنجو شڪر ڪيئن مڃي؟
پڌايان ءِ؟ ويندي شرط، اڄ ٿي سگهيئي، ته سڀان تي ٻه نه
وڃجهه، مونکي خير جي خبر اماڪ موڪلي ڏج. جيو ته
گهڙي گهڙي مونکي ورهيه ٿي ٿي نبري.

(٨)

”وري ٻه دردري ڇٽي ڪليل؟ نيا ڳي، گهٽا پيرا جهليو
ٿي مانءِ، ته دردري ائين ڪليل نه ڇڏ؟“

”بابا، تماڪ جو هٻو هٻو ٿي پيو هو، تڏهن چيم، ڪن
ڪولي ڇڏيان، ته ڪا وائڪائي ته ٿئي.“

”جيو ٿي مانءِ، مونکي اها وائڪائي ڪانه کپي. دردري
اماڪ پيڪڙي ڇڏ.“

”تماڪ جي هٻ ۾ ٻوڙي ڇو سگهجي.“

”ر...... جي ڏيءَ! هڪڙي جوڙ ساں ته مڃي
ڪين. هاڻ ڪرين ٿي بند، يا نه؟“

ائنا، رت جي دادي، تڏهن پيو ڪم اتيئي
ڇڏي، اُٿي وڃي دردري ڇٽي بند ڪيا. گيو ٻرت
نشي ۾ ٿان هو، در ۾ پهندي، ڪوٽ لاهي ڪٽي ٻت

تي اُڇلايو هئائين؛ جو انڊا چنبڙي ٿو ڪي، ڪيليءَ ۾ اُبتو ڪري ٽنگيو هو؛ ۽ پوءِ ماٽيليءَ ڏي، سان جو اهي سهڄ ٻڌي ڪيائين. انهيءَ وري ساڻس هٿن اچي خستو ٿيو.

"مونکي برنڊي ڏرو ڏي."

"برنڊي باقي ٿو مس ڪا ٿيندي. گراهڪ نه ڪو اچي گهري."

"وري به سمهون جواب! اڙي، گهر جو مالڪ آءُ آهيان، ڪين تون؟"

"بابا برانڊي واري اڄ به ٻئين ڪاتر ماڻهو مڪو مو. چيائين ٿي، ته آئنده او هانجي ٿيت ئي اسانکي ڪانه کپي. او ڏرتي او هانکي اڌ پاٽلي ڪا نه ڏبي."

"چيو مانءِ اها ٽڪ ٽڪ ڇڏ. اُمالڪ اُٿي مونکي پاٽلي ڏي."

انڊا پاٽلي ۽ گلاس ٻئي ڪري اڳيانس رکيا. پاٽلي گلاس ۾ اوتي، گرم پاڻي ساڻس ملائي، ۽ چار ڍڪيتون ڏيئي رهيو، تڏهن تو پڇي: رت اڄا آئي، ڪين اُنهيءَ غرق ٿي؟

انڊا پڏايس: ۽ گهڙيون ٿيئس اچي ويئي. مون چيو مانس، سويلئي وڃي سمهه.

گيو ٻرت اُٿي ڪونيءَ ڏانهن رخ رکيو؛ ته انڊا ڪونيءَ جي ڏروت ٻهي، پڇيس: ڪيڏانهن ٿا وڃو؟

ورندي ڏنائينس: چڱا، هي لڇڻ سيکاريا اٿئينس. آئي آهي ته وڃي هنڌ تي ويٺي آهي. مونسان ڳالهايائين به ڪونه. مونکي ساڻس ڪا ڳالهه......

"اها ڳالهه ساڻس سڀاڻي ڪجو. هنئر ننڍا ڪتڙي هوندي."

"نه، ننڍ پوءِ به ڪري ٿي سگهي. سمجهي ٿو، منهنجو سڱ قبولي، ته توکي ڪٽي پاڻسان پائيوار ڪريان. سو وڃي پڌايانس ٿو، ته مون هنکي پڪ ڏيئي ڇڏي آهي. انهي ڪان مٿي سندس لاءِ ٻي ڪهڙي مائٽي چڙهي ايندي؟ تنهنڪانسواءِ وڏو جو منهنجو انسنو ٿي پوندو."

"اها ڳالهه ساڻس اڄ نه ڪريو. منهنجي ڳالهه ڪٽي ماڳيوهه پيو به اوهان پاڻ ذڪر ڪيو ندس، ته منيان لڳنديس. سمجهي ڪي جٿو، ته اهو پاڻ ساڻس ڳالهه جوري."

"جو؟"

"هئن سمجهندي ته اوهان سوڌو ٿا ڇڪايو. سو اها ڳالهه وٺنديس ئي ڪانه. ماءُ جو لڇڻ منجهس گهڻو آهي."

"هائو، تون سچ ٿي چوين. ماڻس ئي مونسان ڀاو پڌو، ته مرندي گهڙيءَ تائين پٺي ڌاڙيائينم. جي، ڪهڙو نانگ ٿي پيو پيم، جو تنهنجي ڪن لڳيس!

اتي بزار واري در ڪان به چار ڳاڙهي وارا، پيڙيون واتن ۾، مٿي چڙهي آيا. ائنا سرهي ٿي، جو ڪي هئن ڪي هونءَ، اجوڪي رات تڪر مڙيوئي ٽري ويو.

گيو پرت اُٿي ڪرسيءَ منجهه ليٽي پيو، ۽ اُن پٺيءَ وٽ وڃي، گراهڪن جي خاطري ڪئي.

پر گهڙيءَ اڌ ڪانپوءِ، ٻاڻ جدائي، جان ڪٿي اندر ڪوٺيءَ ۾ نهار ڪري، ته ڇا ڏسي، جو رتن نرسنگهه وانگر اکيون ڦاڙيو، اجا پيٺي جاڳي، ۽ ڪاڏيءَ کي هٿ ڏيو، ڪنولي جي ٻنهه ايس ني ويٺي آهي.

چيائينس: شاباس هاڃيئي! هي ننڊ ٿي ڪرين؟

رتن ورندي ڏنس: ننڊ اچيم ئي نٿي. آنڊ ماند ٿي پيئي اٿم. توکي جڏهن سڀ حال پڌايان، تڏهن اکر لڳيم.

”منڙي، سڀاڻي ڪانهي؟ سڀاڻي پڌائيجانءِ. هينئر شاباس، ڏاهي پيٽ ڪريانس. ليٽي پئو. وري اوجاڳو نه ڪر. جڏهن ٿڌن وڃي ساهه کڻو اٿيئي.“

”هڪڙيءَ رات جو اوجاڳو ماريندم ڪونه. دادي، توسان ڏاڍيون ڳالهيون ڪرڻيون اٿم.“

”پيئڙي، اُهو آءٌ سمجهانٿي. پر جڏهن ڪين سمورو حال پڌايو اٿئيئم؟“

”هائو، پر ڪالهه قصوئي هڪڙو اور بڻجي پيو. ڪن ويهه، ته پين جڏهن اکرن ۾ پڌائي وجانءِ. پرسجي، اڳهڙو در وٽ هي مل ڇا جو هو؟ وري ڪهڙو جٿو لڳو هوس؟“

”ڪاجهه ڪين هو.“

”ڪاجهه ڪين هو؟ تون ٻاروهي ائين چوين.“

رت پيرڻ کي ائين ورجائي، سندس ڳچيءَ ۾ لٽڪي پيئي، ۽ تڏهن جڏهن سندس هنج ۾ ويهي، چيائينس: دادي، ڪالهه اجي پاڻ مراد ۽ آچ ڪيائيم، ته مونسان سڳـــ ڳنڍ.

ائنا تڪڙو تڪڙو پڇيس: ڪنهن؟ ڪنهن؟

رت چيس: هيڏي تڪڙ؟ تون پانئين ٿي ڪنهن؟

”مونکي ڪهڙي سڌ؟“

”هيلدار!“

”سچ؟“

”آءٌ تڏهن توسان ڪوڙ ٿي ڳالهايان؟“

”پوءِ ڀلا؟ تو اتر ڪهڙو ڏنس؟“

”مون چيومانس: آءٌ داديءَ کان پڇان!“

”سمجهه ته آءٌ آنهه ٿي ڪريان؟“

”پوءِ بس! وهانءُ ڪانهيوءِ تون ۽ هاڻي مونسان ڳنڍ رهج. اهو ڪن ڪڙو ڪري ڇڏيو اٿمانس.“

”سمجهه ته آءٌ پيرڻي نٿي ڪوڙيان؟“

”پوءِ جڏهن آهيون، تڏهن ئي پيون هلنديونسين!“

ائنا سندس اکين ۾ منهن ۾ نهاريو ائين ٿي، ڄڻ سندس انت ٿي سوڌ پائين. ته آسانيءَ جو اهڃاڻ هڪڙو ۾ منجهس نظر ڪو نه آيس. هوءَ اٿلو سرهي پئي ڏٺي. ائنا تڏهن ۾ شڪي پئي، پر نيٺ چيانس: هنجي توسان پونت پوندي ڪانه. صفا جواب ڏياري موڪليائنس.

سون ورنيون دليون

رت رڳو ڪنڌ ساڻ وڃي آنهر ڪئي.

ائنا پوءِ پڇايس تہ ڪيو برت ڪهڙيون پيو سٽون سٺي. تنهن ۾ صلاح ڏنائينس، تہ تون في الحال ٽڪ ڪري برنير ۾ اُٽو جي گهر وڃي، جيستائين ڪ پيو ڪو بند وبست ٿئي. پر هيءَ جوي، انهيءَ تريءَ تيل ئي نہ پيو آهي، جو آءٌ توکي هتي ڇڏي، ٻاڻ وڃي سگهي ٿيان. جي، جتي تون اُتي آءٌ. ڏکيو سکيو وقت گڏ پيون ڪا ٽيندا يونسين.

ائنا گهڻوئي سمجهايس، تہ ڏاهي ٿي. منهنجر ڪجهہ وقت مڙيوئي هن جي منهن ڪان ٿري پاسو ڪر. پوءِ جيڪا رت توجنيءَ ۾ پڇائي هيم، انهيءَ پڌاند رکٽي هلندا يونسين. پر هن صفا جواب ڏنس، تہ تو ڏاران تہ آءٌ پرائي گهر ڪڏهن ڪين وڃي رهنديس. باقي جي منهنجي رت وٺيئي ٿي، تہ اُٿ، تہ هنڌرئي اوڏنهين نڪري پئون.

ائنا جيس: پيئڙي، ائين ڪا تون شهر ڇڏي سگهندينءَ؟ پيو ٻہ ڪيو برت تنهنجو سنڀاليندڙ، تون شهر جو شهر ۾ پئي هنڌ وڃي رهندينءَ، تہ اُها ڳالهہ ڳٽبي ڪا نہ. باقي سندس رضامنديءَ کا نسواءِ شهرئي ڇڏي ڪيڏانهن هلي ويندينءَ، تہ پوءِ هو هروپرو قاعدي جي چڪ ڪندو.

رت ٻاچيس: پلا جي آءٌ سمت جي مائٽي ڪٽي ٻاسيان، تہ پوءِ تون ۽ آءٌ گڏ رهي سگهندا يونسين؟

ائين ورندي ڏنس: پٽان وري مونسان اهڙي ڳالهه
ڪندي آهين. سمجهه ڪي سڃاڻي ڪين؟ ماٺو آهي؟

”تڏهن هوءِ ڳالهه به مونسان نہ ڪر. ترس، من رب
ستار اسانکي به ڪٿي واري. پر دادي، هيالدار جي
مائٽي توکي چونٿي وٽي؟“

”آءٌ ڏسان ٿي، تہ تنهنجو اُتي هنڌون هاچيمڪي نٿو.
وري هنڪي به تو جهڙيءَ پانهن مان گهٽي تائين ساڻ ايندوئي
ڪون. هو پنهنجو جهس پاڻ جهڙن مان ڳولي.“

ائين پوءِ وري به ڪيس نند جو تاڪيد ڪري، پاڻ
پاهر نڪري ويئي. پر رت جي اڃا پنبٽي پنبٽيءَ سان
مس مڙي هئي، تہ اوچتوئي هڪڙو ايڏو آواز پڌائين، جو اُماڪ
اُٿي ڪڙي ٿي. در پٽي پاهر آئي، تہ ڇا ڏسي، جو ائين پٽ
تي بي هوش پيئي هئي، ۽ لنوندڙيءَ مان رت نيهند يون ڪيو
پيئي وهيس، ۽ اڳيانس شيشي جا ذرا ذرا پٽ تي پيا هئا.
گيوبرٽ جي وات مان وري گڙ پيئي وهي، ۽ ڪڇ پيئي مٽيائين.

هن ڏڪي ڏڪي، پڇيس: ڇا ٿيو؟

گيوبرٽ جو پير ڏرتيءَ تي ڪپيئي نہ پيو، چيائينس:
لڱن م ڪرنهن ٿي پيئي هيس، اُها ٿي لا ٿيما نس.

رت ڪي پيرڻ جو حال ڏسي، هيبت وٺي ويئي. پر
جهڙو ڪيس پٽ تان اُٿاري، پاڪر پائي، چيائين پئي: دادي،
آءٌ آهيان، موندي نهار، تهڙو گيوبرٽ مرڳو هنڪي به پانهن

کان گهلي، ڏمڪي ڪيڏي: جي، خبردار! وڃڻ ڏيئي آهين. نه ته اڄ مٿو توکي به ڪري ڇڏيندس.

رت چوه مان ڪانئس پنهنجي پاڻهن ڇڏائي، وري به وڃي پيرن جي اڳيان بيٺي. گيوبرٽ تنهن تان هيڪاري اچي مٿيو، جي، تون به چوري، مگر بئي جوڪي تي آهين؟ پر بيهه. لڪڻ ڪٿي آهي؟ ڏس ته تنهنجي بٽو جوڙ پاڇايار.

ائين چئي، رت کي ڳچيءَ کان مڙوٽو ڏيئي، پهريائين ترڪٽي ڪنڌ ۾ ڦٽو ڪيائينس. پر اتي کڙکڙ جو آواز ٿيو، ۽ ائنا به اکيون پٽيون. سمجهيائين ته پاڙي وارا اچي مڙيا آهن. اُمالڪ، جڏهن تنهن پيرن پريهي، گيوبرٽ کي ليلائي چيائين: هاڻ مات ڪريو، متان پوليس وارو نه اچي سهڙي. پاڙيوارا اڳيئي پيا دانهون ڪن.

گيوبرٽ، سڌ نه آهي، پيو ڪهڙو قهر برپا ڪري وڃهي ها، پر جيڪس جمار وڌي هيس، ڪي رت جي ڪرم ۾ سندس ڏڪ بچو لڪيل ڪرنه هو، ته او ڇتو پوليس واري اچي مٿهن ڪيو. هن مڙس جي همت هار جي ويئي.

پوليس وارو به سڃبري آيو هو، ته اچ هنڪي مار ڪٽ ڪندو ڏسان، ته اُمالڪ گرفتار ڪري، چائڙيءَ تي وٺي وڃانس؛ پر ائنا پوليس واري سان به منو ڳالهائي، قصو ڻاهي ڇڏيو. پوءِ گيوبرٽ کي پاڻهن کان وٺي، وڃي هند تي ليٽايائين، ۽ پاڻ پاڻي ۾ اڳڙي پوڙي، ويهي لڱوند ڙي ڏوڙائين.

جڏهن ٻئي وڃي هنڌن تي ليٽيون، تڏهن انڌا پيٽ کي
ڇهو: ڏسين ٿي، ڍڪ هن گهر ۾ گهاري ڪين سگهبو.
تنهن ۾ تون ته ڪٽي مٺهانجي ڳالهه مڃ. ڏک رحماني،
ڏک سهماني. توکي ته ڪنهن ڏينهن ڦٽي وجهي.

رت کي اکين مان پاڻي پي وهيو، پاڪر پائي، پيٽ
کان پڇيائين: ڇڙيو ڇاٿان؟

انڌا ورندي ڏنس: پمنڙي، ڪجهه نه. مٿان وري
نه جاڳي پوي. پرپٺ؟ اول خير، ته صبوح جو تون ته
نڪري وڃ.

رت ڪاچير ڪين. پره ڦٽي پرڀات ٿي، ته سخيري
گهر کان ٻاهر نڪتي. پيٽس ڏٺو، ته هٽ ۾ ڪو تار جو
پٽو ٻه اٿس. پڇيائينس: پيلاين کي ٿي تار ڪرين ڇا؟
رت وات سان وراڻي ڪه نه ڏنيس؛ رڳو ڪنڌ وني ڏوڻيائين. پر
تار آفيس ۾ تار ويٺي لکيائين، ته مٺهن ڏئي پئي ٿيس. هٽ
ٻه پي ڏکيس. تار واري کي تار ڏيئي، هٽ تي وري
پئي، ته هلندي هلندي وات تي پئي، پاڙيڪان پڇڻ لڳي: ڪم ڇڱو
ڪيو اٿم؟ ۽ انهيءَ ساهيءَ پاڙيڪي ورندي ڏنائين: جي، پيو
نه ته ونس مٿو ته وڃي اڪائيندي پو نسين. مڙس نيڪ خصلت
۽ درياه دل ته آهي.

پو ڇاڙين جو، رت جا مهل تي ڪم ٿان موٽي ڪا نه،
تنهن تي انڌا کي هرڪر ٿي پئي. گهڙيال ڏي نهاري، هر هر
پيٺي ڇڙي: مٿان ٻرنير جي گهرٽي ته ڪانه ٽڪي پيٺي؟

سڀجهه اڃا لٿو ڪونه، ته هڪڙو ڏيٺو وائسٽو ماڻهو دڪان تي چڙهي آيو. انڌا سندس روشن مان سهي ڪيو، ته ڪير آهي. ٻر ٻار اڃا اچرج ۾ ئي ڪا ڏائين، ته هن ٻاطمراد و سلام ڪري، ٻڇيس: انڌا تون آهين؟

انڌا چيس: هائو.

"رت جي ماتيلي ٻيرط ۾ تون ٿين ؟"

"جي."

"رت کي ته هيڏانهن سڏي وٺ. ساڻس ڪا ڳالهه ڪرڻي اٿم."

"رت سان؟"

انهيءَ گهڙيءَ ئي هڪڙو ٿانگي وارو ٽپ ٽپ ڪند و مٿي لنگهي آيو. انڌا کان ٻرندي گهر يائين، تنهن گلاس ۾ پائي ڏنيس، ته ٻيت ئي هڪڙي ڏيٺي، سارو گلاس چاڙهي، ٻئسا ٻيڊيءَ تي رکي، چيانس: هاڻ ڏرو ناس جو ۾ ته ڏجانم.

انڌا هونءَ انهيءَ ڪم تي هريل، ٻر اڄ سڌ ئي ڪانه ٿي ٻيس، ته هٿ ٿڙڪيس ڇو ٿي. ٿانگي واري کي ناس چپٽي ملي، سو ته سٽڪ سٽڪ ڪند و هليو ويو؛ ٻر هن ڏيٺي وائسٽي مڙساڙوءَ جي نراڙ ۾ هيڏو سارو گهنڊ ٻڌرو تي بيٺو.

اتي رت ۾ اچي سهڙي، ته هن ٻڙساڙوءَ جو گهنڊ ۾

اُمالڪ ويندو رهيو. رت کي تپرس به پئي لڳو، پر دل ڀاري به پئي ٿيس. چيائينس: هيلدار!

هيلدار سندس هٿ وٺي، ڪري ڇپن تي رکيا. پڇايائينس: تنهنجي تار مونکي ملي، ۽ آءٌ اُمالڪ اُتان روانو ٿيس. بس، ڳالهه ڇا جي صفائي ٿي؟ داديهن کي پڇايو اٿيئي، ته منهنجو تو سان ڪيڏو نه نيڙهن آهي؟

رت پيرڻ ڏي نهاريو، ته ڇا ڏسي، جو وچي سائي پيرِ ٿيندي. ڇڙي ٻري به ڪا نه ٿي، ۽ پيٽ کي ڪري تيڪ ڏني هوائين. رت ڇهڙو پانيو، ته وچي پاڪر پايانس، ٿهڙو هيلدار روڪي ڪٽي ٻاريس. پڇيائينس: مونکي وراڻي ته ڏي. سڀ بحال نه؟

رت کي اکين مان لڙڪ بي وهيا. ورندي ڏنائينس: هائو.

هيلدار ڳراهنڙي پائي، سنديس اکيون چمي، چيس: تڏهن پنهنجو مڱٽو ٿي چڪو؟

اتي ائنا پيرڻ کي پاڪر پائي، ڪن ۾ پڇيس: منڙي، منهنجي ڪاتر پاڻ ڇو ٿي سهسائين؟

رت به ڪن ۾ ئي پڇايس: دادي، تنهنجي ڪاتر نه، پر پنهنجي ڪاتر هي ڪم ٿي ڪريان. ڇو ته تو کان ڌار آءٌ گهڙي ڪا نه گهاري سگهنديس. هاڻ تون آسيس ڪريم، ته ورجي سکي ٿيان.

اِئين مٿي تي هٿڙو گهمائي، چيس: بابا، شل سهرو چوڙين، سهرا ماڻين. ور جي وڌي ٿين. ڪرتار ڪري، ڪڏهن اکر به نه اُٿيو.

پوءِ هيلدار ڏي مهڙ ڪري، پڇيائينس: اوهان سمجهو ٿا ته ڪم سباجهڙو ڪيو آٿو؟ اوهانجو خاندان ڪٿي، اسان ڪٿي؟ مونکي جان تان ڏپ پيو لڳي.

هيلدار ورندي ڏنيس: تون پيو ڪو به ويچار نه ڪر. تون پاڻئين ٿي، لوڪ مونکي ننولي ڪندو. سو لوڪ سان آءٌ پاڻهي پڇي ڪائيندس.

اِئين ڪي ڏينهن به پڪ ڪا نه ٿي ٿي. پر وري سندس منهن ۾ نهاري، ڏاڍي نهرسان چيائينس: آءٌ سمجهان ٿي ته رڳو ڪي اوهان دل وجان سان ٿا گهرو؛ نه ته جيڪر همن سڳي ڳنڍيوئي ڪين ها. پر هڪڙي مهرباني ڪجو. ساڻس اوائلي ڏيرج ڏاري هلجو. هيڪر اوهانجي ڀيٽ تي پنهنجي ويٺي، ته پوءِ، آءٌ پڪ تي ڏيان، اوهانجي رڳ رڳ ڏاري ڇڏيندي. جو ته دل سون درني آنس.

پرتماڪ ۽ پيرجي هٿ ۾ پيٺي پيٺي، هيلدار جا پير نيٺ اچي پيا. چيائين: آءٌ پلا هنئر موڪلايان ٿو؛ جو سوير سري وڃي نوڪريءَ تي چڙهڻو اٿم. پر ماصري رات ٿا ڪائي ڇڏيون. آءٌ ختمي اٿو پيو آهيان،

اُهو هنڌ چڱو ٿيندو. پيو، اوهان نجي ماڻيلي ٻيءَ سان ڪڏهن ڳالهه ٻهار جي صفائي ڪرڻي هجي، ته اُها به ٻڌايوم، ته اُنهيءَ جو به بلو ڪريان؛ ڇو ته رت جو سخيا ليندڙ اوس ڀاڱ هوندو.

پر ائنا ٻڌايس: اُنهيءَ کان اوهان ڇڏا آهيو. اُهو ڪم اسان نٿي ڇڏيو.

هيلدار چيو: توهان جي مهرباني. باقي پيون خبرون چارون 'مصريءَ' مهل ڪنداسون. ٻاهي کي به لکي ٿو موڪليان. وهانو تائين رت ڪري داديءَ وٽ ٽڪندي.

ائنا پڇيس: وهانو جو ٽيڪڙ ڪڏهن تي ڌرڪو؟

هيلدار ورندي ڏنيس: آءٌ ته چاهيان، اڄ ئي، ته سڀان تي نه وڃان. پر اُهو اڃا نبيرو ڪو نه ڪيو اٿم. تنهن وچم رت وڃي داديءَ وٽ ٽڪندي، ته ڀل اُتي هري ٿي، ۽ سڌ پوس ته اُنجي ويهجي ڪئن. داديءَ جي گهرواري جو عذر اڃا تنهن ڏينهن لٿو. دادي گهڻ ڪانه گهرنديس.

رت پڇيس: پوءِ ائنا؟

هيلدار ڏانهنس نهاريو ائين وئي، ڄڻ سندس ڳالهه سمجهيا ئين ڪا نه ٿي. چيائينس: ائنا؟

پر ائنا وچ ۾ پئي، ڳالهه کي ڦاهي ڇڏيو. هيلدار کي چيائين: رت کي فهرگي لهي ويو، ته ٻاهي کي آءٌ ائين ڪڙو ڇڏي نٿي سگهان.

رٿ ٽنهندي رڏ ڪُڏائي بيٺي. چي، آءٌ ائنا کان ائين ڏار ٻهر ڪا نه ٿيندي يس.

هيلدار ڳراهٽڙي ڀائي، سمجهايس: منڙي، ٿوري وير ڪاڻ اوس ڪانئس ڏار رهڻو پوندءِ.

ائنا ٻه ڏلاسو ڏنس: ڀيڻڙي، ڏچ نه. منهنجو ٻلو ڀيٽي ۾ ٿي پوندو.

هيلدار اڃا بيٺوئي هو، ته مٿان گيوبرٽ اچي نڪتو. پر جيئتو ٽيڪ نشي ۾ ٽاٽ هو، ته ٻه هيءَ جا نٿين صورت ڏنائين، سو اکيون ڦاڙي، ٻهي ڏانهنس نهاريائين. هيلدار ٻهرين ته دوس ئي ڪو نه ڏنس. پر هن جو واڪو ڪري هيلدار کان پڇيو: ڪير آهين؟ ۽ هيلدار جو ڏٺو، ته هن جي آئي، ٻٽي ڀيڻر سهمائجي ويون آهن، تڏهن اُمالڪ رازسهي ڪري ورتائين.

هيلدار کي ٻچاڻ اهڙي آئي، جو رٿ کان موڪلائڻ ٻه ڪين ٿي، ٽڪڙو ٽڪڙو هيٺ لهي ٿي ويو. ٻروري جو گيوبرٽ شرطائي چيس: هون. رٿ جو سُريتي آهين. تڏهين پير جهلي، رٿ کي هٿ کان وٺي، ٻڌايائينس: آءٌ هن جو مگيدو آهيان.

گيوبرٽ ٽنگون ڦاڙيو، ٽپرس ۾ ئي ٻٽي ڏانهنس نهاريو، ته ائنا هيلدار کي منت ڪٽي، ته اوهان هاڻ روانا

ٿيو ۽ سو به رت کان موڪلائي هليو ويو. پر گيوبرٽ اڃي ڏين تي مٿيو.

ائنا رت کي به اماڪ اندر موڪلي ڏنو ۽ پوءِ پاڻ ويهي پٽ کي ڳالهه سمجهايائين. پر هنجي مٿي ۾ ڳالهه وهي جو ٿي؟ ائنا کي پيو چوي: "... ڏو ٿيون ڏڳڙيون! مون کان لڪائي لڪائي منصوبا پيون سٽيو. سمجهو ائين ٿيون، پاڻ ۽ ته آءٌ مري ويو آهيان.

ائنا اهوئي ٻيٺي اُتر ڏنئيس: بابا، ڳالهه ڳالهه سان چڙهندي. اوهان ٿيو نه. اجا مائٽي جُري اڄ آهي. اوهان جي موڪل ڏاران اسين پير ڪٽنڊ پونسين ڪونه. پر هنجي مٿي ۾ هو جو اُٿ ويٺو، سو ائين نڪري ڪٿن؟

نيٺ ائنا پڌايس ته ٻئي، ته هيلدار کهڙو آکهائتو بٺائتو آهي، ته هن ڇا ڪيو، جو پيدي ۽ تان پير جي پريل پاتلي ڪٽي، تڪ منهن ۾ ڦهڪائي ڪڍ پائيڻس. ائنا جاڪيڙا سارا پير ۾ پاڇي پٽ ٿي ويا، ۽ پاڻ به نرالز مان رت ڳڙ يندي، ڦان ٿي ڪري ٻيٺي. مٿي کي اهڙو چڪر پي آيس، جو پانيائين اڃها ٿي دم ڏيان. اکيون اپٽجنسٺي نه، ۽ ساه به بند ٿي ويس. اتيٺي ڪوٺي ۽ جو در ڪليو، ۽ پي سرتيائي ۽ ۾ ئي ائنا پڏو، جو گيوبرٽ کي هڪڙو ڏڪ لڳو، پيو ڏڪ لڳو، جو به رڙو رڙ ڪري، پٺي ۽ پر ڪري پيو.

ائنا زور ڏيٺي، جنهن نئن اکيون کوليون، ۽ گيوبرٽ کي چڙيون هنڊ وڏي، پڇيائين: ڇا آهي؟

رت کي هٿ ۾ ٿلهو ڏنڊو هو؛ پيٽ سان ڳالهه ڪيائين: ڏنڊا مون هڻيا مانس. نه ته توکي آفت ماري وجهي ها.

"چوڪري، تو هي ڪم ڪنهن سنڌو ڪيو؟"

"تڏهن ڇڏي ڏيانس، ته پل توکي خون ڪري وجهي؟"

"چڱو مونکي ڪٺي ڪرسيءَ تي ته وهار. پاڻي ڏيڪ ٻه ڏينم. مٿو پيو جهڙ وانگر ڦريم."

رت ائنا کي ڪرسيءَ تي وهاريو، ۽ پاڻي به ڏنائينس. پر ائنا جو چتائي گيوبرت جي منهن ۾ ڏٺي نهاريو، سو هيءَ ڏڪي پئي، پڇيائينس: مري ته ڪونه ويو؟

ائنا به سهڪي پئي، چيائينس: رت، اهڙي ته ڪا وائي نه ڪڍ.

ٻوءِ پير پير ۾، اچي گيوبرت جي ناڙ ڏٺائين: ناڙ هنڌ جي هلي پئي، تڏهن وڃي پيٽ ۾ ساه پيس. رت کي چيائين: هاڻ آءُ، ته ڪٺي کٽ تي سمهاريونس.

پر رت ورندي ڏنس: پيو جيڪي چئين، سو ڪريان. انهيءَ مروءَ کي آءٌ هٿ ڪونه لائيندس.

ائنا سمجهايس، ته وري به اسانجو پيءُ ٿئي. هيترا ورهيه اسانکي پاليو نپايو اٿس. پيو به هاڻ ٻچڙو ٿيو، ته اُنلاءِ اسانکي حق ڪهڙو، جو اسان ساڻس ويرپاءُ رکون؟ اسانتي ڏنڊ آهي، جو هن ويل اسان سندس ٽهل ڪريون. لائق انسان کي ته جڳائي، جو ٻاڻ سان ئي وڙهي ۽ ته پريکيا

مهل سنڌس رهڻي اچي. تڏهن لاچار پيءُ جي ڳالهه مڃيائين.

گهيو بُرت کي اُڌاري، هنڌ تي سمهاريائون، ته هن به اکر پُٽي، ۽ سامت ۾ آيو. پوءِ ته سڄت ننڊ کاڄي ويس، ۽ سڄ اُپرئي تائين ڦوڪون ٿئي ڇڏيائين.

جوت پُري، سڄڻا ٿري، ته رت پيءُ کان پڇيو: هاڻ ڇا ڪجي؟

پيءُس چيو: در بند ڪر ته پڌايانءِ.

رت در بند ڪري، ۽ ڀتيءَ جي ٽِڪ کي سوري، وري اچي اڳيانس ويٺي، ته آواز گهورو، چيائينس: اڄ رات تنهنجي 'مصري' ......

پر رت وچ ۾ جهليس: اٿئين نه ڳالهاءِ. منهنجو من ٿو مڃجهي.

"پينڊڙي، تون ڪم جڳو ڪونه ٿي ڪرين."

"دادي، ماني ته مانيءَ تي ٿڦي پيون کائيندي پونسين؟"

"پينڊڙي، تنهنجو ڪو اُتي هرکر هاريل هجي، ته آءٌ جيڪر ويچار ڪريائمي ڪونه. سمجهان ٿي، ته تون پنهنجي وسون گهڻا ئيندي پنءِ ڪانه. گهوت جون رڳون ڇڳيون ڏاريندي پنءِ. پر پريم جي اُستر گهيءُ ڏاران تون به سنڌس ڪا ته جيڪي مڙوٽا ڪيندي پنءِ، تنهنمان توکي جس ته ايندو وئي ڪونه. تنهن وچ ۾ پڳوانه ڪري، جو هنجي دل به اُٽاٽڪي وچي، ته چاڻي ٿي نوبت ڪٿي

وڃي رسندي! ڏٺءِ، اُتا ولائي منجهس ڪيتري همٿ؟ پاڻئين تہ جيڪي طلبيان سو تيار رکيو اٿجي. هو پاڻ تہ هيئنئر توکي دليون ڇانئيون گهري ٿو؟ پر تون ......؟"

"مونکي بہ، دادي، پاڻ ڏاڍو وڻي پيو. پيو بہ دل شاهدي پيئي ڏئيم، تہ ڦٽنداسون ڪڏهن ڪونہ. ستمٿي هڪ ٻئي جي پيٽ ۾ پئجي ويندا سون. پر دادي، تون هي ڳالهيون ڪري، منهنجي دل تي پيا فهم ڇو پئي وجهين؟

"گهوري وڃانس! مون پيٽڙي، جيو، تہ پل پڌائي چڙهيانءِ، تہ وهانو جهڙي سنسڪار ۾ ماڻهو آڳو پيڇو جاچي هليو، تہ ڪاپاربہ ڪين. گُڏي گڏيءَ راند ڪانهي. وڏي سِر تي جوابداري ٿي کڻاجي. پاڻ جڳو لائق پريو انسان ٿو ڏسجي. پر سوال آهي، تہ لوڪ هيڏي جا سنڌس لائي جائي ڪندو، تنهنکي پاڻ مڙس تي منهن ڏيئي سگهندو؟ مونکي ڏاڍو ڊپ پيو ٿئي، تہ متان ڏيڍر نہ ڏيرا تي پونس. پوءِ پاڻ مورڳو جيوت ماڻئي نہ ڪڪ تي پوي!"

"اُهو ڇيائين ڪونہ، تہ سڀ ڳالهيون ڳُٺي ڳوتي، پوءِ وات وڏو اٿم؟ پيو بہ، اکيون پوري ڪم ڪونہ ٿو ڪري. پڌايو ڪين ماءُ، تہ ڪيترا ڏينهن تہ پاڻ منهنجي منهن تي ئي ڪين چڙهيو. پر نيٺ، جڏهين سمجهيائين تہ، مون ڏاران سنڌس نہ ٿي سري، تڏهين اچي دل جو راز سليائينم. منهنجي تنهن ڪري دل لوڏوئي ڪانہ ٿي کائي."

”تون سچ ٿي چوين. پر ٻُڌ ڙي، دنيا ۾ اهڙا جيئو ڪين پيا آهن جا، جي پهريائين ڏيکاري اهڙي ڏين، جو پوءِ ته پريم صدقي پاڻ ڪهڙو لڪ ۾ لنگهي ويندا؛ پر جڏهين ڪا گهاتي گهڙي اچي مٿان پوين، تڏهين سڃ جهلي ڪا نه سگهن؟ آءٌ هونءَ جيڪر پيٽ ڪري ٻانئي ڪانه. پر آلد پنهنجو تانءِ جيڪي تو مونکي لکيو هو، تنهن مان جيڪر آءٌ چوان، ته اهڙو جيئو جيڪڏهين مونکان اچي تنهنجي پاڻهن گهري، ته پوءِ آءٌ هيڏي حجت دليل هلا پائڻي ڪانه. هيلدار ۾ ماڻهو برابر نيڪ نيت آهي. پر دنيا جي رنگت اُنس جان تان سرسيري چڙهيل آهي. پيو اکين ۾ سندس نهار جي ٿو، ته منهنجو پڙهيو پٽاڃي. سڌي ڪانه ٿي پوي، ته منهنجهائين پاڙ جو شعاع پيو چٽي، يا منهنجي سچي شهادت پيئي ٻکي؟“

(٩)

”پڌءِ؟ رت ۾ هيلدار مگيا اٿيئي!“

”ٽيٺي نه آهي.“

”اجهو مگٽي جو ڪاغذ. پڙهي ڏس. هيلدار جي صحيح جٽي پيٺي ڏسجي.“

”مونکي ته ڳالهه دل سانٽي نه ٿي لڳي.“

”تڏهن ٻانءِ ته اسان سان مسخريون ٿو ڪري ڪيئن؟ خط پاڻ پيو ڳالهائي.“

”پرهيءَ جوڙي ته نه ٿي. هڪ ٻئي جي پٺ تي پوندائي ڪين.“

”ڇو؟ هيلدار پاٽ هر ڪيو. هينئر مونکي ڏاڍو پيو وڻندو. آءٌ ساڻس آئنده آڻيندس به ڪانه. اسان جي رت سنڌ جو گهوٽ ٿيو!“

”پاٽ ۾ ڏنائون وائنائون ڪهڙو؟ ڪم تڪڙ جو ڪين ڪيو اٿن؟“

”ڇو؟ سڀجهه صبوح پاٽ ۾ گڏ هوندا هئا، پوءِ اڄ ٻه ڄڻي، پاٽ ۾ ڏنائون وائنائون ڪهڙو؟ پيو ته دل ڏاسندي آهي هڪڙيءَ نهار سان، انلاءِ مد تون ٿوروئي ڪڇن.“

پنهي پيڻن ائين ويٺي پاٽ ۾ اوتيو موڪيو، ته مٿان پٺهن به آيو. ايوا ڳالهه ڪيئس، ته تڇرس ٿورڙو ڪونه لڳس.

ايوا شرطائي پڇيس: بابا، اوهان ڇا ٿا پائيو؟

ورندي ڏنائينس: مڱڻي جو ٿي پڇين؟ هڪ ٻئي جي پٺ تي پڇڻجي ويا، ته ڇهڙن سڪي پيو لهندو ئي ڪونه.

”اوهان پائيو ٿا، ته هيلدار رت جي رڳ سڃي ڪري سگهندو؟“

”ڇو نه؟ رت جو سيلاب، ڏونگر مٿان وهندڙ نهر وانگر صفا اوجل آهي؛ پوءِ اتڪ ڪهڙي ٿيندي يس؟ پر توکي ڳالهه ڇو نٿي وڻي؟ پاٽ آسيس ڪرين، ته پاٽ ۾ سدائين ڪير ڪندو ٿي هان. پريم سنڌ ن سدائين قائم رهي.“

پرتپ وڏا ماڻيس تي چڙهيا. جي، جوري ۾ گهٽا پوئي ڪيڏي! ڪهڙو ٿسينگ ليٽائي وڌائين! هو ڏاڍهن ڏهاڙي پڳي ۽ تڏهن بيٺي هوندي هئي؟ پاڻ چڱو. اهوئي اسانجو پاسو چڙهندو. اسانجي ڪل جو ناماچار وڌيو. اڄ ماڻهو پڇن ۽ ڳالي ڪي ٿا. هاڻ رت کي ۽ گيوپرت وٽ ڪونه چڙهيو. ڏينهن اڌ ۾ هٿي گهرائي ورتس. هيلبدار تي ۽ ٽڏو ٽورو ٿيندو. اسان ۾ پنهنجو پاڻ ملها ٿيندا سين.

ڏيڻس ماڻو جو پڙ ڪوڏ سي، مشڪيو پئي، پر ڪاڇيائين ڪونه ٿي. ماڻس جڏهن چيو: هنن خاندانين کي نه ته اسانجو پاڇو ڪونه وڻندو هو؛ هاڻ اسانجي وٽن اچڻ وڃڻ جي واه ته کلي؛ تڏهن ماڻو کي سمجهايائين، ته اما، خوش نه ٿي. اسانکي هي ماڻهو پنهنجو ثاني شريڪ پوءِ ۽ ڪين سمجهندا.

”جو ڪين؟ آءٌ رت جي ماسي، جيڪل ماڻس جي سڳي ڀيڻ، رت جو پيو ڪو سڳو ڪو سياڪو، جنهنسان هي ملهندا مر ڪندا؟ گهوٽهن کي ۽ ٿي پڌايان، ته هيلبدار سان هينئر اسانجو ڪهڙو ناتو ٿيو.“

”تون پاڻ ئي پيٺي پڙ. هن سان ڳالهه نه ڪج. هو هون ۾ ۽ مونکي گهٽ ڪونه ٿو گهري. باقي رت کي آءٌ واڌائي موڪليان ٿي، ۽ لکانس پر ٿي، ته اُماڪ هيڏانهن هلي اچي.“

آلبد پنهوفر کي هيلبدار جو ڪاغذ مليو، تنهن ويل پاڻ ماڙي ۾

جي دريءَ وٽ ويٺو هو. ڪاغذ پڙهي، اکيون ڪٽي سمهڻ دريءَ منجهہ ڪُپايائين. رت جي وئي ڪانپوءِ گلن جون ڇڪيون تہ ماساتيس ڪٽي ڇڏيون هيون، ۽ دريءَ جا طاق بہ پيڪڙيا پيا هوا؛ پرءالم رويا ۾ ڪا تہ مورت هن ڏٺي ٿي، جو ڪا ويرم اُنان اکر ئي ڪا نہ ڦيرايائين. نيٺ ڪاغذ دريءَ تي رکي، اکرن جي مٿان آڱر ائين وتي گهمايائين، ڄڻ ڪو نالو ٿي ڏاتائين.

(١٠)

”ڏهہ مهينا بہ ڪين ٿيا، هن هندان پڻي گڏ گاڏيءَ ۾ چڙهيا هواسين؛ تنهن وقت ڪنهن ٿي ڀانيو، تہ اڄوڪي ڏينهن آءٌ سندس آچيان لاءِ هئن اچي منتظر ٻهندس؟ ورڌاتا جو لکيو!“

”بہ هوءَ ڪير پيٺي اچي؟“

”اڙي، ڪا روت!“

”هيڏانهن سندس ڪم ڪهڙو؟“

”سمجهيم. رت کي ٽي ڏسڻ اچي.“

”رت جي هنکي ڪهڙي سد؟“

”رات جو ڪلب ۾ مون ڳالهہ ڪيڏي هئي؛ اُتان پڌو اٿس.“

”رت کي اسان پروقت ئي لکي موڪليو هو، تہ هاڻ اسان وٽ هلي اچ؛ پر پاڻ ڳالهہ نہ مڃيائين. الا جي ڇو؟“

”آءٌ ڀاڳوانٿو، تہ ڏاڏيس جهليو هوندس. مون نہ تہ ٻاڦ اها سمت سٺي هئي، تہ خبر جو وهانو ٿئي، تيستائين رت اچي ڏاڏيءَ وٽ ٽڪندي. پر ڀاڀي ۽ ڏاڏيءَ سان، رڳو مائٽيءَ جي ڳالهہ ڪئي يم، تہ اچي ورائي ورتائو نم ۽ تڏهن اُهو خيال ئي لاهي ڇڏيم. پوءِ بہ منهنجي مرضي اهائي هئي، تہ رت وڃي ڪنهن مڪتب ۾ ضروري تربيت وٺي. پر اڃا ٻچڪڙي وڏي. جي اهڙي تربيت ٻرنير بہ ڏيئي ٿو سگهيس، جنهن وٽان پيو انچربہ پرايو آهيس. آءٌ هونءَ جيڪر پنهنجيءَ ڳالهہ تي زور رکان ها، پر رت جي ٻاڦ مرضي ڪانہ ڏٺيم، جو اڃا جو پاسوئي نٿي ڇڏ يائين. تنهن وچ ۾ آءٌ سو پنهنجين سٺين ڏهاڙي، شهر ۾ وڃي، ڪيس پيو گهمائي گهمائي ايندو آهيان. ناٽڪ ئي ٿيو، ناچ ئي ٿيو، جتي ڪٿي وٺي وڃانس، تہ ڀل پوُم پويس. مجلس ۾ جڳي ويٺي سونهي. اڃا بہ ڪپڙا سادا ٿي پهري ۽ تنهن تان آءٌ جان تان پيو وڙان. تنهن ۾ تون جيڪر هڪڙي مونسان ڀلائي ڪرين، جو سمجهائينس، تہ آءٌ سوکڙيءَ پاکڙيءَ طور ڪجهہ ڏيانس، تہ مونکان کڻي وٺي. منهنجي تہ ڳالهہ ئي ڪانہ ٿي پڙي. گهڻيائي منت زاري ڪئي ٿيمانس ۽ گهڻيئي زور لاتا ٿيمانس ۽ اصل پيرئي نٿي کوڙي.“

”آءٌ چاڙان ٿي، اوهانکي اهڙو جهڙو وڳو وٺيئي ڪونہ. ٿڪندي وڳي سان گهڻي دل آٿو.“

”هتي ٿڪجندو ته گهر ويو، پر شايستو ته هئجي. منهنجو خاندان ڏس ڪهڙو، تنهن ۾ مون سان سڱ ڳنڍي، پاڻ هٿان لڳڙ پيئي گهليندي، ته ڳالهه ڪا ٺهندي؟ في الحال ته چار ڏيداري پوشاڪي وڳا هجنس، ته ڪم پيو ٿيئس. تون سياڻي آهين. ڪٿان به ڳالهه تي ٻاهر جانس. تون پاڻ ئي وڃي ڏينس. پئسا آءٌ ڀريندس. رت کي انت ڪٿي نه ڏج.“

”رت مڃيندي پائي ڪانه. آءٌ ته اڪائي اهڙو ڪم ڪريان ته ڪٿي، پر سڌ پئجي وڃيس، ته پوءِ گهر مان به گهرڪري ڏئيم. تنهن ڏاران داديس کي به مٺو لڳندو.“

”داديس ته هڪڙو اڄرج جهڙو جيو ٿي ڏسجي. چاڳالهه ائين پئي، جو پاڻ ته آءٌ ڪو ڪائن متي ڪو نه آهيان. هڪ لڳا ته ان باري ۾ وڏو وعظ به لکي مڪائيندم.“

”اها ته اڄا گيوبرٽ وٽ رهي پيئي آهي ڪٿان؟“

”ها ٿو. مون سندس ڪاتر پيو ٻاو ڪيو ٿي؛ پر ڳالهه نه مڃيائين. گيوبرٽ ڪو بيمار ٿي پيو هو؛ تڏهن ڪا ڪائنس منهنجي مائٽي قبول ڪرائي هئائين؛ تنهن لاءِ چئي ٿي، سندس ڳڻ ڪين وساريندس.“

اتي گاڏيءَ سيٽي هنئي، ۽ گاڏي پاو پاڪ ۾ ڦهڙ ڦهڙ ڪندي، اچي پليٽفارم تي بيٺي. هيلدار ٽڪڙو ٽڪڙو وجهي، گڏي گاڏي ۾ نهاريو. رت ٽرڊ ڪلاس ۾ ويٺي

هئي. دروازو کولي، جنسي ڪري منجهه ڪنيائيس. سامان سڙو به گاڏيءَ مان سندس ٻاهر لاٿائين.

هيلدار سندس ٻانهن ڪري ڪاهي وڃهلي. سٽيشن تي جٽي جٽي ڏانهن هئي نهار ريو. هيلدار سرهو ٿي ٿيو، جو ڏٺائين، ته منهنجي ٻانهن سهڻ کي وٺي بيٺي.

سٽيشن جي ٻاهران ٽپال وارن جي گاڏي بيٺي هئي. رت اُن ڏانهن اشارو ڪري، پڇيس: هوءَ گاڏي ياد پوي ٿي؟

هيلدار مشڪيو هئي، ورندي ڏنائيس: انهيءَ ٻاگهن پريءَ ۾ ته هڪ هئي سان سهي گهي ٿياسين. پر اڄ انهيءَ ۾ ڪونه ٿا چڙهون. آلد ينهوفرڪان سندس ٽانگو وٺي آيو آهيان. هلائيندس به آءٌ ٻاڻ؛ جنهنڪري پيو ڏپ ڏاڍ آهيئي ڪونه.

اتي ڪاروٽ اچي پرسائن لنگهي. هيلدار رت کان پڇيو: سڃاڻيس ٿي؟

رت ڪنڌ سان اشارو ڪيس، ها.

هيلدار چيس: ڏس، ڪهڙي نه پوري وقت تي اچي مدهن ڪيو اٿس؟ اڳئين پيري به انهيءَ جي صدقي ئي مونکي پتو پيو، ته تون به برابر ڏاڍيءَ حوا جي پوٽي آهين!

رت کي ڳالهه ياد آئي، ۽ وني مشڪيائين.

ماسا تيس پڇس: ائنا ڪٿي آهي؟

ورندي ڏنائيس: اُها ويچاري اڃا اُتي پڏي بيٺي

آهي. ٻه پانيا ن ٿي، ته وهانو ڪان اڳي، اجهي هتي سهڙندي.
چارلس ٻه ائين ٿو چاهي. ڪٿن، برابر نه؟

هيلدار جيس: جنهن ۾ تون راضي.

گاڏيءَ ۾ ويٺا، ته ماساتيس مٿهن ۾ نهاري، پڇيس:
وري مٿهن سان ڇا ڪيءَ؟

ورندي ڏنائينس: شهر جي هوا هيٺڊرياءُ ٿي نٿي ٻوير.
پيلي ڏاران ڏاڍو وياڪل ٿي گذاريان. اڄ وري
پانيان پيٺي، ته بت ۾ نئون ساه اچي پيو اٿم.

هيلدار جيس: تڏهن پيلي سان اصل دل پڇهي
ويٺي اٿيئي؟

ورندي وارياڻين: تنهن ۾ ته شڪ ئي ڪونهي. پانيان ته
پاسو سخدس ڇڏ يانئي نه.

”ڏسين مٿان پيالي جي نيٺهن ۾ آءٌ يادئي نه ٻوانءِ.
مونکان ته وڏيڪ ڪونه ٿي گهريدس؟“

”سچ نه پڇو، ته اها مونکي پارٽ سڌ ڪانه ٿي ٻوي.“

”تڏهن نئين سروري ويهي توکي ٻرپيان؟ ڇهه مهينا
مڳئي ٿيا آئٿون، سي جيڪس پورا نٿي سمجهين؟“

”ائين نه چئو.“

”توکان مٿي آءٌ ته ڪنهنکي ڪونه ٿو ليکيان. تون ٻه
مونکي اوترو ئي گهرنه. پيءُ ڪنهن بيچان شيءِ سان ئي
اون گهٽو آر رکندينءَ، ته مونکي پيو حسد ٿيندو. تنهن ۾

پنهنجو سمورو پيار مونکي ئي ڏي. مونکان منھو پٺي ڪنهنکي به نه ڪر.”

رت جي ڳالهه ۾ لالائي سا اچي ويئي ۽ هر وات سان ڪاڇياڻين ڪونه. ماسٽيس تنهن ڏانهن هيلبدار کي چيو: اوهانجي گهرواجبي آهي. رت اوهانجي ئي رهندي. هر اڃا پيار آهي. تنهن ۾ رکو ته هيري مڙي.

هيلبدار ورندي ڏنس: اهو ته آءُ به ٿو سمجهان.

وري رت ڏي مهڙ ڪري، چياڻيندس: هيندر جيترو ٿي سگهيٺي، اوترو منهنجي سنگ ۾ ئي رهج ڪاج. پيلاڻين وت وڃڻ کان به آئنده پيرجهلاجانءِ.

رت وائڙي ٿي ويئي، ويسهه ئي نه ٿي آيس، ته هيلبدار ساڻس ڪا اهڙي ڳالهه ٿي ڪئي. تنهن هوندي به پاڇياڻيندس: ڇا؟ پيلاڻين وت آئنده نه وڃان؟

”نه، چوته هونيٺ به پيلاڻي ٿيا. تون هينئر منهنجي ڪنوار آهين. تنهنجو وٺن ريل جيل وڃڻ ٺهندو ئي ڪونه. پيو به آءُ جو سچو سارو ويئو آهيان. پيلي ۾ ڏهاڙي آءُ پاڻ توکي وٺيو هلندس.”

”اوهان سان منهنجو سڱ ٿيو، تنهنڪري آءُ ساڻن ناتو توڙي ڇڏيان؟ مونکان اهڙي ٻي مهابائي ڪا نه پاڇندي.”

”مون جيڪا ڳالهه ڪئي، تنهن کان مڙندس ڪڏهن ڪو نه؛ تنهنجو خيال رکج.“

اهي اکر هن چيا ٿي، جڙڪنجهو ٿي وڳو؛ جيتو ٽيڪ پاهران ڪليائين پي.

رت جو منهن روئنهارڪو ٿي ويو. تڏهن ڏانهس نهاري، پڇيائينس: پياري، منهنجي ڪا ته تون ساهيڙي سڌ به ڪا نه سهسائي سگهندينءَ؟ آءُ پاڻ جيڪر تنهنجي صدقي ڇا نه ڪريان؟

رت مات ۾ ٿي رهي؛ ۽ ڪا ويرم هٿن ٻنهي وري پاڻ ۾ ڳالهايو ئي ڪو نه. الائيس به چار پيرا ڪوشش ڪئي، ته ڪٿي هنڌجو رو سامو لاهيان؛ پر وريو ئي ڪو نه.

اتي چوڻ پريان پريان، ائدا ٿي، رت جي نظر ٻئي جي وڃي. هيلدار هيترو سمجهايو هوس، تنهنجي سنڀار رهيس ئي ڪا نه، لغام ۾ هٿ وجهي، گاڏي ڪري بيهاريائين؛ ۽ خوشيءَ ۾ ٻرجي، وٺي رڙ ڪيائين: ائدا! ائدا!

هيلدار به سوري ويو. رت لهي هيٺ ٿي.

ائدا کي هٿن ۾ پنڌ ڪري پٺ تي رکيائين؛ ۽ ڊوڙ پائي، اچي رت کي ڀاڪر پاتائين.

خير! ائدا ته وري پنڌ پيئي، ۽ هيءَ وري اچي گاڏيءَ ۾ چڙهي. گاڏي هلي، ته ٿوري ويرم رکي، رت هيلدار کان نماڻائيءَ سان پڇيو: اوهان نڪي جيڪس منهنجو هي نمونو نه وٺيو؟ مونتي ڏمريا آهيو؟

هيلدار ڏانهس نهاريو ڪونه، ٻاڦي ڪري آوازِ چيائينس: تون اڃا ٻار آهين. ڳالهه ڪي سمجهين ڪانه ٿي. مهميز...

”مهميز نه. پيار. قرب.“

”پر پيار آ؟ ڪونه تو ڪريانءِ ڇا؟ ڇا هر تو گهٽ گهرانءِ ؟“

”اوهان برابر، مونکي پيار ڪريو ٿا. پر اوهان پنهنجو پيار، پنهنجي ڪاڻ، ٿا مونکي ڏيو. هي جهانگي ويچارا، مونکي منهنجي صدقي، ٿا قرب ڏيکارين.“

انهيءَ ڏينهن هيلدار ٽپهري ۾ ماسيس جي گهر ڪئي. سانجهه مرڪيو ٿي، تڏهن رت کي چيائين: پيلاڻين وٽ آءُ ۾ توسان گڏيو هلندس.

رت ڏاڍي سرهي ٿي. وات مان نڪري ويس: سچ؟

هيلدار مرڪي وراڻي ڏنيس: اڄ کان وٺي ڪنهن وٽ به وڃڻو پيو، ته ٻئي گڏيا هلنداسين.

رات پيئي، ته رت دريءَ وٽ بيهي، سندس جاءِ ڏي نهارڻ لڳي. دل ۾ پئي چيائين: سو نيٺ منهنجو سپنو سچو نڪتو. هيڪاري دل ٽپاڙنس، جو چوائين ٿي، ته ٻاهر سرڳي ۾ انهيءَ جاءِ ۾ رهندو هو، ؟ وري اما جيڪجل پڙهتائي ٻهي، ڏانهس نينهن پريا نياپا موڪليندي هئي.

(۱۱)

خير جو پيو ڏينهن ٿيو، ته هيلدار سويرو ئي اچي سڏ ڪيس. ڪيس پنهنجي عملداري پوشاڪ ڍڪي پيئي

هئي؛ سو چيائينس: معاف ڪجو، جو هي وڏو ٻهرو اٿم. هن ۾ آءٌ پاڻ کي ڏاڍو خوش سمجهندو آهيان.

رت تہ ساڳي ڪلهوڪي گهگهري ڪري ڍڪي هئي. هيلدار سندس پوشاڪ ڏي چتائي پئي نهاريو، تہ الائيس کي اڄ ڪلهوڪي يادگيري پيئي؛ تنهن رت کي چيو: تون هيلدار جي ڪنوارِ، تنهنجي منهن تي ههڙي گهگهي پيئي ڇا نہ ٿي. وري ڪو مٺيو منديءَ، ڪوڏر والي؟ هيئن تہ پسي پيئي لڳين. پانهون بہ هيڏيون ليڇڙ، ڪي سونهن ٿيون ڇا! ڪتري نندو ڪري ڇڏين، تہ ڪير تنهنجون پانهون تہ ڏسي وائسي. پانهن ۾ ٻہ ٻہ پيو نہ، تہ چوڙا ئي ڪڍي پاءِ.

رت هٻڪي پئي. ورندي ڏنائينس: نہ! نہ! مٺيو منديءَ آءٌ پائيندس ئي ڪا نہ.

هيلدار پڇيس: پر آءٌ جي جوانءِ تہ پوءِ؟ جوڙا آءٌ تو کي گهڙائي ڏيان. هاڻ تہ اها سوکڙي وٺندينءَ؟ هيلتائين تہ ائنا اڄائي هوڏ پڪڙيو ويٺي هئين، جنهن ڪارڻ اها سِڪ سوادون ڪئي ڪا نہ ٿي.

”منهنجي منهن تي اهي مٺيا پوندائي ڪين!“

”ڳالهہ ڪُل! آءٌ تڏهن تو کي هر هر پيو ياد ڏياريان ڇا، تہ تون منهنجي هاڻ ڪنوار آهين؛ تنهن ۾ ويس وڳو آباڻئو ماناڻئو ڍڪيندي ڪر. آءٌ پلا الائيس کي تو سمجهايان.

اها تي به چار وڳا ۽ ڪڙو اڌ ضروري مٽيو وٺي تي ڏيئي."

الائيس به هيلبدار کي ورنيو. جي، گهڻو ٿهن سچ ٿو چوي. ڏهاڙي ڏهاڙي اهائي هڪڙي گهگهري پائي، ساڻس گڏ اندر ٻاهر پيئي ايندين ويندين، ته ماڻهو ڇا چوندا؟

هيلبدار تي چيو: خير، انهيءَ کي ڏينهن اڌ ۾ ڏسي وٺبو. پوءِ رت کي اشارو ڪيائين، سا دستانا ڍڪي، اچي پرسانس بيٺي. جڏهن شهر جو دنگ ڇڏي، پيالي جي سڙڪ تي ٿيا، تڏهن هيلبدار پڇايس: ڏسءِ، مٿهن ڪٿن نه ڀڳي پاٽڙي نهاريو؟ هاڻ تون اها ساڳي رت ڪانه آهين. مون سان جو تنهنجو پلو پڙيو، سو اڪثر ماڻهو هي تنهنجا لڳڙ ڏسي، ورجائيندا ته سهين. تنهن ۾ منهنجو چيو موتاءِ نه. ڪپڙو اٿو ذرا زيبائتو ڍڪيندي ڪر. الائيس کي آ؟ ....

پر رت وچ ۾ ئي روڪيس. جي، چارلس! اها تڪ وري متان واتان ڪڍي آٿو. مون سان پيار اٿو، ته انهيءَ ڳالهه تان لهي وڃو.

"ڏاڍي ڪا زورآور آهين! هي لڳڙ پيئي گهليندين، ته مونکي ڳالهه ڪٿن وڻندي؟"

"اوهانکي تڏهن گهڻو رڳو ٻاهريون ڏيکُ ويکُ گهرجي؟"

"تنهن ۾ ته شڪ ئي ڪونهي! خصوصاً تون جا منهنجي مڱ ٿيندين، سو مونکي ته ڏاڍو ويچار ٿو ٿئي."

”آءٌ اوهانکي ڇا ڄاڻان؟ پر آءٌ به ٻڌائي ٿي ڇڏيانو، ته آئنده آءٌ اهڙي ڳالهه ٻڌنديس به ڪانه.“

”تنهنجو مطلب ته تون مونکان سوکڙي پاڪڙي به ڪانه وٺنديئن؟“

”بنهه نه!“

هيتائين آءٌ سمجهيو ويٺو هوس، ته انا ٿي جيڪس توکي اهڙا فهم وجهي. جيڪس ڀورالي ...“

”اوهان وڏي ڀل ٿي ڪئي. منهنجي دادي ڀور ڀڄائي ڄاڻي ئي ڪانه. مونکي ڏاڏيءَ پنهنجي سمجهه ڪانه ڏني آهي، ڪئن؟ آءٌ جيڪڏهن وهانو کان اڳ، تهِ جيتري ڪري اوهان کان سوکڙي وٺان، ته منهن هوند پيو جهنجهڙيون پائيم؛ اندر وارو پيو شرمائيم.“

”تڏهن وهانو سويلڙي ڪري ڇڏيون؟“

”ها ئو، وهانو ۾ سيراپو نه وجهو!“

هيلدار هيءَ وراڻي ٻڌي، ڏانهنس اچرج ۾ ٻئي نهاريو، ته وري چيائينس: ڀلائي اوهانجي، انا جي صدقي وهانو جو ترت تدارڪ ڪريو. تنهنتان هيڪاري هيلدار واڻڙو ٿي ويو. منهن ۾ گهنڊ وجهي، پڇيائينس. وهانو آءٌ توسان ٿو ڪريان، يا انا سان، جو انا جو واسطو ٿي وجهيم؟ هر هر وجهه انا جي ڳالهه ٿيا يو آڻين! ڄاڻ نٿو، ته دادي پهن سان ڏاڍي دل اٿيئي، پر اُنهيءَ دل مان مون به ته ڪجهه لڌو. ڪين آءٌ ڳڻت ۾ ئي ڪونه آهيان؟

”منهنجا مِٺا، هي ڇا ٿا چئو؟“

ائين چئي، مون پنهنجو ڪري سندس هنيانو تي رکيائين.

رت جو ٻاڻ مراد وساٽس هي سُهڄ ڪيو، تنهن هيلدار جو اندر ڀاهر ٺاري ڇڏيو. پاڻيائين پئي، ترڇڻ سرگِهڙام جو اوچ ويندو ماٽيان. املاڪ وٺي سندس اکيون ۽ هٿ چميائين، ۽ پاڪر ۾ جهلي چيپاٽي، چيائينس: پياري، هيتري لاءِ ته آءٌ سڪيس پئي. نيٺ پنهنجو وڙ ڪيءِ. هاڻ، ائنا ڪا ترئي وهانو ۾ ديرڪا نه وجهج. ائين نه؟

رت گلڙي وانگر ٽڙي پئي؛ مون ۾ نهاري، ورندي ڏنائينس: مهل تي شل انسان کي عقل اچي!

”شاٻس! ائين جي ڦرباٽتو ڳالهائيءِ، ته آءٌ ڪو وري توکان پري آهيان ڇا؟ ٻرهاڻ جاءِ جي ته ڳولا ڪجي. مون واري هاٿوڪي جاءِ ته پوري پوندي ڪانه. آءٌ ٻه ٽو جاءِ ڪا تو نهاريان. تون ٻه اونور ڪجه.“

رت ورندي ڪانه ڏنس، پر ٻريان ڪمهن ماٺهوءَ وٽن جي جهمت مان جهاتيون پئي پاتيون، اشاري سان تنهن ڏي هيلدار جو ڏيان ڇڪايائين. هيلدار جي مون جو رنگ املاڪ ڦري ويو، ۽ ڏند وٺي ڪرٽيائين. چيائين: اهو بد معاش شولز آهي. مونکي سڪه جي گهڙي ته سهيئي ڪانه! اهڙي، اهڙي. ويل، مون سانئون پيئوئي هڄيم.

” اوهان به هيڏو مٿس ڪوپ چو ٿا ٿيو؟ آءٌ پانهنجي ٿي، ته ٻڙي اوهانجي ڪاٿي مون گهڙيو آهي، ته سچ پالي ته هلي پيو.“

” آءٌ اهڙي ڳالهه ماڇيندس ئي ڪا نه. مون ڪيس اڳي نه آزمايو هئجي، ته پوءِ ڪري منجهس ڀروسو ڇو ڪيم.“

” ڇو ٿا غريب جو مٿي تي زنب ڪٽو؟“

” مونسان پوڙس ئي ڪا نه.“

” اوهان ٻار ته ڪو ڇيهو ڪو نه رسايو اٿس؟“

” ٻار جيڪس ائين ٿو سمجهي.“

” مونکي ته ساري حقيقت ٻڌايو.“

” بيشڪ.“

پوءِ تڪڙي تڪڙي ڪيس ڳالهه ٻڌائي ويو، ته ڪئن نه سندس مڱيندي مونکي جري تي ويٺي؛ ۽ ڇاڪاڻ ته ساڳئي سمي شولز کي پنهنجي ئي افعالين نوڪري ڪان جواب مليو، ته هن به ساڻس اُبد و آبد و ڪري ڇڏي؛ جنهن تان ئي هنجي دل تي اهو وهم ويهي ويو، ته سندس مڱيندئي کي مون ئي ٽيڙيو.

رت وري پڇيس: اوهان ٻانيو ڪين ٿا، ته هنئر ٻار سڏاريو اٿس؟

هيلبدار ورندي ڏنس: ڪم تي سڌت نظر اڳئين

جھڙي آھيئي سٺار، تھڙي جيئي نٿو سگھجي، ته ھي ڪھڙي ڳالھيءَ ۾ آھي ؟

” بالا عملدار اوھانجو خدا ترس ماڻھو ٿو ڏسجي. انھيءَ کي آخر اُتس کھل پيئي. ھرو ڀرو ھنجي وڏن ڏي کين ڏنائين. “

” برابر، پر تنھن ھوندي به فرض ادائيءَ ۾ ڪو ٻوٽو پيو، ته ڪن لاتار ھو ڪندو ئي ڪا نه. “

پٺي پيلاين جي گھروٽ اچي پھتا، ته ھيلدار چيس: تون اندر وڃي ساڻن مِلُ. آءٌ ڪلاڪ کن رکي، وري ٿو اچان. پر پڌاءِ، ڏھاڙي ته وٽن ڪا نه ايندي ھُئينءَ ؟

رت ورندي ڏنس: ويچارا ڏاڍا ڦرٻٽا آھن. اڳيئين پيري مونھنجي ٻت جي تورڙي ڪانه ڪيائون. تنھن ڏاران مونکي ڳالھ به، پيلي جي ھوا ڏاڍي وٺي ٿي.

ھيلدار چيس: پيلي ۾ روز مونسان گڏ پيئي پيرو ڪاج. آءٌ رڳو جوان ٿو، ته ھنن ماڻھن سان گھٽو گھائل ماڻل نه ٿيءُ.

ھيلدار ويو، ۽ ھيءَ ٻاغ مان ٽڪڙا ٽڪڙا سراڪا پائي، گھر جي در وٽ پھتي، ته ھڪڙو وڏو ڪتو ٻچ لتڪائيندو، اچي ٽنگن ۾ وچڙيس. ھن اُمالڪ ڪٺي اُنکي ڀاڪر پاتو. اتيئي پيا پر ڪتا به ڀؤ ڀؤ ڪندا، ھٿانس وري آيا ۽ ڦرب وچون ھٿ پير ٻھي چٽيائونس. ايوا ۽ ائنا جو ھنکي ايندو ڏٺو، سي در وٽ ئي اچي، ڀاڪر پائي گڏ پنس

آلادينهوفر جي ماءُ جي هڪڙي ساهيڙي، جا آلادينهوفر جو هٿي گهر ڇڏي ويئي هئي، ساهيڙيءَ کس اُمالڪ اُنهي سان ٻڌيت ڪرايس؛ جا ٻه اُنهيءَ وير اُتي حاضر هئي. رت کي ڏٺي، هوءَ مائي ڏاڍي سرهي ٿي. رت جي ٻه ساٿس ڏسندي ئي دل ڀاڄهي ويئي.

ڪراڙيءَ چيس: اڳيئين ڀيري آءٌ هٿي هيس ئي ڪا نه، نه ته توسان سهج ڪريان ها. ٻه هينئر ٻه ويئي ڪانهي. مونسان هيلدار تنهنجون ڏاڍيون اڇي ڳالهيون ڪندو آهي. هاڻ اسانوت ٻه شهر ۾ پيئي اڄڄ وڄڄ.

ائنا تنهنجي شرطايس: اسانکي ته پوءِ ڪسُ لڳندي.

ايوا ڀيرڻ کي چيو: هيلدار کي ٻه هينئر رت جو هٿن وت وڃڻ وڏيڪ وٽندو. تنهن ۾ مونکي ڏپ ٿو ٿئي، ته رت اسانکي ماگهين وساري نه ڇڏي.

رت تنهنجي پاڪرائي، ٻڪ ڏنيس: ڀينڙي، آءٌ اوهان وٽ ٻه پيئي ايندس؛ پر جي ڏهاڙي ڪٽي نه اچان، ته دل ۾ نه ڪجو.

(١٢)

”پدءِ؟ داديءَ تارمڪي اٿم. پاڻ ٿي سپاٽي هيڏانهن اچي.“

”سچ!“

مونکي ڀيرڻ آهي ئي اها سڌ ته اٿيئي، بابو؟ پاڻ

مونکي ڪاوڙيا وتن، جو آءٌ توسان ٿورو ونو ڪريان. سو
ٻاڻ، پيا هلندا جڏهن، جا هيڏانهن ٿي لڙي، تنهن مان سمجهان
ٿو، ته سخت سڃي اٿس، ته تنهنجو اچڻ اٿس سڏيان، هاڻ
ڏسان، تون ڪهڙو ٿي اُتس اثر وجهڻ ڏين؟ بهتر ٿئي ها،
جي پنهنجو وڻ نوڪي ويو هيجي ها. پر آءٌ منهنجي پيو
آهيان، ته رهايانس ڪٿي؟ اهڙو جس پريو بنگلو ته مونکي
سمجهيئي نٿو. اهڙو جهڙو مڪان ته هن کي آخرئي ۾
ڪونه ايندو. ٻاڻ پلا محلاتن ۾ رهي ڏٺو اٿس."

"ونسيٽ جي چاپ مٿان، گهٽيئي خالي ڪمرا پيا
ڏسجن. مون تنهن ڏينهن اُچاتري اُتي نظر ڦيرائي.
ٻاڻ پنهنجي ڪاتر ڏاڍا خاصا ٿيندا. في الحال پيرڻ ڪي،
اُتي ئي ڪٽي رهايو. اسانجو جيستائين ڪ پرڙو ٿئي."

"ڳالهيون ته ڪهڙيون ٿي ڪرين؟ دادي تون پنڻين
ٿي، اچي انهن ڪمرن ۾ رهندي؟ اسانجو پر منجهس گذر
نه ٿي سگهندو. تون پلائي ڪري، هاڻ جاءِ لاءِ ٻاڻ نه پڇوڙ.
اوهانجو زنانو عقل، اوهين رڳو پڪائي پيون ڪنديون."

"سچ آءٌ بي آزمودگار، مونکي ڪهڙي سڌ؟
مونکي معاف ڪجو، جو اهڙي اوهان سان ڳالهه ڪيم."

هيلدار ڳالهايو پئي، جڏهن تپال گاڏي ٿي جُڻي. منهن ۾
پر هيڏ وسارو ڪٽي گهڻو وڏو هوائين. پرتو پئي. رت کي
جيائين: تنهنجن ڳالهين مڪاري منجهائي وڌو اٿم.

رت ڏکي ويٺي. پڇيائينس: ڇو، سو ڪيئن؟

جي، تون پنهنجي ڳالهه تان هٽين ته ڪا نه ٿي. مون به گهڻا مٺا هڻيا ٿيمانءِ، ته ڪپڙي لٿي جي ڪڙائي وٽ؟ پر تون اڄا به اهيئي لڳڙ پٺي گهامين. پوءِ داديءَ وٽ انهن دان ۾ ڪيئن وٺي هلندو سانءِ؟ ماڻهو منگٽي هوندي، هڪ پٺي سان الاجي ڪهڙيون سڪون پيا ڪن. تون مونکان سو ڪڙي پا ڪڙي به نه وٺين.

رت جو ڳالهائڻ گهورو، چيائينس: مٺا سڪ سواد به هڪ پٺي سان ڪاجي، ته سونهي پيو. هتي منهنجو هڏ هيٺو، آءٌ اوهان سان ڪيئن پهچان؟

”پر توکان سو ڪڙي پا ڪڙي گهري ڪير ٿو؟ تون رڳو پاڻ ڪٽي مونکان وٺ.“

”نه پيارا، نه. وري مونکي انهيءَ ناليءَ نه چڙهجو.“

”هيڏي هوڏ! آءٌ پل پيو ڪلڻ هاب ٿيان، پر تون ڳالهه کي سمجهندينءَ ڪا نه. هاڻ وري به تو منٿ ڪريانءِ. ڏاهي ٿيءُ. منهنجي ڳالهه ڪري مڃ.

رت ڪجهه چئي ٿي ڏنو، پر وات کي هٿ ڏيئي، زور سان چپ ڪري پيٽڙيائين.

هيلدار جو به من تپي ويو. وڌيڪ پاڻ جاهي نه سگهيو. چيائينس: منهنجا ته اوسانا خطا ڪيو ڇڏين! ڌهڙي پريم کي جس هجي، جنهن نسبت، نه ته، ڪوئي جونتا،

اونهو اوڙاھ ٿو ٿئي؛ جنهن جي صدقي ڏيون جيڪر جان ۾ ڪٺي سهسائين! پر ڏسجي ٿو، تہ تون؛ آءٌ هڪ ٻئي جي ڳالھ سمجهو نٿي ڪو نہ ٿا. هاڻ پڌ. آءٌ رڳو هيترو ٿو چاهيان، تہ دادي تي پريندي تون اثر سنو جماءِ. تنهن منهنجي ڪري ڳالھ هي."

رت جو منهن ۾ ڳاڙهو ڳاڙهو لال ٿي ويو. وات مان سوا ڪرڻ ڪو ٿي اُڪليس، باقي ڪنڌ سان اشارو ڪيائينس، نہ.

هيلدار جو ٻاقيءَ ڏيرج ويندو رهيو. جي، ايتري هوڏ مونکان ۾ برداشت نہ ڪئي ٿيندي.

ائين چئي، ڪانئس ري موڪلايوئي، ٻاهر هليو ويو. هيءَ تنهن تي ڪجهہ مڙيائي پئي، ۽ پنيان سڏ ڪيائينس تي؛ پروري جم ڪائي، آنيئي ٻهي رهي.

ماسا تيس هي رنگ ڏسي، پڇيس: وري ڇو ڪاوڙايو سينس؟

تنهنکي ماڻس پڌايو: سو ڪڙيءَ ٻاڪڙيءَ جا وٺي زور ڪيانس؛ پر هن پڌس ۾ ڪو نہ. ڳالھ ڪل! پڇيئنس، ڇوري تنهنجو منگيندو گهوٽ؛ تنهن کان سو ڪڙيءَ سريءَ وٺندي ڪهڙو ٿو مهٽو لڳيئي؟ مائٽي نہ ڇڏي ڇڏيس.

رت ڪڇيو ڪين، وائڙن جئن پئي ڏانهن نهاريائين. الائيس ڏنو، تہ هيءَ وجي سائي هيڊ ٿيندي؛ سا اُماڪ

مٿي ماڙيءَ تي وٺي ويس، ۽ ٿڌي ٻاٽيءَ ۾ ٽوال پسائي، چيائينس: ماڻهو ڪير؟ ڇي ڪرين جا پيٺي؟ اهڙين ڳالهين جا ڪي ايڏا ويچار ڪبا آهن ڪٿن؟ پيو ٻه مڙساڙوءَ سان ايڏو شدو ڪونهي تو، جڙي تُو؟ هو ٻاڻ ڏس، تنهنجي ڪارڻ ٻاڻڪي ڪيڏي نہ ٿو ڪس لائي! تون سنديس ذرڙي ڳالهہ نہ ٿي مڃي. ماڻهو هٿن ٿڏو نڪر ٻه نہ ٿٿي. پيو ٻه هيلدار حڙو راڻڄهن گهوٽ، موڻ ٻاري تہ جيڪر اُتا نس گهورون پيٺي گهوري. توسان ٻاڻ ئي وڙ ڪيو اٿس. پوءِ تون جا هيڏي تيڏائي ڏيکاريندينءَ، تہ هنجي دل ٻه ڪٿي ڪانہ ٿي پوندي؟ تنهن ۾ گهيلي نہ ٿي. ڳالهہ ڪي سمجهہ. ڦرب ڏيکاريندس. ڪڏهن ساڻس حجت هلاءِ. پوءِ مجال جي تو کان رُسي ڪڻي.

الائيس جو هٿن اچي ٻاٽي، سو رت کي لڳن ۾ سياڻو پٺي پيو. هن وري ٻه سمجهايس: هيلدار کي وري نہ موٽائج. ڳالهہ ڪري مڃاڄانس.

رت ورندي ڏنس: پٺيءَ نہ!

”سچ چوانءِ، مٺيان نہ لڳيٺي؟ هيلدار سان سچ پچ تنهنجو مٺيون هچپٺي نٿو. نہ تہ، سندس پريم سانگي، هٿ ذري نہ ڇڏين؟ وري ٻه جس هن مڙساڙوءَ کي هجي. ڪيڏي ٻاڻڪي ناٺي جي جمات هٿي اٿس! پنهنجي پرائي جا اولانيا ڏار ويٺو سهي! تون هٿ مٺي، سندس قدر اهو ٿي سڃاڻين.“

”اها ويل اچي، ته ڏس آءٌ ڪئن نه ٿي سندس قدر سڃاڻان!
آءٌ جيسي چٽ ڪا نه آهيان. چاڻان ٿي، ته مون تي وڏو ڏوهه ڪيو اٿس. پر هن ڳالهه ناڻ وري نه مونکي چئج. آءٌ“
پر تڪ اچا پوري ڪا نه ڪيائين، ته تپ ڏيئي اُٿي ڪري ٿي. الائيس اچر جهر ٻئي ٻنيان نهاريو، ته ڏٺائين، جو هيلدار بيو اچي. رت اُهالڪ وچي اڳيانس بيٺي، ۽ سندس هٿ هٿ ۾ وٺي، چيائنس: اوهان اڳهوڪا اڙ وچون مونسان ڳالهايو پر ڪو نه. انهيءَ ڪئي هليا ويو. هاڻ مونکي معاف ڪريو.

هيلدار ماٺ ۾ ئي رهيو.

الائيس هيلدار کي چيو: مون هيئنر ويٺي رت کي سمجهايو. اوهان پر سندس ڳالهه دل ۾ نه ڪريو. پار آهي. نيت نهي پوندي. آئنده اُميد ته جئن اوهان چوندس...

پر هيلدار وچهر ئي جهليس. چي، انهيءَ ڳالهه تان هيئنر لهي وچ. رت ٻنهنجي هوڏ پوءِ به ڪڏهن ڇڏ يندي. سندس پيار ڏيکارڻ جو نمونو ئي ٻنهنجو تو ڏسجي.

رت چيس: پيارا جئو سچ ٿا. پر اوهان هئن ڪوڙو چو ٿا ڳالهايو؟ تورو ترسو، پوءِ ويٺا ڏسجو، آءٌ ڪئن نه ٿي اوهانجو گڻ ڳايان، ڪئن نه ٿي آءٌ تهدل اوهانجو شڪرانا آڻيان! اوهان هيئنر سمجهو پيا، ته آءٌ ڪا وڏي بي شڪر آهيان. منهنجي ...

پر هيلدار هنڪيءَ تڪ پوري ٿورڙ ڪانه ڏني. ورندي ڏنائينس: خير، انهي کي ڏسي وٺبو. مونکي اڳهڻو وسري ويو. پڇاڻيون ئي ڪونه. آلديڻهو فرسيپاٽي مڱڻي جي واڌائي ڏيڻ تو اچي. سندس مرضي آهي، ته ٻئي گڏ هلجون؛ پر آءٌ حاضر ٿي ڪونه سگهندس؛ جو دادي‌ءَ کي وٺڻ ويندس. دادي‌ءَ وٽ به پڇيو تيماڻيءَ، ٻهرين ٻهرو تون ڪندين، يا ٻهرين هوءَ تو وٽ اچي؟

رت ٻانهن کي جهٽي ٻيس. چيائينس: اوهان مونٽي هلجو ڻا ڪريو؟

پروري به، رت کان ٻاڻ ڇڏائي، اڏو گابڙو دعا سلام جهٽي، هليو ويو.

الائيس هيٺ لٿي، ته گهوٽس پڇيو: خير ته آهي؟ هيلدار اڄ موڳو ٻي ڏنو.

الائيس توري مڙ ڳالهه ڪري ٻڌايس؛ ته چيائين: رت جو سيپاٻو ڏڪڻو ۽ اڄا پريل، ۽ هيلدار ٻانهين، ته جڏن آءٌ ڪڏهن کي هلايان، اڳلو تڏن ئي هلي. تون ٻانهين ٿي، ته هي نيٺ هڪ ٻئي جي ٻيٺ تي ٻئاجي ويندا؟

(١٣)

ٻئي ڏينهن، اُٿڻ سان، ماساتيس وري اچي ٻابا پٽ ڪري سمجهايس؛ تڏهن مس مس مُڙي، ۽ دادي‌ءَ وٽ ٻيچاري‌ءَ جيڪو وهانو لاءِ وڳو ڻاهي موڪليو هوس، اهو ڪڍي

ڏيکاريائين. ٻيءَ دريءَ منجهه اکيون وجهي ٻيٺي، ته اجهو ٽو
هيلبدار ليو ٻائي؛ ٻرهن ٻار مرڳو، ٽيشن ڏي ويو ٿي، ته
ڪند مٿي ڪٽي، روزمره وانگر، دريءَ ڏانهن اکر ڪا نه
ڦيرائي. هنڪي تنهن تان ڌڪ ڏاڍو ٿيو. گهڙي اڌ پڇاڙا
لهي هيٺ ٿي، ۽ اگرڻ واري باغ ۾ پٺي آئي ويٺي. اتي
پرواري گهر مان ڪنهن سڏ ڪيس. هن ڪند ورايو، ته
ڏٺائين، جو فرئنڪ ايبرٽ آهي.

فرئنڪ چيس: اڄ ته ٻلي ٻاي ٿي ويٺي آهين! سمجهيم.
هوءَ سائرٽ ٿي اچي. ماسيهن ڪراڙي به ٺهڪندو وڳو
ڏيکي، ڏاڍو ويٺي پڌي. پر سگهه ته چڪي پٺي
ڳنڍي؛ تنهنجي لاءِ ته اڄا سُڪي روٽي ۽ ڪنگهو ٻاٽي به
دل تان نٿو اُتريس.

”فرئنڪ، ڏس، وري واتُ ٿو ڪرين نه!“

”دل ۾ نه ڪاڄانءِ. پر آءٌ ڪوڙ ڪون ٿو چوان. اما
توڙي پيون ٻاڙ ٻوار پون، ڪنهن ڏينهن اچي پڌ، ته ڪهڙيون
ٿيون ٻاٽ ۾ ڳالهيون ڪن؟ خير، مون ته هيئنر توکي پٺي
ڪم لاءِ سڏ ڪيو. هڪڙي شي گهرانءِ. ڏيندي ۾؟“

”چئو.“

”اوهانجي باغ جا ٽورڙا گل کپنم. اسانجا اجا
ٽڙيائي ڪينهن.“

”پائڙا! منهنجو باغ هجي، ته آءٌ گل توکي ڏل ڏيان. باغ پرائو، آءٌ گلن کي هٿ ڪيئن لايان؟“

”پنج ست گل ڇنندين، ته هنن کي ڪهڙي سڌ پوندي؟ تنهنجي اکين ۾ ديد ٿو ڏسان، تڏهن وات ٿو وجهانءِ. ماسيئن ۽ ماساتيئن سان جيڪر آءٌ حجت هلايانءِ ڪانه. هنن جا پار سمجهم ڪين ٿا؟ گلدستو ٺاهيندس. ڏاهي ٿيءُ.“

”گلدستو ڪيڏانهن ڪندين؟“

”پڌايانءِ ٿو. پر منهنجي هڪ ڳالهه مڃ.“

”پائڙا! وري مونکي نه ڇڏ. آءٌ ري پڇيو، اهڙو ڪم ڪڏهن ڪانه ڪنديس.“

”توکي ڏنم، آءٌ ڏاڍو سرهو ٿيس. هنن کان جيڪر گهران، پر گهٽ وڌ ڳالهائيندم.“

”گلدستي جي ڳالهه وري گهڻي وئين.“

”گلدستو آلديڻهو فرڪاتر ٿو ٺاهيان.“

”ڇو؟“

”سنڌس جنم اچوڪي ڏينهن ٿيو هو، جنهنجي سڌ مونکي نه آهي. سو آءٌ وٽس گلدستو کڻي ويندس، ۽ پاڻ مون کي خرچي ڏيندو.“

”سنڌس جنم وار جي توکي سڌ ڪيئن پيئي؟“

”نه، ورهيه ٿيا. آءٌ پير جوندي پئي گهر موٽيس، ته

وات تي مونکي گڏ جي ويو. چيائين: گهوڙي کي لغام
کان جهلي بيهه، آءٌ پيلي ۾ ڪاشي وساري آيو آهيان، اها
وڃي ٽو ڪٽي اچان. اتان موٽيو، ته پڇيائين: عمر گهٽي
اٿيئي؟ مون ورندي ڏنس: ورندي مي جي پهرينءَ
تاريخ، ٻارهين ۾ پير پوندم. تڏهين ٻڌايائين: آءٌ به ساڳئي
ڏينهن ڄائو هوس. هاڻ آءٌ ته ٻاٽ ۾ ٻاراڻي پايون. سو، ٻه
پهرين مي ڏني، ته اما کان هڪڙو سٺو گلدستو ٺهرائي،
وٽس کڻي ويس. پهرين البت ڊڄي شڪيس؛ پر
هيڪر سندس اڳيان وڃي بيٺس، ته مڙس ماٺهو ٿي
بيس. پوءِ به اندر ۾ جيڪا ڳالهه ٺاهي ويو هوس،
سا ته وسري ويم. خير، گلدستو هٿ ۾ ڏنو مانس، ته پهرين
ته پاڻ به مطلب ڪونه سمجهيائين. پر اُماڪ يادگيري پيس؛
؛ ڪيسي مان اڌ گيني ڪڍي، ڪٽي هٿ ۾ ڏنائين. ايترو
سو شرطائي ڇڏيائين، ته گل هي به چڱا؛ پر مونکي جهنگ
جا گل وڌيڪ وڻندا آهن. تنهن ۾ آئنده جي چاهين،
ته آءٌ خوش ٿيان، ته انهيءَ جي يادگيري رکج. اڄ هي
جهنگ جا گل ته ميڙي آيو آهيان؛ پر جيئن، ٻيل باغ جا گل
به هجن، ته وڌيڪ مزو ڏينس."

"هاڻ اهي گل مونکي ڏي، ته گلدستو آءٌ ٿي ٺاهي
ڏيانءِ. باغ جي گلن جي ڪپتي پوءِ ٿيندي ئي ڪانه."
فرئنڪ اُماڪ کڻي گل سندس جهول ۾ اُڇلايا؛ تن

منجهان هن هڪڙو سهڻو گلدستو ٺاهي، جيس: هاڻ ويرم نه ڪر. جنهن جي لاءِ ٺاهيو اٿيئي، وڃي أنهي کي ڏي.

فرئنڪ گلدستو ورتي، سندس ٿورو مڃيو، ته ڏٺائين، جو هٿ سڄيو ڏڪڙو ٿيو پيو هوس. پڇيائينس: ماکيءَ جي مک ته ڪو نه ڏنگ هنيءَ؟

رٽ هٿ کي پٽي ڇڏائي ڏنو، ته فرئنڪ جي اک وڃي ماکيءَ جي مک تي پيئي، جا مٿي پيئي هئي. چيائينس: ڏس، مک چڪ پاتو اٿيئي نه؟ پر توکي سڌ به ڪانه پيئي؟

”هي سنڌا نه هجن، ته جيڪر آءٌ اجا به ڪين سمجهان، ته ڪو مک ڏنگيو اٿم.“

”اما کي جو ننڍو پٽ واٿم، ته جنهن جي دل تي ڪا ڳڻتي هجي، اُهي ڏک سور لڪائين ئي ڪو نه. متان توکي به ڪا چت سان چنتا لڳل آهي؟“

رٽ ننڍو جٽي سگهجي، ڪهڙو اُتر ڏئيس ها، پر رٽ کي اُنويل ماسيس سڏ ڪيو، ته اچي اندر ويهه؛ آلڊ ينهوفر پيو اچي؛ سا وري ترسي ڪا نه. فرئنڪ به اُنهيءَ ويل پسار تي ويو.

آلڊ ينهوفر کي رٽ ويجهو پوندو ڏٺو، ته بدن ۾ هڪڙو ٿڌو سياٽو پٽاڙجي ويس، ۽ ڳل به لالائي لڳس. اک جهنب ۾ هو اچي اڳيان بيٺو. ڏٺائين ته اکيون مون ۾ ئي اٿس، ۽ ڪنجهه جو يم به پيو؛ پر تنهن هوندي به، هن جي ليکي ته

آلڊيبهوفر ۽ سندس وڇڙ ڪا ڏيوار اچي ويٺي هئي. هٿ هٿ ۾ ٻه ڏائيندس ائين، جڙ سڏئي ڪا نه ٿي پيس. آلڊيبهوفر ٽپرس پئي ڪاڏو، ۽ ڪن ماتر اڻ لڪائتي ڇاڻيا هنجي سانت واري، سروپ تي ٻه پنهنجي ويٺي؛ پر اُتيئي ٻاڻ سنڀاري، هنجو هٿ ڪٺي ڇڇن تي رکيائين،

رت جي ماسيءَ ۽ ماسات اٿي، پوءِ آلڊيبهوفر جي آڇيان ڪئي؛ ۽ هنن ٻاڻ ۾ ڳالهايو پئي، ته ٻه هنڪي سڏ ڪا نه ٿي پيئي، ته ڇا ٿو وهي ڇا ٿو واپري. دل ۾ ڏڪ ڏڪ اُها اچي ٿيس، پاڻ ته درياه ٿو اُٿلي؛ جنهنجو آواز ڪنن ۾ ٿي پڙيس. ٻروُن ٻه الائي کهڙا کهڙا پئي پيس. انهيءَ مان اچرج وري کهڙو، جو آنند ٻه پي آيس، پرڪو سندس اندر مان اُنو يل پيهي نڪري ها، ته سڏ پويس ها، جر ٻاڻ ويچاريءَ اُنهيءَ کي نيسائڻ لاءِ مٿا ڏاڍا پئي هنيا.

رت جي مٿي کي اٿي چڪراجي ويو، ۽ رڙ ڪري، پٽ تي ڪري پيئي. ماسيس ۽ ماساتيس اُماڪ اُٿي ڪنيس. ماسيس ڏٺو، هٿ سڄيو پيو اٿس. سمجهائين، ته باغ مان مکين کان چڪ پارائي آئي آهي. وٽي جنب ڪيڍ يائيندس، ته جو ڪري هيٺرو ٿو جڏهجيئي، ته سنڀالي گلن ۾ هٿ وجهه، ته پدو اڻ پدو ڪيو ڇڏين. ڪالهه هُتان پيلاين وٽان ٻه هٿ سڄائي آئين ته. اها ڳالهه هيلدار پڏي، ته چوندو ڇا؟ هيٺرا پيرا تو کي جهليو اٿس، ته اوڏ نهين ريل چيل نه ويندي ڪر.

ماسا تيس ٻہ ڀهڻ ڪيس. جي، اهڙو وائي پٽر ماٺو وري ڇو ڪٿن؟ باغ ۾ گهم ڦر ڀلي؛ پر هوش تہ پنهنجو جاءِ رکج.

ماسيس کي تہ اهائي اچي ڳڻتي لڳي، تہ نرانس ڪيڏي مهل ٻہ اچي سهڙي؛ ٻوءِ هنجا جي هي حال ڏسندي، تہ سمجهندي ڇا؟ هيءَ پڌڙي اچا ڪنهن وڏي ٻحر ۾ اچي ڇنڪي ها، پر آلد پنهوفر، رت ڪان پڇيو: ڏاڍو سور هوندءِ؟

رت ڪنڌ سان اشارو ڪيس، ها.

آلد پنهوفر ماسيس کي چيو: مونکي ذرو تيل جو تہ ڏجو. ڏنگ کي تيل مکبس، تہ سور هٽنجي ويندس.

ماسيس ورندي ڪا نہ ڏني؛ پر ٻخيلي ڏاڍي ويس.

آلد پنهوفر، رت جو هٿ پنهنجي هٿ ۾ جهلي، منجهس نهاريو ائين ڀٽي، پاڻ تہ سندس ڀاڳ ويٺو جاڳي. اني ٻاهران گاڏيءَ جي گهڻ گهڻ جو آواز ٿيو.

الائيس اُمالڪ دريءَ مان منهن ڪڍي، وڏي آواز چيو: اڙي نرانس!

رت هٿان ڇُري ڪان، پر پريانڌي اک ٽيٽ ڪري نهاريائين، تہ گاڏيءَ منجهہ مڪڙي اهڙي مهانڊي تي وجي اک ٻيس، جنهنکي پاڻ تہ اڳي ڪڏهن ڏٺو هئائين.

(١٤)

”هي منهنجي لاءِ مسواڙ تي بنگلو ورتو اٿيئي؟ هن ڪُڙهه ۾ رهندي ڪير؟ پانيو هوءِ، ته داديءَ کي وسعت ئي ڪانهي ڇا؟“

”جهڙو حال حبيبان تهڙو بيش ٻرين. هن پهراڙيءَ ۾ هن کان بهتر مڪان ته آهيئي ڪونه. توکي جنهن ڏانو واري جاءِ کپي، تنهن لاءِ مٿا ته گهيٽي هنيم؛ پر ڪا هٿجي، ته ملي.“

”مونکي ته مٿ ٿي لڳي، ته تنهنجو نيپاچ ڪهڙو، تون هتي ڪٿان اچي پئين؟“

”مونکي هن جهنگ مان بهشت جي فرحت پيئي اچي.“

”جهنگ ۾ رهي، پنهنجو رس ٻر ڪري پاڻ ته نيسائي ڇڏيو اٿيئي. اڌ دهقاني ته ٿي ويو آهين؛ باقي اڌ ٿيڻ ۾ به گهٽي ويرم ڪانه لڳنديءَ. ٻڌهي وري ڇا؟ سڄو ڏينهن منهن سامهون سڄو بيٺو ئي هوندم! مونکي ڪا اُس ۾ پنهنجي چمڙي ڪاري ڪرڻي آهي ڪٿان، جو هيڙي ڏانو جي جاءِ ڪٺي منهنجي لاءِ ورتيءَ؟ آءٌ پنهنجو هتي هڪ گهڙي به ڪانه رهندي سانءِ؛ تدهن منهنجي لاءِ ڪو بيو مڪان هلي ڳول.“

نيٺ هيلدار هينيون مٿيون ڏيئي ڇڏيائينس. ٻر وري ڇپائين، ته سينگار جو ڏول مونکي هي نه کپي.

پوءِ تہ ڪا ويرم سامان جي ڪڻ پاءِ پئي پيئي. هِتان جي شيِ هُتي، هُتان جي شي هِتي. هيلدار جا ماڻهوئي ويچارا ٿڪجي پيا. چڙهه ئي نڪري وين. اُس واري پاسي کان پردا پرديون ٽنگيا، ۽ اندر صفحن ۾ اوندهڙو ٿيو، تڏهن هيءَ پاڳن پري سرهي ٿي. تڏهن تان هيلدار ايترو سوور دايس: اونده سان هيتري جا دل اٿيئي، تڏهن مان پائنجي ٿو، تہ طبيعت تنهنجيءَ کي سوجهرو ڏيو ئي نٿو لڳي. شايد تنهنجيءَ دل جي تهن اندر اهڙي ڪا شيِ ڏسجي ٿي، جا سج جي ساڪيا کان پيئي ڏنو ڇڏي.

پرينٽس سڌو اُترڪو نہ ڏنس. رڳو چيائين: جهنگ ٻيلي ۾ ڏٺو الا جي ماڻهن جا آهي؟ ههڙين ٻنگين ۾ سندن گذر بہ الا جي ٿئي ڪئن ٿو؟

هيلدار پڇايس: جنهن ماڻهوءَ جي طبيعت سالم هوندي، ۽ پاڻ نويڪلائي پسند هوندو، تنهنجي لاءِ هتي گهڻيائي موج آهي.

”پرينٽرل تون مائٽن جو هڪڙو سڪيلڌو پٽ، پينڙيءَ جو هڪڙو ڏاڏلو پٽ، ناز جو پاليو، تون نويڪلائي پسند ڪڏهن ٿئين؟ شهر ۾ پائي، ڪڏهن توکي ڏوس نٿي ڏنو، يا ڳٽت ۾ هئين ئي ڪين، يا پنهنجن پراون وٽ تنهنجي هاندي ڪا نہ هئي، يا ڪو خانداني پاڪيرو

تو وٽ وار ڪين وڃائي ها – پڌائيندم ته سهين، گهڙي ڏاڍ ڏجي، جهنگ منهن ڏيئي، هيڏانهن ڀڄي آئين؟"

"مطلب ته تون اهو سرڪاه بيگاه آلا پيندي ايندين ته مهرباني ڪري، وري ان باري ۾ مونکي نه ڇڻجانءِ. آءٌ هتي بلڪل خوش آهيان. جهنگ سان نينهن لڳي ويو اٿم. شهر جي موج ڪي به ڇٽ ڇماڏيءَ ياد پيو ڪريان. پر جيڪو مزو جهنگ ۾ان تو اچيم، سو شهر سونو ٿي پوي، ته به منجهانس نه ايندم."

"بابو! آءٌ به ته اهوئي اچرج پيا ڪائون، ته اهي ويچار تو جهڙيا ڪٿان؟ اسانجي آڪهه ۾ ته پيڙهين کان اهڙو سنياس ورت وارو اڄيوئي ڪونه. پوءِ توکي چوٽ ڪٿان لڳي؟ پر آءٌ ته سمجهندي آهيان، ته تون به روپو آهين. سچ چئجانءِ. اندر ۾ ته ڪڏهن ڪڏهن ڏاڍو پاڻ سان وڙهندو هوندين؟"

"هڪڙي ڏيو سان ئي باهر گهڻو پيو وڙهان. باقي اندر ۾ته منهنجي سانت لڳي پيئي آهي. ائين نه ڄاڻجم، ته آءٌ ڪو چلولو ۽ چنچل سڀاءَ وارو آهيان. جهنگ سان پريت منهنجي يا عمر قائم رهندي."

ٿوري مهل ماٺ ٿي. ذري ڪانپوءِ پيٽس پرواري گهر ڏانهن مهڙ ڪري، پڇيس: هن بنگلي ۾ ڪير ٿو رهي؟

هيابدار پڌايس: اسانجو بالا عملدار.

”آلبينهوفر تڏهن اڃا هتي ئي آهي؟“

”آلبينهوفر! تون سڃاڻينس ڇا؟“

”خير، ڪٿي ڪري ڏٺو هوندو مانس. پر هاڻ اڃا پرڻيو ڪونهي؟“

”نه!“

”وٽس تڏهن رهن ڪير؟ مائٽهنس؟“

”مائٽهنس شهر ۾ ٿا رهن. هتي ماڻس جي هڪڙي ساهيڙي، سندس گهر جو هلت پيئي هلائي.“

”ائين؟ تون لوڊيگر سان رلين ملين، ڪين نه؟“

”منهنجو جو بالا عملدار ٿيو، سو منهنجو ته ڏهاڙي پيو منجهس ڪم پوي. پر هاڻ ماڻهن سان گهڻو گڏ جي مسڃي ئي ڪو نه. نويڪلائي پسند آهي.“

”نويڪلائي پسند ته تون به آهين. هي جيڪس تو کان به چار رتيون سرس ٿو ڏسجي.“

”برابر.“

”ڪارڻ؟“

”مونکي به ذاتي خبر ڪانهي. پر ٻڌم ٿي، ته ورهيه ٿيا، مڱيو ويئو هو، پوءِ مڱ الاجي سندس گذر ڪري ويئي، ڪي پئي ڪنهن سان وڃي ڀاو ٻڌائين، تڏهانڪر هي مڙس ويڳاڻو وتي.“

”تڏهن اهو درد اڄ ڏينهن تائين دل ۾ سانڍيندو اچي؟“

"ڏسجي ته ائين ٿيو. پر زال ذات سان سو ايمان نيت نڪري ويو اٿس. زال ذات کان ڏور ٿيو وڃي."

"وفائي انهيءَ کي چيو اٿن."

"وفائي؟ تو منهنجي ڳالهه ڪن لائي ٻڌي؟ مون چيو ڇا؟ زال ذات سان هينئر پويس ڪانه."

"پاڻڙا، جهنگ ۾ رهيو آهين، ته دنيا جي آچار وهنوار جي پوري سڌ ئي نٿي پوئيئي. آلڊيفورفر زال ذات کان ڦنهه جو ٿو وڃي؟ جو ته جنهنکي هيڪر پنهنجي دل ڏئي ڇڏائين، انهيءَ جهڙي ئي ڪا ليپس ئي ڪانه ٿي. اهائي سنڌس اکين جو نور رهئي، اهائي سنڌس من جو مٺيو هئي!"

هيلبدار ڪجهه ڪين، ڪاهن کي وٺي نچا پائين.

پيٽس چيس: دل منهنجي ٿئين ٻام ماڻهن جي دل جهڙن ڪانهي. منهنجي دل - ڇا چوان- ڪئن تو کي ٻڌايان؟

هيلبدار کي ياد اچي ٿيو، ته رت ائنا جي ڳالهه ڪندي، ڇا چوندي آهي؛ سو پيٽ کي ٻڌايائين: منهنجي دل سون ورني آهي!

"هائو، سون ورني! ڏاڍو ٻورو اکر ٻڌايو اٿئيئم. آءٌ جيڪر تنهنجيءَ دل نانءِ اهڙي ساکر ڪانه پريان."

"نه؟ پر ڪهڙي خبر؟"

ائين چئي، هيلبدار نهاريو ائين، جڻ آڪاسي جوت مان منجهه ٿي لڌائين، ته آئنده منهنجو ڇا ٿو چوي؟

رکي رکي، وري پيٽس ڳالهه جوري. جي، جس هڏي
هيلن کي، ڇا تيش تي ته آئي. پاڻهن ڄڳي پيٽي سونهين.
پر مون ته پانيو هو، جو تون ليت نيت اُتي کا ئيندين.
هيلڊار منهن ٻچڙو ڪري چيس: ڳالهيون ڪهڙيون
ٿي ڪرين؟

”ڇو؟ ڪهڙي منهجس گهٽتائي آهي؟ خاندان اسان
جهڙو ٻه ڪونه اٿن ڇا؟“

”مون سمجهيو، تون ڪٿان پيٽي اچين؟“

”تون پائين ٿو، ته تنهنجي هن مگر تان ڳالهه ڪيڏيم؟
آءٌ هرو ڀرو ائين ڪانه ٿي چوان، ته مونکي اها مائٽي وڻيٽي
نٿي. پاڻهن تنهنجي جي ڪِر واري، آبائتي مازائتي هڏجي،
ته آءٌ ڇو ارهي ٿيان؟ پيو ٻه تو سڀ ڳالهيون ڳٽي، بوء اهو ڪم
ڪيو هوندو. پابو ۽ آءٌ سڀ ڇا ڻون ٿا. پابي ته انهي سورن ۾
وارث ٻه منهنجي ايڊورڊ کي ڏاڦي ڇڏيو.“

”ڇا، تنهنجي ڪڪي کي؟“

”هائو. اما جيڪو ورثو ڇڏيو، تنهنجو ته قبضو تو
ڪڏهو ڪو وٺي ڇڏيو.“

”تڏهن مونکي بابو پٽيءَ مکا ئيندوئي ڪين؟“

”اهڙي آس تو الاجي ڪٿان ٿي رکي؟“

”توپاڻ نٿي ناڪارڪئي، ته مونکي اهو ورثو ڪونه کپي؟“

”تون جرين ڇا ٿو؟ بابو جو ڪڪي جو سڀ ايندڙ

ٿيو، پوءِ آءٌ چوانس، ته ڪڪي کي ورثو نه ڏي. ٻيو به تنهنجي نانءُ ته پائي به ڪانه ٿي رکيائين؛ پوءِ آءٌ ڇا لاءِ ڪڪي کي ڪُس لارايان؟"

"پٽي جا هي حال، پوءِ تون تڏهن هتي ڇو آئينءَ؟ ماٺتي جڏهن وٺيوئي نٿي، تڏهن تنهنجو باقي هتي ڪم ڪهڙو؟"

"منهنجو ڪم؟ هڪڙو ته چئم، آءٌ پاڻ اچي واتي وٺڻ توکي اها خبر پُڌايان. ٻيو ته مونکي ٻنهنجو به سانگو هو."

"ڪوڙ! سراسر ڪوڙ!"

"جس هجيئي، شابس هجيئي! پر هنن دهقانين جي سنگ ۾ ٻيو ڪُرتون ڪهڙو سکيو هوندين؟"

"مونکان چوڪ ٿي. سچ، زبان مان اهڙو اکر ٻاهر ڪڍڻ نه کپندو هوم. آءٌ توکان معافي ٿو گهران."

"پر مونکي ته ڪوڙو ٺهرائي ڇڏيئ!"

"مونکان ڳالهه لڪاءِ نه. آءٌ سمجهان ٿو، ته ڪا ته مڙيائي سٽ سٽي، تون هيڏانهن آئي آهين!"

"ڳالهه هئن......"

"بابو جيڪس هڪڙي حساب وصيت ڦيرائي منهنجي نالي ڪري ٻه!"

"هائو......"

"ٻيڻڙي، هيڪ نه. آءُ ته آءٌ توکي وڌايان. هائو،

هيءَ ٻائڙي جڏهن، ته پوءِ سو بيشڪ ڀلو ورنو ڪري ڏيم! ڪٿان؟ ائين نه؟ نوڪريءَ پيري به بابي سڳي رمز ويڙهائي هئي. پر آءٌ خبر اٿيئي، ڪير نه مڙيو سانس؟"

"ورثو پيءُ رهت به توکي ملي سگهي ٿو."

"يعني؟"

"بابي وصيت مرچاڻي جهڙيو آهي، ته ڏسو پاڻو اهڙو اڄي ٻطي، جو پيڳوان ڪڪي کهي ٻاڻ وت گهرائي وٺي، ته پوءِ بابي جو وارث تون ئي آهين."

هيلدار ڪڇيوئي ڪونه. مٿهن تي چايا پڻاڻي ويس. پيٽس پيار جو هٿڙو گهمائي، پڇيس: پوءِ ڪندين ويچار؟

هيلدار ڪاوڙ ۾ ڳاڙهو ٿي ويو. ورندي ڏنائينس: تو مونکي جيڪس پٽسي جو پار سمجهيو آهي؟ ورثي ڪارڻ تون پيا نٽين ٿي، آءٌ ٽڪ جٽي ويندس؟ خبردار، مونسان انهيءَ ڳالهه جو وري ذڪر چوريو اٿيئي.

"پاٽڙا، آءٌ ته تنهنجي مت ڳهري ڪانه آهيان. مرضيءَ جو مالڪ آهين. نهيو. آءٌ پلا هاڻ اٿان ٿي. ڪڪي کي جڏئي ڪيتري ويرم اٿي اٿم."

"ڪنوارڪي توسان پوءِ ڪڏهن ڳڏايان؟ اڄ ئي وٺي اچانس؟"

"اڄ؟ نڪو هنٺر ته آءٌ وڃي ٿي ساهي پٽيان. تنهنجي ڪنوارڪي به ڪنهن ڏينهن ڪري ڏسنديس."

(١٥)

"پيڻڙي، جڳون جا لسيون ڪري ڇڏ. لغوند ڙين تي ھڻن وارڪي ٿهن ٿا، جڙن ٿا! دستانا به ته پوندءِ ئي ڪين. گهوٽڻ به اچي ويو."

هيلدار ايندي ئي، ڪيس ءِ ماستيس کي ڪيڪاري، هنجي گهگهيءَ ڏانهن نهاريو ۽ چيو: هن ۾ رڃين به ڪانه ٿي؟ الائيس پڌايس: اندر ٻاهر پائڻ لاءِ گهگهي اٿس ئي اها.

هيلدار شرمندو به ٿيو، پر چيائينس: مون ڪالهه ليو به ڪونه ڀاتو. معاف ڪجانءِ. داديءَ ڇڏيو ئي ڪين.

رت ورندي ڏنس: مون سمجهيو، ضرور اوهانکي داديءَ ترسايو هوندو.

پر رت جو زور ڏيئي دستانا پڻي پاتا، تنهن تي هيلدار پڇيس: هٿ کي ڇا ٿيو اٿيئي؟

"ڪالهه ڪو مڪر ڇڪ پاتو اٿم. پر سوچ اٿي ويندم."

"باقي اهو ڇڪ ڪيئن وڌو هو! دستانا ورڙي ڪٿڻ پوندءِ؟ ٿيو. انهيءَ ڳلَ."

وات تي، هيلدار کي ته منهن ۾ شور پيوئي هو، پر نيٺ رت زبان جوڙي. چي، مونکي ته پيڻي ڏک ڏڪ ٿئي. داديءَ کي اوهانجي آءُ الاجي وڻنديس ڪي نه؟ مونسان هلندي ٿي؟

"تون ڙڪج سانڻ هوش جاءِ رکجانءِ پوءِ ٿي

جو ڪين ھلندي؟ پر توکي تربيت جا ملي ڪا نھي، سو منھنجو ته ھنئون پيو وگھڙي. ھوءَ پلا ماڻھوءَ جو انت ھيٺري ۾ سوڌي وڃي. پرتون ته اجايو ڏپ ته ڇڏي ڏي. آءٌ ته ساڻ آھيان نه؟“

گھوٽ ڪنوار اندر صفحي ۾ گھڙيا، ته سائڻ پنھنجيءَ ساھيڙيءَ ھيلان سان وينيءَ ڳالھيون ڪيون. ڏٺي ٿو جاڻي، ته ٻانڌ ھننکي سڄيءَ پچ ايند وڏ ڏائين يا نه؛ پر ھيلبدار سندس آجيان لاءِ ترسيو ڪو نه. رت کي پرسانس پھاوي، چيائينس: دادي، ڪنوار!

ھيءَ سائڻ تڏھن ته پاڃائيءَ کي ڪٺي آءُ جي ڪري، سو نه اکين ۾ چشمو وڃي، ڪا مھل ته نھن کان وني جو نيءَ ڏائين پٺي جا ڇيائينس.

ھوءَ جا ساھيڙيس، تنھن ته ٿوٽي سندس اھل ڪٺي؛ پان ته اگي ڪڏھن رت کي ڏنوئي ڪو نه ھٿائين.

رت جو منھن سو ڳاڙھو لال ٿي ويو؛ پر ھمت ڪا نه ھاريائين؛ اکيون ڪٽي نرن جي منھن ۾ کپايائين.

نيٺ جڏھن تڏھن سائڻ جي زبان تان مھر لٿي. پاڻ کي چيائين: پانھن لائي ڪانھي!

پر ھٿ ڏگھاڙي پاڃائيءَ کي ڏنائين، ته ھوءَ جا ٿو روشڪي، تنھن مان سھي ڪري ورتائين، ته ڪا مڙيائي ھٿ ۾ وڏ اٿس. اتيٺي جا سوچ تي اکر پيس، سو پاڻ کان پڇيائين: ھٿ کي ڇا ٿيو اٿس؟

هيلدار پڇايس: ڪالهه ڪو ٻڪر چڪ پاتو اٿس، تنهن ڪري هٿ سُڄي پيو اٿس.

پيٽرس چيو: اڄ ته جوان، ڪجهه ته آهي!

پوءِ ساهيڙيءَ ڏي مهڙ ڪري، اُنکي پڇايائين: هيلدار جي ڪنوار اٿيئي!

پر هيلدار چيس: انهيءَ کي اڳيئي سڌ آهي.

سائڻ چيو: تڏهن ته ڀاڻ چڱو!

هيٺري ويرم گهوٽ ڪنوار ڀيڻائي هئا. هيلدار کي چڪ پي ويا. پر سور پي پيٽائين. نيٺ سائڻ ڀاڄائيءَ کي وهڻ جي صلاح ڪئي.

رڪي رکي، ڀاڄائي کان ٿي پڇي: عمرگهڻي ٿيندي ٿيءَ؟

رت کي جو وڏانس ڀريندي ڏٺي آب ته هي ملپو، سا چڻ ٿڌو ٺڪرڻي ويئي. تنهن هوندي به، ان مانيو جواب ڏنائينس: سترهن ورهيه!

نرانس چيو: تون تڏهين اجا ٻار جڻيئينءَ. آءٌ نه ته تو کان پورا ارڙهن ورهيه وڏي آهيان!

هن ڀاڳين ڀيريءَ جي هن گفتگو ۾ به وڏي معنائي رکيل هئي! رت کي جڻ شرط پائين ٿي، ته ٻالڪي مونسان پيٽي پوءِ چوق، ته حسن نزاڪت ۽ جوڀن جوانيءَ ۾ هن وقت به ڏاهڙ ڪي ڪيرپيئي لڳي؟ نه ته عمر ۾ به تون منهنجي ڏي سونهين. رت سمڌ سِ ورجاءِ سهي ڪيو، نه ڪين

ڪيئي ڀيرا دل ۾ چيائين، اهو حسن ئي گهوريو، جو حسن واريءَ کي هيڏيلو بڻائي!

پوءِ ته ساڻس ماءُ ٻڌيان ٻوليءَ ۾ ڳالهائڻ ڇڏي، اڄي فرينچ ٻوليءَ ۾ ٻلڻي. ٻاچايس پڙهايس، ته آءٌ اها ٻولي ڇا ڪاڻ ڪانه؛ ته ٻاڻ سائينءَ کي ميڇ ڏيڻي، وٺي مرڪيائين. هن کان پڇيائين: ڀلا انگريزي ته چاڻين؟

رت کان ڳالهائڻ اڪيلو ڪونه ٿي، پر ڇمڻ ٿڻن ورندي ڏنائينس: نه.

”مڻيس، انگريزي ٻه نه!“

”دادي، فرينچ ۽ انگريزيءَ جي، سمجهوڻتاڻ ٽوڪي جڳي ماهيت آهي. پر اسانجو انهن ٻولين ۾ ڇا وڃي؟ اسان جرمن، جرمن ٻوليءَ تي زبان نٿي ورڻي ڇا؟“

”بس، تنهنجي ڪنوار جي ڇاڻيٺي اها جرمن ٻولي، ته اسان ٻه جرمن ٻوليءَ ۾ ٿيون ڳالهه مهاڙ ڪريون. مون ٻانيو......“

اتي آيا سنڌس ڪڪي کي اندر وٺي آئي.

ساڻڻ جو ڏيان تنهن تان وڃي ٻٽ ۾ ڪُتو، ۽ هوءَ ڳالهه ٻوري ۾ ڪانه ڪيائين، ٻٽ کان هٿيون وٺي، ٻاءُ کي ٿي چوي: جئي شال! وٺيٺي ٿو، نه؟

ايڊورڊ يڪدم ماءُ کان ٻاڻ ڇڏائي، وڃي هيلبار کي لڳو. پڇيائينس: ماما، ماميءَ؟

هيلدار بہ اُچل تي ٻهر ٻائين پاڻيءَ جي ڪي تڙ تي ڪيو؛ ٻر ورتہ پاڻ سنڀالي، ڪيس هٿ ڳان وٺي، رت جي اڳيان ٻهاري، چيائينس: اڇا تنهنجي ماسي.

ايڊورڊ جڏن اکيون وجي رت ۾ ڪتيون. مُنهن جو ڏٺائينس ساڻو هيڊ ٿيو پيو اٿس، سو ڪنڌ پيو ڏوڪي، چويس ٿو: اما جهڙي ڏاهو ڪي تون آهين ڪانہ! ڪيڙا ٻر کهڙا نہ ڪنا پاتا اٿيئي؟

ماڻس تنهن ڏان ٿهر ٿهر ڪري، وٺي ڪليو؛ ٻر تڏهن ٻہ ٻاهريون پنو رکندي آئي. پٽ کي جهليائين: بابلا، ڏس وري.

هوءَ جا ساهيڙيس، تنهن وري هيلدار ڏي مهڙ ڪري، ڦوگهڙ؛ اُچلايو: اوهان مان هيُ تِرڪين لاهيندو. ڏاڏاڻي رڳہ چڪي اٿس.

سائڻ چيو: بابو بہ ائين چوندو آهي. اصل ٻارئي هيلدار جا پيو هلي. ٻاٻي پنهنجو وارث بہ تڏهن ئي ڪيس نہ.

هيلدار جو منهن اچي ڏاڙهي تي ٿيو. چپ ٻي چنائين.

سائڻ پٽ کي چيو: بابا، ماميءَ سان هٿ هٿ ۾ ڏيئي گڏج. ڏاهو پٽ ڪريانس.

ايڊورڊ هٿ ڪٽي پنيان لڪايا؛ رت جي هٿ ڏي نهاري، چيائينس: هٿ اٿيئي، جا اٿيئي؟ توکي آ؟ هٿ هٿ ۾ ڪونہ ڏيندس.

هيلبدار هيڪاري اچي ڪاڙو. پاڻيءَ جي ڪي هڪل ڪيائين: ڏينس هان هٿ هٿ ۾!

پر ايڊورڊ صفا ٻڙڪيدي بيٺو. ورنديءَ ڏنائينس: نٿو ڏيانس. ڏسو، اما کي ته پيٽ ئي ڪل اچي.

رت جي ڏل ۾ اُن مهل جا وهي گذريو هوندو، تنهن جو تصور هر ڪو پاڻ ڪري سگهي ٿو. هيلبدار کي جوش ايڏو پر جي آيو، جو منهن جون رڳون ته جهٽيون پئي ڏيئنس. پاڻيءَ جي ڪي پانهن کان ڏونداري، چيائينس: ماٺهي اچڻ ته اهي سيڪاريا اٿيئي؟ ورتي جا جور!

هيلبدار کان ته وات مان اهي اکر نڪري ويا. سائڻ جو منهن ورن وڻي ٿيو. ساهيڙيس ڪنگهه جو مِنهن ڪري، منهن ڪٽي پئي پاسي ورايو.

سائڻ، پاڻ جي منهن سامهون، اوچي ڳات ڀي چيس: خبردار، وري منهنجي ڪڪي کي ڪي ڇيو اٿيئي.

پر هيلبدار پيڙ کي پڌو ته ڪين، پاڻيءَ جي ڪي پٽ تان ٽورڙو مٿيرو ڪٽي، وري اُتي جو اُتي ڪيس هيٺ ٻهاري، پڇيائينس: ڏين ٿو هٿ ۾ يا نه؟

ايڊورڊ وري ورندي ڏنس: نٿو ڏيانس. زور ته ڪو نهي!

پر پيڙ پاڻ کي جيوئي پئي: متان ڪڪي کي هٿ

لاتو اٿيئي، ته اُنهيءَ وچ ۾ هيلدار پاٽيڇي کي جهٽ ٽوڪي کيڏي. ايڊورڊ وڃي ڀت تي ڀيو. پر اکر ۾ سندس ڳوڙها ڀر ڪونه ٿي ڏنو. اٿي ڇوڪر هڪڙو وس ڪري چڪو! ٽپ ڏيئي، اُمالڪ رت جي ڳڄيءَ ۾ لڙڪي پيو. جي، هاڻ اما مونکي ڪٽي ڇهاي ڀر، ته ڀر آءٌ توکي پيار ڪندس. هيءُ رنگ ڏسي، سچن کي ماٺ لڳي ويئي!

هيلدار پاٽيڇي کي چيو: مار سان نيٺ سڌو ٿيئين.

پاٽيڇس وراڻي ڏنس: اڄ مٿونه ڪري ڇڏيوم ها، ته ڀر اوهانجي ڳالهه ڪا نه مڃان ها.

”تڏهن ڀلا نيٺ ڪئن مڃيءَ؟“

”مون اوهانجي ڳالهه ڪا نه مڃي. مون مامي‌ءَ کي پاٽيهي پاڪر پاتو!“

”سو ڪئن؟“

”مونکي ڳالهه ڪرڻ اچي نه ٿي. پر ياد اٿم، ته جهنگ ۾ هڪ لڳا هڪڙو قتيل هرڻ ڏٺو هوم، جنهن نهاريو ائين پئي، ڄڻ چيائين ٿي: مونکي هٿ مٿان لائيندا آهيو. شڪارين اڳيئي اڄ مٿوڪري ڇڏيو اٿم. رت جي اکين هنڌ اُها ڏيکاري پئي ڏني.“

مامي کي اها ڳالهه پڌائي، وري رت جي مٿهن ۾ نهاري، پڇيائينس: مونتي ڪاوڙ ته ڪا نه اٿيئي؟

(١٦)

"اڄ هو ڏانهن بنگلي ۾ ڏهاڙي ڪونه پيو هوي. ڇو، نرانهن ڪيڏانهن ٻاهر نڪتي آهي ڪٿن؟"

رت ماسات کي اترئي ڪونه ڏنو.

"نرانهن جي سڪ ته هاڻ موڪلي ڪانهي، نڪا توکي ئي سندس ڪا ڳالهه مهاڙ ڦٽي ٿي؛ پر ڏسين ٿي، تو سان هاڻ ڪٿن پيئي؟ وري هيلدار ..."

"چپ، متان ڪي وڏيڪ ڪاڇيو اٿيئي."

"آءٌ ته ڪٿي ٿي مات ڪريان، پر ..."

"تنهنجو مطلب آهي، چارلس پيڻ جي خاطري نه ڪري ڇا؟ منهنجي ڪارڻ ..."

"سچ، تنهنجي ڪارڻ هنجو رنجه مٿي تي جو ڪٿي؟ پر اڄو ڪيءَ تاريخ، ڏسندي ۾، منهنجو ته وهانو ٿئي ۾ ٿو. هيلدار کي ته جيڪس پنهنجي وهانو جي ڳالهه ياد ئي ڪانهي."

"پيڻتري، اُٻهري نه ٿي. هرو ڀرو سندس نيت ۾ شڪ نه آڻ. هيل سوڏو ته ڇگر سڀتو پئي هليو آهي."

"هائو، ڇو نه؟ خير، انهي کي ڏسي ونجوا! پر تون پنهنجي شڪل ته ڏس. منهن جو رت ٻاقي نه سڪائي ڇڏيو اٿيئي. ڇو، هيئنڙ ٻاهر گهمڻو نڪرين ڪا نه؟ آلبرٽ يڻهوفر جي گهر هن پيدي وٽ هلندين؟ ويچاري ڏاڍو پيئي سار پيئي."

"هل ته پئي گڏ جي، منهن ڏيکاري اچونس."

رت، ماسات سان گڏ، آلبرٽ يڻهوفر جي گهر آئي ته سهين،

پر پاهرئينءَ ڊِڪيءَ تي پير رکندي، اندر رهڻ الاءِ چاهي ٿيس. هيڪاري جا ماڙيءَ واريءَ دريءَ تي اک پيس، تنهن تي اک ڄمي پيس، عالم روپا منجهه، الاءِ ڪهڙا ڪهڙا نظارا ڏسي ورتائين.

خير، هي پٺيءَ اندر گهڙيو، ته پيڊي پاڪرپائي، اچي هنکي اُڪير مان ملي. چيائينس: مون ته پانيو، مونکي وساري ڇڏيُءِ. وري به شڪر، جو ليو ته پاتءِ. نچي آئينءَ، جيءَ آئينءَ! منهنجي ته دل ڏاڍي پيئي تو ڏي ڪيڏي. توکي ته آءٌ ايترو ياد به ڪا نه هوندي هيس.

رت اچا سندس پاڪرم ئي هئي، ته وراڻي ڏنائينس: آءٌ ته جيڪر پانيان، تو وٽ ڏاڍي پيئي پيرو ڪريان.

"اهڙي اُميد ته آءٌ پيڊڙي ڪا نه ٿي رکان. پر تڏهن به، پنجين ڏينهن، ائين ڏينهن، ته ڦري اينديءَ ڪر."

"هينئر، آءٌ تڪڙو تڪڙو پيئي تو وٽ ايندي هيس."

"ڏيڙي، سمجهانئي، ته پين ڪان توکي واندڪائي ملندي ڪا نه هوندي. اُنهن جو حق توتي مونکان اڪثر گهڻو لڳي."

"پي اهڙي پهر آهيئي ڪا نه."

"تڏهين ته پاڻ چڱو. مونکي نه ته ڊپ ٿيو، ته اهي نه ڏکڙو ڪيڏن. پر پڌءِ؟ آءٌ آهيانءِ پيڊڙيءِ گهڻو گهڻو پيار ڏيکاري، مونکي ڪاري نه ڇڏ جا رڻ."

سچ پچ پدمڙيءَ کيس جيئو ڪي پيو ٿي، ۽ اهي اکر وڏان نڪري ويس.

پدمڙيءَ ماساتيس کي پاڻهن کان وٺي، پلنگ تي پيرمڪٽي وهاريو، ۽ هن وري چا ڪيو، جو ننڍڙي منهنجي ريڙهي، پاڻ اُنهيءَ تي سنڌس پيرن اڳيان ٿي ويٺي.

پدمڙيءَ ڏاڏا مٿا هڻيس، ۽ مٿي ٿي ويهي ۽ هن ٻنهي ڪون ماڃيس. جي، هتي آءٌ ڏاڏي سولي آهيان. پانيان، ۽ سدائين تو وٽ هُتن ويٺي رهان.

اتي پاهران ڪنهن جي اچڻ جو آواز ٿيو. پدمڙيءَ کن ڦرڙايا، ۽ پيليءَ اچي ڇتايس، جو اميرياڻي گوڏرن آئي آهي. هن کي ڳالهه وڻي ڪان ۽ پر آئي ڪي آدر ڪٿن نه ڪري؟ وڃي اندر روئي آيس. رت کي سا اهڙي چڙ ويئي، جو پاڻ کي جهلي مشڪل ٿي سگهي. جي، ناراجي، ڪهڙو منهن ڪٽي، هھڙي جتي پرش جي گهر لنگهي آئي آهي؟ تنهن کان پاڻ ۾ پاڻي ٿئي، پڏي نٿي مري.

اميرياڻي اندر گهڙند يئي، سڄو صفحو نظر مان ڪيڏي ويئي. پوءِ پلنگ تي ويهي، جتان تنهن وجهه الائيس اُٿي کڙي ٿي هئي، پدمڙيءَ کان ٿي پڇي: آلب پنهو ڦر تنهنجو چا ٿئي؟

پدمڙيءَ کي سنڌس هي اوتراهو سوال وڻيو ڪو نه ۽ پر لاچار سور پي ويئي. منهن ۾ گهنڊ ڏجهي، ورندي

ڏنائيڊس: آءُ ڏنيس، تڏهن ڪر آءُ رهانڊي هڏن وٽ. ماڻس مٺهڙي ساهيڙي ٿئي، تنهن اسان ماءُ پٽ کي چڏيو ٿي ڪين.

”تڏهن پيت چاڻو پت ٻه اٿيئي؟ ڪنهن ڪري ڇا؟“

”جڏهي شال، ٻرلن ۾ طبابت ڪندو آهي.“

”پرڻيل هوندو؟“

”نه.“

”سو ورني ڪئن؟“

”مڱيو ويٺو هو. پر ڪنوار سندس کي مڱڻيءَ اڃي ڏکو ٿيو، ۽ سون جهڙي پاڻهن تکي ڪا نه.“

”تنهنکي ڏينهن گهڻا ٿيا؟“

”گهڻيئي.“

”پوءِ پي ڪا پاڻهن ڪا نه ٿي مليس ڇا؟“

”پاڻ اُن پڇاڻا وهانو جو ويچار پڻيءَ لاهي ڇڏ پائين. اڄ ڏينهن ٿائين اهو درد دل تي ويٺو ئي اٿس. پيو وري ڪم ڪان ٻه واند ڪائي ڪا نه ٿي مليس.“

”تڏهن نه مونکي هڪڙيءَ ڳالهه تان هيڪاري ماٺ ٿي لڳي. دل ۾ نه ڪرين، نه پڇانءِ؟“

پڻ ڙيءَ سهي ڪير، نه ڪهڙو ٿي سوال پڇيمءِ پر وات سان وراڻي ڪا نه ڏنائيڊس، ڏانهنس نهاريائين ائين، جڻ چويس ٿي: ڇو نه؟

اميرياڻيءَ پڇيس: پٽهن ڇڏ ن آهي ته ڇڙو سِرُ، تڏهن
تون ڪيئن اڪيلو ڇڏي ٿي، هتي ڪٿان اچي رهي آهين؟

پدڙيءَ ورندي ڏنس: منهنجي دل ته گهٽيائي ٿي
گهري، ته آءٌ وڃي پٽ وٽ رهان؛ پٽم به پيري پيري لکيم
پيو؛ پر هتي آلد پنهوڙ ڪي ڪٿان ڇڏي وڃان؟ گهر سنڌس
ڪير سنڀاليندي؟

اميرياڻيءَ ڪلي ڪلي، چيس: پاڻ پرڻجي نٿو؟

انهيءَ تان منهن ڳاڙهو پدڙيءَ جو ته ٿي ويو. پر پاڻ
جيڪا رٿ ڪئي لڳي! وس ڪونه ٿي هليس. هونءَ
جيڪر منڊي پٽي ڪڍيس ها.

پدڙيءَ پڌايس: پاڻ ته مونکي تنهن ڏينهن ته ڏاڍا زور
ڪيائين، ته هاڻ پلوچي پٽ وٽ رهه. پر مون چيس: تون
وهانءَ ڪر، ته پوءِ آءٌ اهڙو ڪم ڪريان......

"پوءِ، پاڻ ڪهڙي وراڻي ڏنائين؟"

"چيائين: اهڙي مونسان ڳالهه ئي نه ڪر."

پدڙي، اتي انهي بهاني سان، ته مهمانن جي لاءِ ٽول ڏينگر
ته گهرائي وٺان، اٿي ٻاهر هلي وئي. اميرياڻيءَ هينئر رٿ
ڏي مهڙ ڪري، کيس چيو: معاف ڪجانءِ، جو تو وٽ
پيو وئي ڪونه ڪيو اٿم. ڏاڍي لاچار آهيان. وارئي
ڪانه ٿي ماڻيم. پر پاڻم ته منهنجي ڪنڌ ڏيئي
ڇڏي هونديءَ!

رات جي ٽانءِ ۾ ٻه ڏڪ ٿي، سوانهيءَ تي کٽي هٿ رکيائين؛ پر هنکي نهايت ٻهر ۽ ڌيرج سان ورندي ڏنائين: چارلس پنهنجا وڏا پاڪهي پيو ڪري.

"مون پاڻ ائين سمجهيو. پر وهانو جو پور ته هڪ پٽي سان ٻڌانٿي، پيارو سِ تي ڪيو اٿو؟"

رات پنهنجون ٻوريون اکيون کٽي مٿهن ۾ کپايائس. چڻ چيائينس ٿي: هي سوال ڪهڙو ٿي پڇين؟

اهير پاڻيءَ ڇچيس: آءٌ هتي آيس ئي انهيءَ ڪاڻ، ته پنهنجن اکين سان ڏسان، جو چارلس پنهنجيءَ ڪنوارکي پيار ڪئن پيو ڪري! پلا چارلس، ۽ پيار! سچ ٿي چوان، ته مونکي اچرج لڳيٿي ڪونٿو. مون ته اڳيئي سمجهيو ٿي، ته قصو ڪئن هوندو. منهنجي هٿن جو پاليل، آءٌ ته چڱيءَ ريت سڃاڻانس. تون جوڪري، پنهنجي سنڀال ڪج. مٿان پيڙيءَ جا ڏهي ڦرهو نه ڪيڏي وٺيئي. طبيعت ڏسين ٿي، ڪهڙي گرم اٿس. سمجها نٿي، ته توکي پوءِ ٻه ڏکيو ڀکيو ڪونه ڇڏيندو. چاڻي ٿو، ته تنهنجو ڪو پيو اوهي واهي وينو ڪونهي. پر ڳالهه ۾ رهندو ڇا؟ تنهن ۾ چارلس هيڏئر ئي کٽي توکان ڪنڌ ڪيائي، ته تون گهڻو ويچار نه ڪج. اسان سندس مائٽ ته ويٺا آهيون. توکي اڙٻو ڪونه ڇڏينداسون. هاڻ آءٌ ته پاڻ ۾ گڏ جون ته سڀين. هيءَ ڳالهه ڪنهن سان ڪج ڪا نه.

پر جهڙو هٿ ڏگهاڙي رٿ کي ٽي ڏنائين، تهڙو هن ٻہ زوم مان ڪري هٿ ٻري اُجليس. هوءَ ڀيڏڙي جا ان مهل اندر آئي، تنهن کي پاڻ اچرج لڳو، تہ رٿ ڪيو ڇا؟

اميرياڻيءَ کي سو بدن ۾ لوڇو اچي لڳو؛ ڀيڏڙيءَ کي ٽي چوي: هي اٿيئي هن جا حال! آءٌ ٽي هٿ ڏيانس، تہ هي مونسان سگهہ ٽي گڏيدي.

پر الائيس يڪدم مٿهن تي ٽوڪي ڏنس. ڇي، تو هٿ ٽي ڏنس، ڪين ڏي ٽي وڌس؟ تو جيڪس پاڻيو هو، تہ رٿ کي نڪ ناس آهيئي ڪانہ؛ سا توکي تنهنجي هن اڏنگي ڳالهائڻ تان ورجائيندي تہ ڪونہ، پاڻ تو سان ٿهي وهندي. پر متان ڪو اهڙو ويچار ڪيو اٿيئي. نہ ٽڪي پا نهن ڪانهي.

اميرياڻيءَ کي جا هيءَ ٽڙي نڪتي، سا ڏاڍي اچي ڪڪي وکي ٽي. پر، تہ بہ شرم کي پرچائڻ لاءِ ولي چيائين: مون ڳالهہ ڪهڙي ڪئي، توهان سمجهيو ڇا؟ پيو بہ مون پاڻ جگي صلاح ٽي ڏنيس. پر هاڻ سندس مرضي. آءٌ جو پاڻ کي وجهہ ڪوڙو ڪريان؟

اميرياڻي پوءِ اچي ڀيڏڙيءَ کي لڳي، تہ ڪمرو ڪمرو ڪري مونکي سارو بنگلو هلي ڏيکار. هتي اوس گهڻيئي رنگ ٿيا هوندا، انهنجا بيان بہ سربستا ٻڌائيندم. پهلي جي

بالا عملدار جو بنگلو، تنهن نسبت قصا ڪئندائي ڪين. پر پيڊريءَ چيس: بنگلو ته ڏيکاريائين ٿي. باقي هتي خاص ڪا اهڙي ڳالهه ٿيائي ڪانهي، جنهن جو قصو آ؟ ڪٿي توکي ٻڌايان.

”ڪاڄن جي ڳالهه، ڪا ڀوت جي ڳالهه؛ ڪنهن ويچاري سڪايل جي سڪ جو قصو، يا محبتي مستان جو درد ڀريو احوال!“

”مونکي ته اهڙو ڪا ڏنو سمجهيئي ڪونه. اسان جو ته خير سان جو پيو وقت گذري. ڇا جو جن، ڇا جو ڀوت! ڇا جو هي، ڇا جو هو!“

وري ڏاڪڻ تان مٿي ماڙيءَ تي ٻئي ويون، ته ڏاڪا اُگهاڙا ڏسي، اميرياڻيءَ پڇيس: ڇو؟ غاليچا هتان ڪٿي ڇڏيو اٿو ڇا؟

پيڊريءَ چيس: آلدينهو فر جي غاليچن سان پوئي ڪانه. ٻارڻ جوندو آهي، ته ماڻهو ڏاڪڻ تان پيو مٿي چڙهي، ۽ سندس آواز نه ٻڌجي، ته سمجهڻ گهرجي، جو هو خوشامد ڙيو آهي. تنهن ڪان مرڳو غاليچا اُتي وڃايون ئي ڪين.

”غاليچن سان ڏاڪڻ بيٺي سونهين! تون نٿي سمجهائيندس؟“

”هو اها ڳالهه ٻڌي جو ٿو؟“

ڳالهين ڪندي، پدڙيءَ کي چاٽايس، ته ڏکي جيوهن گهر ۾ آهيڻي ڪون. ڏٺي ٻار کي خوش، پيلي پڻهنجيءَ ۾ پورا. منهنجي ٻه سڪ جي پيٺي نبهي.

تنهنکي ٿهر ٿهر چيائين: تون ٻ پيلي ته سکيو وقت پيا ڪاٽيندا هوندا. پر آءُ نٿي پانيان، ته ڪو آلد پنهوفر خود پاڻ کي سکيو ٿو سمجهي. پاهران چڱو ميو متارو، رشت پشت هوندو؛ پر مچاڻ ته اندر سان ڪا مڙيائي لڳل اٿس!

پدڙيءَ کي انهيءَ تان ڏاڍو اجرج لڳو. پڇيائينس: تون لد پنهوفر کي سڃاڻي ڪٿن؟

اميرياڻيءَ مشڪيو ٻٽي، ورندي ڏنائينس: ٿورا ڏينهن ٿيا، ته ڪنهن ٿياڪر جي گهر ۾ ڏٺو هومانس.

پدڙيءَ پڌايس: پاهران ٻرابر ڪلمڪ ڪون ٿو ڏسجي، پر اندر جو آرام گهٽوئي اٿس. حياتيءَ کي پاڻ خدائي ڏات ڪري ٿو ليکي، تنهن ڪارڻ عيشي جيون جٿن نفساني لذتن مان ڪيس مزو اچيڻي ڪون. تنهن هوندي ٻه، سنسار کي تياڳ ڪون ڏيڻي چڏيو اٿس؛ پر سنسار جي ڏيکه ويکه تي آجهڙي ڪون ٿو.

پدڙي ٻوءِ نيلي ڪمري ۾ ونءِ آين. پڌائين: شڪار جي منڌ ۾ مهمان اچي مڙندا آهن، ته نيرن سڀن کي هتي ڪرائبي آهي.

پر اُتي جو پَٽ تي جِٽ گُل ھوئي ڪونہ، ۽ سامان سڙو بہ منجھس جاڏو پيو ھو، سو اميرياڻيءَ جيو: ڪمرو ھُسو پيو لڳي!

الائيس تنھن تان ورجايس: ھسو ڇا بہ آھي؟ چڱو پيو سونھين.

تنھنڪري ورندي ڏنائين: ھائو، ڪمرو پيو ٽپندو ھوندو! پر وار ڦير منجھس ڪبجي، تہ جان تان ڊول پيو ٿي پويس. آءٌ جيڪر گھر ڌياڻي ھجان، تہ خاص ھن ڪمري جو تہ رنگ ڍنگ ئي ڦيرائي ڇڏيان!

پيڙيءَ تنھن تي چيس: اوھان امير خاندانين سان اسان جھنگ جا ماڻھو ڪا ريس ڪري سگھنداسين؟ اسان جھنگي، ھيٺري ڀرئي سرھا.

ھيلتائين تہ اميرياڻيءَ سڀ مان ڀڳي ويڪ ڪيڏي. ڪٿي سامان جاڏو ٿي لڳس، ڪٿي مورت ڪانہ ٿي وڻيس، مطلب تہ ھاڻ سرھي ڪانہ ٿي ڏٺي. پر پيڙيءَ جڏھن ٽالو لاھي، ديوانخاني جو در کوليو، ۽ جيائين، تہ سرڪاري ڪمري تي ڪامورا ايندا آھن، تہ آلبي يئھو فرھتي گڏ ٿو اٿن، تڏھن اميرياڻيءَ جو منھن گل جيئن ٽڙي پيو. پلاڃٽ بہ ھنڌيون تہ گيل، پٺين تي سونا چونڪن بہ آرسيون ڪٿل، درين تي زريءَ جا پردا لڳل، جوڏاري اُچيءَ مخمل جا ڪوچ پيل! ھيءَ سارو جنسار ۽ سينگار ڏسيو، سرھي ٿي

ٿي. پر هن جون اکيون هن نظاري مان اڃا ڍاپو نٿي ڪين هيون، تہ پدڙيءَ ڪري پاسي وارو در کوليو. هيءَ جان ڪري اوڏانهن نظر ڦيرائي، تہ هيڪاري ٽپرس ۾ پئجي ويئي. رڳو زري زر بفت لڳو پيو هو!

پدڙيءَ تہ پٽي جهڙي ۾ مشڪيو. پر هن اڃا هٿي نيڻن کي نيرن ئي پٽي ڪرائي، تہ ورِي وٺي پاسي وارو پيو در کوليائين. اميرياڻيءَ کي سرهائيءَ وجهون وات مان رڙ نڪري ويئي. رت تہ پاڻيو، خو بخور جهنگ جي سائي منهن ۾ ڀيڙي آهيان. سڳند جي هبڪار اها پئي آئي، پاڻ تہ ڪنهن عطر ڪٺي اوتيو هو.

پدڙيءَ پڌايس: آلد ينهوفر جي جيڪجل اما، پٽ وت اچي، تہ رهيٽي هن ڪمري ۾؛ پنيان ڏاڪٽ سان خود آلد ينهوفر وارو طبق ٻہ ڳنڍيو پيو اٿس.

اميرياڻي تہ ڪپڙن ۾ نہ پئي ماپي. هڪڙو ناچ سو ڪونڌي وڌائين؛ باقي هلي ٿي، تہ پير پٽ سان ڪونڌي لڳس! پٽ پر هڪڙو تيڪ سان گاديلو رکيو هو. هيءَ پنهنجي جنبي جا جُٽ ناهي، اُمالڪ وڃي اُنهيءَ تي ويٺي. اُن ويل سندس سونهن ڪا هئي! چوڏهينءَ جي چنڊ وانگر ڪڙي پئي!

پدڙيءَ، سندس منهن ۾ نهاري، چيس: بس! هتي تہ باقي تو جهڙي ڪا پانهن هجي.

رات کي سا انهي ملڪ جي ڳالهائڻ تان، ٻڍڙيءَ تي، ڏاڍي چڙ لڳي. دل ۾ چيائين: ڪهڙي نڪار جيئري کي، ڪهڙي پاڪ مڪان ۾، هيءَ رڳو ٿي ٻه ڄڻو آئي؟ جنهن جي لاڏ پٽ... پر انهيءَ ويچار کي ورتي پنهنجي منهن سڃڻ ۾ تروار ڪو نه ڪيائين.

اميرياڻي گاڏيءَ تان اٿي ڪڙي ٿي ٿي، ته ٻڍڙيءَ چيس: ڪن ته هڪڙي ٻي ٻه وٺ! آءٌ ته ٻانهيان، جو تو تان اکر پاسي ڪريان ٿي نه!

اميرياڻي ورتي ٿي جڙي ويٺي، ته ٻڍڙيءَ بلڪل ساهيا ۾ چيس: هڻ جيڪر الله پنهنجو فر توکي ڏسي!

اميرياڻيءَ تنهن تان ڪوڙ ڪڍي منهن ۾ شورو ڏو، ۽ اماڪ اٿي ڪڙي ٿي. جي، ماڻهن کي پنهنجو شرم ئي ڪو نهي.

(١٧)

”آءٌ سڙڪ ڏيو شهر ماڻ پيئي اچان. هيءَ وڏراه ته پڌائجانم، ڪٿي وڃي ٿي پوري ٿئي؟“

”مونکان نه پڇ. آءٌ ڪو نه پڌائيندو سانءِ.“

”تون مونسان هڻ چپ جو تو ٻوين؟ ڀلا سڌ اٿيئي، ته هيا ڏار ڪٿي هوندو؟“

”مونکي ڪهڙي سڌ؟ پر تون هتي پنهنجي پريتم لاءِ ترسجانءِ نه! موتي هلي وڃ.“

پر رٿ موٽي اچي شاهي سڙڪ وٽ آئي، ته پٺيان گاڏيءَ جو آواز ڪن تي پيس. هيءَ آسائتي اکيون ٻائي بيهي رهي. گاڏي پرسانس لنگهي، ته گاڏيءَ واري اُمالڪ ڪري گهوڙي کي جهليو. هن اُڪير مان وٺي هيلدار کي سڏ ڪيو.

هيلدار، ڪنڌ مٿي کڻي، اچرج ۾ پڇيس: ڇو؟

هيءَ منجهي پيئي. ٻه هبڪي هبڪي، ٻڌايائينس: اوهان کي گڏجڻ ٿي آيس!

هيلدار چيس: سو به هتي؟

پوءِ ته پاڻ گاڏيءَ مان لهي هيٺ ٿيو، ۽ گاڏيءَ واري کي چيائين: تون گاڏي هڪليندو اڳيان هل.

رٿ کي سڌ ئي ڪانه ٿي پيئي، ته الاهي هيءَ ڳالهه منهنجي وٽ اٿس يا نه! ويچار پئي ڪيائين، ته ڇا ڪيس چوان، ته هيلدار جي وڃي پريان ڪنهن ماڻهوءَ تي اک پيئي، جنهن گلن جون ڇڪيون پئي کنيون ۽ ٻاٿيون.

هيلدار ويجهو اچي پڇيس: هي ڇا پيو ڪرين؟

پهريائين ته هن ٻڌو اڻ ٻڌو ڪري ڇڏيس.

هيلدار وري زور ڪري پڇيس: ٻڌين ٿو، هي ڇا پيو ڪرين؟

تڏهن، لاچار ورندي ڏنائين: ڇڪيون ٻاهر وينديون؛ ٻنڌ وينو ڪريان.

"ڇو تہ ڪو نہ لڳو اٿيئي؟ ھن مند ۾ ڇڪيون ٻاھر ڪڍڻ وينديون؟"

"برڪ مونکي ڇيو. نہ تہ منھنجو ڪھڙو ڪم؟"

"اڳين لکيو ھو، تنھنکي پريا چار ھفتا ٿيا. اُنجي پوئواري اجا ھيٺ مٿي ٿئي. ڇڏا ڪاٿي جا نمڪ حلال نگھبان ٿيا ويٺا آھيو. ڏسين ٿو، تون ھتي ھلي ڪو نہ سگھندين. ھرو ڀرو ڪم ۾ بگاڙو پيو وجھين."

"اوھانکي ڪا اختياري ڪانھي، جو ھيئن مونکي حڪم ٿا ھلايو. آءٌ پنھنجي عملدار جي فھمائش پٽاندر وينو داڳينا پڌان. پيو بہ دير ڪا نہ پئجي ويئي آھي، جو اڳلا داڳينا ونندائي ڪين. برڪ تہ ٿاھوت لاتي ڪا نہ ٿي."

"آءٌ تہ ڪي جوان ٿو، ھڪدم ھت جھل. تون موقوف آھين."

"موقوف؟ مونکي مقرر اوھان تہ ڪو نہ ڪيو ھو؟ موقوف بہ اھي ڪندم، جن مقرر ڪيم. اوھان مفت الاجي زبان جو پيا ھلايو."

ھيلدار تپي لوھہ ٿي ويو. ڏاڍي ھٿ ۾ ڪپ جھلي، ڏانھس اُلٽرائين ڪيائين، جو پاڻ تہ مٿان ٿو وجھي پوبس، پر رت جھلي ورتس. جي، مٿان!

ھيلدار ٻاڻ چڙائي، اُنھيءَ کي بہ جڙب ڏني: جي، تون وجھ نہ پو. تنھنجو ڇا وڃي؟ منھنجي اڄ مڙئي جوڙ ٻج اُٿڻي اٿم.

گهڻا ڏينهن پئي مذاقون ڪيون اٿس. تو کي ڊپ ڇا جو ٿو لڳي؟ کُهانس ڪو نه ٿو.

ائين ئي پر ڪري، وٺي هڪڙو منهن ڏار و ڇهو هن کي ٺڪاءُ ڪرايائين. شولز جي منهن جي مشڪ مشڪ ۾ زلزلو پئجي ويو. شينهن وانگر گجندو، اچي ٿي هيلدار کي ڇهڙيو. پر هيلدار مٿاهين اڳيان اچڻ ڪو نه ڏنس. ٻه ڏڪ پيا ته ڦهڪائي ڪڍيائينس.

شولز آٿڙندو، وڃي پري پيو. هيلدار چيس: ماڻهو هوندين ته وري سنڀالي هلندين. حال اهو ئي لڳندءِ، ته ڪيچ ڪندءِ.

پر منهن تي هن کي جواب ڪو نه ڏنائين؛ هيلدار پٺ ڏني، تڏهين پٺيانس سڏ ڪري، چوي ٿو: ٻچا، اسان جو به ڪنهن ڏهاڙي وارو اچي ويندو!

هيلدار، رت کي پانهن کان جهليو ائين هو، پاڻ ته ڪيس ڪٽي پڪڙيو هئائين. هوءِ به سندس هيءَ ڏنگ ڏسي، ڏهاڃي ويٺي هئي، ۽ لڱ اچا پئي ڪانڊارپس.

اڳيرو وڌيا، تڏهين ايترو سو چيائينس: اوهان هي ڪيو ڇا؟

تنهن کي ورندي ڏنائين: تو کي سڌ ڪانهي. آءٌ پنهنجي ٿاندي تپڙو آهيان. هن بدمعاش ۾ ته اُنهين ئي خار هئم. وري اڄ ڏٺءِ، ڳالهايائين ڪيئن ٿي؟ تڏهين چيم، ته ٿڪ هڻ ته

لاهي ڇڏيائس. پر تون دل ۾ نه ڪج. آءٌ ڏاڍو لاچار هوس. پاڻ ڄاڻيو نه ٿيم.

رت، منهن نماڻو ڪري چيس: هو وري به ڪمي ماڻهو، تنهن سان اوهانکي ميڙن...

پر هيلدار وچيڙي ڄاڻيس: اهي ڳالهيون نه ڪاٽي نه ڏينم! ائين منهنجو سچو مڃڻ کو نه پوندو.

ائين ڳالهيون ڪندي، پيلا ين جي گهر کي اچي ويجها پيا. اتي هيلدار جي ڪن تي ڪو آواز پيو، سو ڪي ڪن ڦرڙايائين. پڇڻ لڳو: آواز ڇا جو آهي؟

پر په وکون اڳتي وڌيا، ته هيلدار ڏٺو، جو جهنگ ۾ محفل لڳي پيئي هئي. تڏهين ياد آيس، ته برابر دادي جو ٿي، اچ سپني جي ماني موڪلائيندي يس؛ ننڍڙان انهيءَ جو سمورو بندوبست هتي ئي رکيو اٿس.

جهنگ ۾ هيڙو رنگ لڳو پيو هجي، ۽ هيلدار انکي اوڙانگهي وڃي! پر جڏهن رت جي گگهيءَ ڏي اک ڦيرائين، تڏهن منهن هار جي ويس.

رت کي چيائين: دادي جي محفل تي به، تون هنن حالن سان هلندين؟

رت کي پنهنجي گهگيءَ جي ساد گيءَ تان حجاب ڪونه ٿيو، پر ڪنڌ نماڻ لڳهندي هيٺ پري ڪا انکي

هيڏي انگ اچي ويٺي هيس، تنهن ڪارڻ ڇيڪيسو پاڻ به شرمائجي ويٺي.

هيلدار کي صلاح ڏنائين: اوهان پڻ وڃي محفل ۾ شامل ٿيو. آءٌ لنگهي پٺي پاسي ٿي ٿيان.

هيلدار چيس: ائين وري ڪئن ٿيندو؟ آءٌ ڇڙو وري ڪئن ويندس؟ تنهنجي پڇا ڪا نه پوندي؟

نه، پيارا، آءٌ انهيءَ محفل ۾ ڪا نه هلنديس. مونکي ڇڏ پو. محفل ۾ الاجي ڪير ڪير آيا هوندا! آءٌ پاڻ کي الاجي ڇا ڀيٺي سمجهنديس. وري ڪو اُٿو سٿو اُتي اُٿان وهان، ته هروڀرو اوهان به رنج ٿيو."

"اها ڳهڻي به تنهنجي ٺلي ايندي. اُتي هلي، پاڻ اسانجن چاڻن سڄاڻن سان هرمڙ، ڪين هنن ڪان ماڳهين ٿي ڪوه ڀيٺي پري پڇين! تنهنجي ڪاتر آءٌ تڏهن پنهنجن سڳن سياڪي وارن سان سڱه به ڦاڪون ڪري، رڳو تو سان ۽ تنهنجن پيلاين سان ئي نيو سڱ جوڙيان ڇا؟"

"ڇگو آءٌ هلان ٿي. پر اوهان هٺن ڪوڙو جو ٽاڳ الهايو؟ آءٌ ڊنيس، ته متان اتي ڪجهه ڪري نه وهان، ته پوءِ اوهانکي به ڏکر نه ٿئي."

"ڊڄ نه. هلي آ. ڏس، دادي به ڀيٺي سڏ ڪريٿون."

رت کي ته اڳ ميٺي سمجهيو ٿي، ته مونکي هٺن وڏن ماڻهن جي محفل ۾ مان ڪهڙو مانندو. هي آئي، ته ڪا ڏس ته

ڏانھنس نھاري منھنجو جو پيئي اُتس کلي؛ ڪا وري پرواريءَ کي ٺونٺ سان اشارو ڏيئي، ڪُوڙ ڪُوڙ پيئي کنگھي. ڪنھن تہ وري پنھنجا چارئي چمڻيءَ ۾ ٻانڌ ائين پئي سوڙها ڪيا، ڄڻ تہ ڊپ ٿي ٿيس، تہ متان منھنجو پلو لڳيم، تہ ڇِڇي نہ ٿيان؛ ڪنھن وري ڏنو وائڙو موڙو ڏيئي، پريان نٽي ائين پئي لڪايس، تہ تون ھتي سونھين ڪا نہ ٿي. اسان مورن ۾ ڪانءُ پئي لڳين. مڙسانڙن ۾ گھٽ ڪا نہ ڪئي. مڪڙو ٿو چوي: ھيلبدار جو عقل تہ ڏسو! چوندا پئي جوڙو وڃي گھڙيو ڪڪرين. پڇيمنس، پنھنجي خاندان مان توکي لائق ڀانئين ملي ڪا نہ ٿي ڇا، جو ھن ڪڪيءَ ھاٿيءَ تي دل ٿي ويئي؟ پر آءٌ ڀانيان ٿو، تہ ھاڻ پڇتايو اٿس. اسانکي جو ويڇوڙي نہ پيو اچي، تنھن مان سڄي ٿو ڪريان، تہ پنھنجي ڀُل معلوم ڪئي اٿس. پئي پوڪ ڇڏيو: ھيلبدار جھڙو خوراڪي، ۽ ھھڙيءَ ڪوجھيءَ ڪوڙيءَ تي ريجھي! پائي، ڪا منجھس اھل چالاڪي ڏٺائين، ڪنھن سعد س آريڪڙ تي آجھڙيو؛ پڇيمنس؛ تنھنجي مت ھڻن جو ڪٿي؟ پر نڪو. ڪنجا جي اجھا نيٺ منجھانس ڪڪ ٿي پوندو!

جت جيڪا، رت سان، ٺرانس ڪئي! اھڙي اٽڪل ويڙھايائين، جو پاڇايس پنڊيانس ئي بيٺي رھي، ۽ اُتان واٽڙن جھڙن پئي نھاريائين. ھيلبدار کي مڙسانڙن سڏ ڪيو، سو تہ

وڃي ڀالي ٻاطيءَ ۾ سانٽن ڀيڙو ٿيو. هيءَ ڪري سا ڪري ڇا؟ ڀيلاڻين جي باغ جا وڻ ڄڻائي ڄڻا ٿئي ڏٺا. دل ۾ ڇيائين، سراڪو ٻائي، اوڏانهن تِرڪي ٿي وڃان. ٻر اڄ دل ۾ ٿي هڻيائين، ۽ ڪنڌ ورائي ڀاسا ڇا ڇيائين، ته اميرٻاطيءَ ساهيڙين کي ڇيو: اڄو ته اڪ اڪوٽيءَ راند ڪريون. آگ آءٌ ٻاط ٿي ڏيان. مڙسالڙو ٻيل ويندا ٻٽ ڇاڙهين. ٻاط مرادو اڄي شامل ٿيا، ته واه، نه ته اسان ٻاط ۾ ئي بس آهيون. آءٌ هاط ٻنهجاه ڳطيان ٿي؛ اوهان سڀ وڃي اڪو. ٻوءِ اکين کي رومال ٻڌي، اڄي ٿي اوهان کي ڳوليان.

امير ٻاطيءَ ٿيهر ڳطياهڻا، ته رٿ لوڙهي تائين ٻهڄي ويئي هئي. لوڙهي ۾ ٻر گهل اڳيئي ٿيل هو، ۽ ٻاط ٿي ويچار ڪيئين، ته الاجي نرانر ٻنهجاه ٻورا ڪندي، تنهن کان اڳ منهجهانس لنگهي ٻاهر وڃي سگهندي يس ڪي نه؛ ته ٻڌيان ڪنهنجي هاط جو آواز ڪن تي ٻئجي ويس. هيءَ چپ ماري، ٻلوط جي اوٽ ۾ اڪي ويئي. ڏٽيءَ کي ٿي آراڏ ٻائين، ته شل ڪير ڏسي نه ونيم.

کن ٻيل ٻڄاڻا ڇا ٿي ڏسي، جو امير ٻاطي هڪڙي وڻ کي ٽيڪ ڏيو، ڪنهن خاص جيو لاءِ وياڪل بيٺي آهي.

اتيئي ڪنهن مڙسالڙوءَ جو ٻاڇو نظر آيس، جنهنکي ٻڌائين، ته امير ٻاطي 'لو ٻئرا! لو ٻئرا!' ڪيو بيٺي ٻاٽڏي سڏي. هنکي، ته اڳي رڳو شڪ هو، هاط ٻڪ جيئيس.

لوڊيئر اميرياٽيءَ جو سڏ ورنائي، اگيانس اچي بيٺو، ته اميرياٽي اُٺاڪ سندس پيرن تي ڪري پيئي. چيائينس: آءٌ ٻاجهري بدڪار، مون توسان دوهه ڪيو. هاڻي مونکي معافي ڏي. آءٌ سمجهانٿي، مون تنهنجي دل ڏاري ڇڏي. پر آءٌ ٻه هن گهڙيءَ لاءِ پٺي سگهيس. شڪر، جو نيٺ ورهين جي وڇوڙي کانپوءِ، اچ وري توسان هڱن مُکا ميلو ٿيو اٿم.

لوڊيئر تپرس پڻي کاڏوءَ ورندي ڏنائينس: اميرياٽي، هنجو مطلب ڇا؟ مون ته تڏهن ئي توکي معاف ڪري ڇڏيو. پيو ٻه مونکي ته توڏي ڪاوڙ هئي ڪانه.

”مون نٿي ڄاتيو، تون مونسان سهڄيئي اهڙو وڙ ڪندين. پر ڀاڳ منهنجو سولو ٿو ڏسجي. هاڻ ٿيو مون تي ٿورو ڪر. مون سَرن پريءَ جو تنگ رکه. تون مونکي دل تان اُٿڙيوئي ڪونه آهين. تنهنجي سهڻي صورت اُٿين ئي منهنجيءَ ڇاتيءَ تي اُڪري پيئي آهي. مون هوءَ خطا ڪئي ته سهين، پر سچ ٿي چوان، سگهه ڪونه پاڻم. دل ريڊيمر ئي ڪانه. دل جو دلبر منهنجو تون ئي آهين!“

لوڊيئر تنهن تي ٻاجهان وچون مشڪي ڏنو ۽ منهن ڦيرائي، هاٿو تي ويو پر اميرياٽي، جا اجا سوڙ وگوڏن پرئي ويٺي هئي، تنهن اُٺاڪ کٽي هٿ کان جهليس. پر هن

ٻه هٿ ٻنهي جو ڪائنس ائين ڪڍائي ورتو، جو پاڻ ته زانگ جي چڪ کان ٽي ڏارو ڪيائين.

اميرياڻيءَ کي آنسون پئي وهيون؛ ليلائي چيائينس: آءٌ جيئن جيئن تئين پاڻ بخشايان. تون رڳو منهنجي منٿ مڃ. آءٌ سکڻي زالي ٿي هرڪا جي، توکان پاڻ ته ڪڍائي ويس، پر اندر وارو منهنجو سڄو ٿيو ٿي ڪونه. ڏينهن رات مونکي تنهنجي ئي تات هوندي هئي. تو لاءِ پيئي تڙڦندي هيس. هاڻ مونکي جيئدان ڏي. منهنجي مٿي ٻٽ ۾ ساه وجهه. مونکي نه ته چٽ جي ٻه آچ ٿي هئي. پر مون تو خاطر ٽڪ هڻي نه نهاريو مانس.

لوڊيئر وڪڙ اڏ ٻنڌي هئي، وري سمجهايس: اميرياڻي، تون اجايو پاڻي نه ولوڙ. مونکي ڳالهه ياد به ڪانهي. تون به ڳئي گذريءَ کي وساري ڇڏ. روئڻ پٽڻ مان ڪا ويئي ويل هٿ ڪا نه ايندي.

پر اميرياڻيءَ پيڇو نه ڇڏيس. وري به منٿ ڪيائينس: مونکان دشمن منهن نه موڙ. جي، آءٌ چاڙهان ٿي، تون مونکي سبق ٿو سيکارين؛ نه ته وسري توکي آءٌ به ڪا نه ويئي آهيان.

لوڊيئر جو ورجايس ڪونه، تنهن ڏان هنجي جيڪس آس وڌي. چيائينس: تون ڪوڙ ڳالهائيندين ٿي ڪين، تڏهن ته نٿو ڪڇين. هاڻ ڏاهو ٿيءُ. مونکي گهٽو نه

سٺاءِ. مونسان ملھ مرڪ، تہ مونکي بہ ھمٿ ۾ ساھ پوي.

اوديرو وراڻي ڏنيس: اميرياڻي، آءٌ توکي سٺايان ڪونہ ٿو. پر تون بہ انھيءَ ڳالھ تان لھي وڃ. آءٌ سچ پچ ڏٺيءَ جو ٿورو ٿو ڀانيان، جو تون پاڻ مراد وڪڻيءَ ۾ ئي مونکان ڪيائي ويٺيئن. نہ تہ، آءٌ سمجھان ٿو، آءٌ پاڻ توسان ھلو پيدي، وڏي پل ڪري وٺان ھا. تنھن ۾ تون بہ ننڍپڻ جون ڳالھيون وساري ڇڏ. ڏُڏو ڪير وري ٿٺين پوندو ئي ڪونہ! باقي صحبت جو ناتو......

صحبت جوئي نانءُ اوديرو ورتو، تنھن تان ھنکي ھمت آئي؛ ڳلن تان ڳوڙھو سُڪس ئي نٿيءَ؛ چيائينس: نہ، نہ، صحبت ڇڙي نہ. مونکي پنھنجي صحبت بہ ڏي. جي اُھو سَلو سُڪي ويو اٿيئي، تہ پاڻي ڏيئي وري اُنکي ساءُو ڪر. آءٌ پاڻ ويھي تنھنجيءَ دل جي ڌرتيءَ کي رپج ڏيندي يس. پيو، مونکي ھاڻ اميرياڻيءَ جي نالي سان نہ ڪوٺ. آءٌ ڇاڙتي، آءٌ انھيءَ ڪانرئي توسان ڪوڙي ھيس. پر اھي اولانيا مونکي نہ ڏي.

پر اوديرو ھڪڙيءَ تي ٿي بيٺو. پڇايائينس: تنھنجي ۽ منھنجي وچ ھنئر گھڻو گھڻو تہ رڳو صحبت جوئي ناتو ٿي سگھي ٿو. تنھن ۾، نہ آءٌ ئي توکي ڪنھن ٻئي نالي سڏيندس، ۽ نہ تون ئي مونڏي ڪنھن ٻيءَ مراد سان نھار.

اتي اميرياڻي بہ اُٿي کڙي ٿي. اکين مان ڇلڪات

ائين پئي نڪتس، جڻ شعلا ٽا ٻرن. هو پنهنجيءَ ڪاوڙ
کي وس ۾ رکي، نهايت نهر سان چيائينس: لوديڙا! آءٌ
وري به پلو ٿي پايانءِ.

ڪا گهڙي ماتر ٻنهي اکيون اکين ۾ ملايون، ۽
اميرياڻيءَ بيوس ٿي، وري ڪٽي پنهنجو ڪنڌ لوديڙي جي
پيرن ۾ رکيو. پرهن ٻڙس جي واتون وري اکر به ڪونه
نڪتو. اميرياڻيءَ کي انهيءَ حالت ۾ ئي ڇڏي رمندو رهيو.

اميرياڻي تنهنکي اُٿي پيرن ڀر ويٺي، ۽ مٿيون پيڙي،
چوڻ لڳي: ڏس، ته انهيءَ جو ڪهڙو نه ٿي پلو حساب وٺانءِ.
رت پاڻي نه روئاريو مانءِ، ته منهنجو نالو مٽائي ڪٽي
ٻيو رکانجهه.

(١٨)

"پڌءِ؟ تون هي وهانو جا ڏهاڙا وڃي ڪٿي پئي هنڊ رهه.
الائيس جو ڏيرءِ ڏيراڻي ٻارن سميت اچي ويا آهن ۽ سو
تو واريءَ ڪوٺيءَ ۾ ڪري انهن کي رهايو اٿم. تنهنجي
ٽرنڪ به مون ڪڍائي رنڌڻي ۾ رکائي آهي."

"ماسي، هن اڻانگيءَ ويل آءٌ ڪنهنجو وڃي سڪر ڦٽايان؟
رات ٿي پوي. ڏينهن جو نٿي جيئڻم؟ ڏينهن شينهن
آهي. وڃي ڪو تدارڪ ڪريان ها."

"هينئر به ديرڪا نه ٿي آهي. وڃي ڪو پلو ڪر."
رت منجهه ويٺي، ته ڇا ڪريان؟ ڪنهن وٽ وڃان؟

اوڏيءَ مهل چون ته هيلدار به اچي پهتو سوڍو اتان لانگهائو ٿئي. رت اُمالڪ سڏي چيس: ڳالهه ته ٻڌ دو.

هيلدار پيرُ کي اُتيئي ٻهاري، ٻاڻ وتس اچي، منهن ۾ گهنڊ پائي، پڇيس: ڇو؟ ڇا آهي؟

رت ٻڌايس: ماسيءَ رت منهنجي ڪا تر جاءِ ئي ڪانهي. هاڻ آءٌ ڇا ڪريان؟ اوهان کي اعتراض نه هجي، ته آءٌ وڃي پيلاين وٽ ٽڪان.

هيلدار چيس: اسان واري بنگلي ۾ به ڪمرا سڀ والاريا پيا آهن. آءٌ نٿو پانيان، اُتي ڪو بلو ٿي سگهندو. پر پيلاين وٽ به، آءٌ موڪل ڪا نه ڏيندو سانءَ.

ائين چئي، هيلدار ويو ٿي هليو. پر رت منت ڪري ترسايس. پڇيائينس: جي پيلاين وٽ به نه، ته تڏهن پيو ڪٿي؟ ڪا ته واه ڏسيوم.

تنهنتي ٿو پنهنجيءَ مگيدي کي وراڻي ڏئي، جنهن سان ڪ پائي سگهه تي گنيد پائين: آءٌ وري ڪهڙي واه ڏسيانءِ؟ تون اهو ته مونجهو من سان نه لڳائيندم ها. تو کي سچ پڇ جاڻ ئي ڪانهي، ته جي اسان جي خاندان ۾ پرڻجي ٿي اچين، ته هلڻ ڪٿن ڪپيئي.

تڏهن رت چيس: آءٌ پليس. معاف ڪجو، جو اوهانکي هيءَ ڪن به ترسايم.

هيلدار ڏاڍو ڦڪو ٿيو. چيائينس: پوءِ پلا، ڇا ٿي ڪرين؟

رت وراڻي ڏنس: ڇا ڪريان؟ مونکي ته سڌ ئي ڪا نه ٿي پوي.

”هن ٻيڙي ۾ رت نٿي لنگهي وڃي؟ جيستائين پيو ڪو بلو ٿئي، تيستاءِ وٽس ٽڪي پو.“

”آلڊ پنهوفر جي بنگلي ۾؟ نه، اتي آءٌ ڪا نه ٽڪنديس.“

”ڏٺءِ نه؟ منهنجي صلاح توکي ڏيوڻ لڳندي ڪا نه. هاڻ تنهنجي مرضي. ٻر جي ٻيلاين وٽ وڃي ٽڪي آهين، ته ......“

”ته ڇا؟“

”ته پوءِ مونکان ٻاڇيو پيو ڪو نه اٿيئي. آءٌ توسان جني ڦاڙي ڇڏيندس.“

هيلدار جا تيتري ۾ پيرئي تپي پيا هئا. رت پنهنجون ٻوريون اکيون کڻي سندس منهن ۾ کپايون.

هيلدار روانو ٿيو، ته هيءَ به پند پيئي. بازار ۾ پيءَ ته پهرئي ڪا نه ٿي ڏني. هڪڙو چوڪرات سو هو، جو سيٽون وڄائيندو پي ويو. پير اُگهاڙا، ۽ بت تي ليڙون پئي لڏينس. رت دل ۾ ويچار ڪيو: هيءُ به سٽ وڃي، پنهنجن مائٽن جي پونگيءَ ۾ ٺو لڪائيندو. ٻر مون ياگين ٻيريءَ ڪا ترهتي ڪنهن وٽ ايتري جاءِ جتي به ڪا نه ٿي لڀي! تنهن ڪان ماگهين موٽي ٻران ڏي جو نه هلي وڃان؟ ٻروري ٻاڻ کي سمجهايائين: جي، اُپهري نه ٿيءُ. ائنا سانگي اهو ڪي به لڳهائي جهُڪ.

پيرزيءَ وٽ آئي، تنهنکي اُها جاءِ نه لڳي، جتي ڪٺي وهاريس. چيائينس: اچ آئينءَ، ڀلي آئينءَ!

”پر آلديهوفر ڇا چوندو؟“

”چوندو وري ڇا؟ تنهن هوندي به، اجهو اچيئي پيو. ڪٺي ڪانئس پڇ.“

رت کي ڏسي، آلديهوفر اچرج کو نه ڪاڙو.

رت پڇيس: آءٌ به چار رانيون هت ٽڪي پوان، اوهانکي اعتراض ته ڪونهي؟ ڏاڏيءَ کي سُڀاڻ لکي ٿي موڪليان. پوءِ جڏهن ڏينهن ٿيا، اُنهيءَ وقت ورندي اچي ويندي.

ورندي ڏنائينس: تون ڀلا اسانجن اکين تي آهين. ڀل ٽڪي پيئي هج.

رت پڇايس: آءٌ پاڻيهي ڪا نه آئي آهيان.

هن چيس: توکي ڀلا حجاب ڇو ٿو ٿئي؟ پاڻيهي ڇا، هونءَ ڇا؟ پر مون ته، ماسيءَ جي گهر هيترا ڇاڇي ماڇي ايندا ڏٺا، ته دل ۾ چيو، ته تون اوس اچي هتي رهندينءَ.

پٽي ڏينهن منجهند ڌاري، رت پيرزيءَ سان گڏ باغ ۾ پيئي پسار ڪيو، ته پياريءَ اچي خبر ڪيس، ته هيلدار ٿو سڏيئي؛ پاڻ ديوانخاني ۾ ويٺو آهي.

هيءَ پيرزيءَ کي اتيئي ڇڏي، ديوانخاني ڏي وڌي ٿي، ته پيرزيءَ چيس: ماسانيءَ جو وڏانو ٿئي، تيستائين ته تون

هنڌيئي رهي پيئي هئي. ڏسين مٿان گهوٿهن ڪٿي پئي
هنڌ وجي ٽڪائيئي.

"وهانو ۾ ته اڃا ڏينهن ڪين. پر آءُ ماسيءَ جي گهر به
موٽي ڪا نه ويندس."

"چو، ساڻس جهيڙو ته ڪو نه ڪيو اٿيئي؟ دل ۾ نه
ڪئي، جو آءُ توکان اهو سوال ٿي پڇان."

"ماسي سمجهي ٿي، ته آءُ اڃا اُتس پائو پيئي آهيان.
سو آءُ پنهنجي لاءِ ٻيئي ڪا جاءِ ڳوليان."

"ٻي جاءِ ڇو ٿي ڳولين؟ اسان وٽ جاءِ ڪٿي آهي ڇا؟
تنهنجي وهانو ۾ به باقي ڏينهن گهٽا؟ مٿان اهڙو ڪم
ڪندين آهين."

"منهنجو وهانو؟ آءُ نٿي ڄاڻان، ته منهنجو ڪو وهانو
ٿيندو وئي."

"بابا، ڏيءَ، هي تون ڇو ٿي چئين ڇا ٿي؟ وهانو تنهنجو سدائين
ٿيندو: شل سهڻو ڇو ريندين، سهڻو ماڻيندينءَ. مٿان وري
ڪڏهن اهڙي اُبتي وائي واتون ڪڍي اٿيئي. هُن ٿي
دل لاهي هٽ ۾ ڪئي. خفا خان نه ٿي ٿيئي."

"آءُ تڏهن ٻاڙڪي ڪوڙين آسن تي رکندي اڃان ڇا؟
ڏسي وائسي، ٻارڻ پيئي پرمايان ڇا؟"

"ڏاڍو ڪو تنهنجو سياڻو ڏکڻو ڏسجي. ذريءَ
ٿورڙيءَ ڳالهه جو ايڏو ويچار! پيو به هر ڪا رهو، هارهو.

مٿان هيٺئين ڪنڌ ڪيو ويٺيون آهين. زبان ڏني، ڏني.
گڏي گڏيءَ راند ته ڪانهي، جو ٽوڙ لڳي، ساهيڙي پڳي؛
پاڻ ۾ جنهن ڦاڙي اُٿندا؟"

"هيلدار جي دل هيٺئين موڏانهن ورئي نه ٿي.
پنهنجي داديءَ جو ٻول ٻول ڏسي، مونٽان دل اُٽاڻجي
وئي اٿس. سنڌس منهن پيو ڳالهائي. پر پاڻ وات مان ڪجهي
نٿو؛ جو سمجهي ٿو وچن ڏئي ويٺو آهيان: پيو هي ٿو
ويچار ٿئيس، ته آءٌ وڏو ڪوڙي ويندس. پر پاڻ پنهنجي ڪاتر
پنهنجو جيوت جو سک سهسائي ڇڏي، ۽ آءٌ ويهي سنڌس
پر اُپڪار جو قل ماٽيان؟ نه. تنهنڪان آءٌ نه وڏيءَ دل سان
چوانس، ته مون پاڻ توهان تان آسرو لاهيو."

"تنهنجو من پيو ٻوماڻون ڪائي؛ جيئن جاءِ نه اٿيئي.
ڏيڙي، هيلدار جي نيت ۾ هرو ڀرو شڪ نه آڻ. داد پنهنس
جو اُتس برو اثر پيو آهي، اهو آءٌ به ٿي سمجهان. پر هوءَ
ٿري پاسو ڪندي، ته وقت پئي، آءٌ ڇاڪاڻ نٿي، پاڻ
نهي ٻوندو. تنهن ۾ تون پاڻ مٿان ٽڪڙي ٿي آهين.
شابس. هاڻ وڃ. هو ترسيو ويٺو هوندو. پيار سان، حب
سان ساڻس ڳالهائجو."

رت اندر آئي، ته گهوٽس پيرن ڀرئي ويٺو هو. رت
ڏٺو، ته ڏاڍي ڪا آتر ولا اٿس! منهن تي به ڇايا پئجي هيس.
هن هٿ هٿ ۾ ڏيئي، چيس: "منٿرا، معاف ڪجو. دير لڳيم،
جو پيڙيءَ ڀاري جڏيم.

سون ورنيون ڏليون

پر ٻالڪ ساڻس هٿ هٿ ۾ ڪين مائرمس ملايائين؛ منهن ۾ ائين ئي اُداس، پڇيائينس: تون خوش آهين؟

رتن ورندي ڏنس: بلڪل. آءٌ چڱو جو هتي آيس. ڏاڍو ٻالڪي خوش ٿي سمجهان. هتي ڏاڍي منهنجي آجيان ڪئي.

”آءٌ وري به پڙهيءَ کي تنهنجي ٻارت ڪري ٿو چڱيان. توکي چڱو سکيو رکندي.“

”پر اوهان بينا ڪيترو هوندؤ؟ وهو ته سهين.“

”نڪو، آءٌ ٽڪڙو آهيان. توسان هڪڙي ضروري ڳالهه ڪرڻي هيم، تڏهين آيس. سڌ ته هوندي ته ماساتيهن جي ٽڪر، دادي پنهنجي هڙون ٿي ڪري؟ مرضي اٿس، ته مجلس رونق واري ٿئي.“

رتن کي سمجهه آيو، ته هاڻ ڇا جو ذڪر ڪرندو؛ تنهن ڳالهه سندس پڌي پئي، پر اکيون ٻاهر هڻيس.

هيلدار چيس: مون داديءَ کي تاڪيد ڪيو آهي، اها تنهنجي لاءِ وڳو ناهي موڪليندي. تنهن ۾ هن پيري تون هوڏ نه ڪج. آءٌ ٻاڻ ٻه پنهنجي ڪاٺ، ڪا سوڪڙي تون ڪان گهري ٿو وٺان. مونکي رڳو تپرس ٿو لڳي، جو تون منهنجي هيءَ ٿورڙي ڳالهه، جو نٿي مڃين. پر بس، توسان پڌُس جو، سو منهنجي ڪري پيو پوڳيان. ڀلا مون سان، انهي تان ارس، ريسون ڪندا هوندا!

رت ورندي ڏنس: اوهان ته پنهنجا وڙا ڪريو. پر اوهان هن ٻيري ايڏي تڪليف ورتي ئي نه. مون ڏاڏيءَ کي لکي موڪليو آهي. انهيءَ وڙن وهاڻو تي ڪَرَڙ جهڙو وڳو ڏينهن اڌ ۾ اچي ويندو.

انهيءَ تان مڙس اچي مٿو: جي، ائنا جيڪي چوي، پيا ڪري، سو منهنجي لاءِ پيمانو ٿيو ڪٿن؟ آءٌ انهيءَ سان پڌل آهيان ڇا؟ گهيلي نينگر! تون ٻانهين ٿي، ته ائنا توکي اهڙو وڳو سِٽي موڪليندي، جو تون وهاڻو تي پائي سگهندينءَ؟ سُڌ اٿيئي، ڏاڏي ۾ هيل ڪهڙا ٿهڪندا وڳا ڏڪي ايندي ون؟ انهن سان ائنا جو موڪليل وڳو، مِٽ پوندو؟ تنهنجي سمجهه تان، ته مونکي هيو به ٽپڙس ٿو لڳي. ڏاڏيهن ڪان سوڪڙيءَ پاڪڙيءَ وٺڻ ۾ پنهنجي گهٽتائي ڪان ٿي سمجهين. مونکان سوغات وٺندي، مهٽو ٿو لڳيئي. مونکي تڏهن ست ڏاريو ڪري ٿي ليکين؟

”ائنا ۾ آءٌ پيدر آهيون!“

”۾ ٻاڻ پئي؟“

”اسان پئي؟“

”جو! جو!“

”اسان پئي، هڪ پئي سان، ڏينهون ڏينهن ڏاريا ٿيندا وڃون!“

”انهيءَ لاءِ تلا هي ڪير؟“

"ٽلا ھي ......"

"ترس. آءُ تو توکي ٻڌايان. تنھنجي ھوڏ، تنھنجي مَن مَت، تنھنجي خودي! اڄ بہ ڪي ٻيو چوانءِ. ؟"

"پيارا، مون کي بہ تہ پنھنجي ڳالھہ ڪرڻ ڏيو."

"تون ٻاڻ ڪھڙي ڳالھہ ڪندين؟ خير، آءُ توکي جھليان ڪو نہ ٿو. بہ آءُ ٻڌندو ساڻءِ ڪو نہ."

اڻين چئي، ٻاڻ ٻاھر ھليو ويو. رت کي سڌ ڪانہ ٿي پيئي، سا بہ پنھنجيانس ڪاھي ھلي. منت ڪيائينس: اڻين ڪاوڙجي نہ ھليا وڃو. منھنجي بہ تہ ڳالھہ ٻڌو.

ورندي ڏنائينس: چوانءِ ٿو، ھرو ڀرو ڳالھہ مان ڳالھہ وڌو ٿي پوندو. آءُ بہ توکي پنھنجي آخرين فيصلي جي سڌ- ٻڌڻ ٿي؟ آخرين فيصلي جي سڌ- ڏينھن اڌ ۾ ڏيندس. تون جو ڏھاڙي ڏھاڙي مونسان ھھڙي ھوڏ ٻڌي وھندينءَ، تنھنڪان ماڳھين، ھڪڙي صفائي چونہ ڪري ڇڏيان؟ ڳيت ڳچيءَ ۾ وجھي، پوءِ جو آءُ ھت مڙان، تنھن کان ساجھرئي چو نہ ٻاڻ سنڀاليان؟

ھيلدار کي وٺي ڪا ويرم نہ ٿي، تہ بہ ھيءَ ڪنھن سائل وانگر درٽ بيٺيائي ھئي. اوچتو ئي وٺي چرڪ پرڀائين. سامھون آلڊ يڪو فرشي آيو. منھن لال ٿي ڏنس، ڀانءِ تہ اُس ۾ تاميٽي ٿي ويو ھوس. رت جو ھڪي ڏٺو تنھن دوڙي وڃي سندس ھٿ پڪڙيو. ساڳي ٿڙڪي پيئي.

ليلائي چيائينس: منهنجي ڀيرائين ڳالهه ٻڌي، پوءِ مونکي ڏوهه ڏجو. آءٌ ڪا من متي، هنيلي، ۽ خود پسند ڪانه آهيان، جنهن ٻاڻ تو سمجهي. آءٌ سچ پچ ڪنهن اُصول مٿي آهيان.

آلد ينهو فر پنهنجو هٿ سندس هٿ مان ڪڍيوئي ڪونه. هوءَ جا ڏڪي پئي، تنهن کي ٻاڻ آڏر ڏيئي، اُماڪ ڪٺي اندر ڪيائين، پڇيائينس: مون اڳي ڪڏهن توکي سبب ڏنو آهي ڇا، جو تون ٻانهين پيئي، ته آءٌ اُهڙو ٿي، توکي ڏوهه ڏيندس؟

رت چيس: نه. پر آءٌ اوهانجي گهر گنهيرتا ڏسي ڊنيس.

"آءٌ هونءَ گهٽوگهٽو ته اڪثر سان سُهم ڏيندو آهيان؛ پر هنئر ته زبان سان به پر اقرار ڪري چوندو سانءِ. آءٌ توکان پڇان ٿو، ته جڏهن هيلبدار سان تنهنجي دل ٻڌي به ڪانه ٿي، تڏهن تو ساڻس وهانو جو ٻول ڇو ڪيو؟"

"هيلبدار سان منهنجي دل نه ٿي ٻڌي؟ سچ پچ، آءٌ ٻاڻ نٿي چئي سگهان."

"معاف ڪجو، جو توکان اهڙو نازڪ سوال پڇيو اٿم."

"انهيءَ جو اوهين ويچار ڪريو ئي نه. پر آءٌ ٻانهيان ٿي، ته ڀيرائين جوڪ مون کان ٿي. آءٌ اوهان کان ڳالهه جو لڪايان؟ مون هيلبدار جي ڳالهه رڳو من ڪري مڃي، جو

چيم، آئندا ۽ آءٌ آئنده جي اُت بت ڪان چڱي پونديونسين. آءٌ گهر جي دکن سورن ڪان ٿي بچيس. پر هنئڙ آءٌ سڀيري آهيان، تہ ڪوڙ و ڳهتڪو ڪان. هيلبدار سان منهنجي پونت پوندي ڪانہ. تنهن ۾ آءٌ باط ٿي ڪيس وچن ڪان رهائي ڏيان. هر و پيرو باط بہ پوءِ دکي ٿئي، ۽ آءٌ بہ سڪر ڪونہ ڏسان، تنهنڪان هڻن ڪٽي ٿي آبرو بليان."

"خبردار، جي اهڙو اُبتو ڪم ڪيو اٿيئي. وچن ڏنو، ڏنو. وچن ڪان ائين ڪيرڦري؟ ڏٺيءَ وٽان بہ اهڙو ماڻهو ڏڪاجي نڪري. تنهن ۾ بہ وهانو جو اقرار، حياتيءَ ۾ جان پر مماتيءَ ۾ بہ قائم. مٿان اهڙي اُبهري ٿي آهين. ڪانڌ ۽ صبر سان، پيار ۽ حب سان تني هنئين تي چڙ و وجهي، ڏاري چڏ پنس."

(١٩)

"گهوٽهن جي چڱي. سندس ماڻهو سهون ڏيڻي ويو."

رت جڏي پڙهي، جب تُوڙا ڪري، جڏي ڪٽي پدڙيءَ ڪي ڏني.

پدڙيءَ پڇيس: ڇا لکيو اٿس؟

چيائينس: پڙهي ڏس.

پدڙيءَ جڏي پڙهي ٿي، تہ سندس آواز پدو وپي.

"پياري: آلہ پنهو فرمونکان تنهنجي موڪل وٺي چڏي آهي. تنهن ۾ تون اچ وهانو جو ڏينهن سندن گهر

۾ ئي گهارڄ. ڪيئن به ڪارڊ پڇيائين، ته هڪڙو نه پيو ڪٿي ڪٿي عذر ڏجانس. آءٌ پاڻ به تاڪيد ڪري ٿو چڏ يان ۽، ته اهو سوٽي وگهو ڏيکي ڏِکرتي نه اچجانءِ."

پيڊرِڙيءَ کي سراپ وٺي ويو. دل ۾ چيائين، ته محبت صحبت وارا ته هڪڙا پار ڪين هلندا آهن. رٽ کان پڇيائين: تون ٻوءِ جاتي ڪرين؟

رٽ نهايت ٺهرسان ورندي ڏنيس: آءٌ ڪانه تي وڃان. آلڊيڊهوفر کٽي ڪارڊ پڇيو، ته ڳالهه ڪائنس اڪائيندي يس ڪانه.

"دادي هن وٽان جيڪس اچ وگهو اچي به وڃي."

"نڪو. آءٌ نه آسرو پلي ويٺي آهيان. پڻسو هٿ مان ڪونه چٽو ائس، تڏهن نه موڪلي سگهي آهي."

مٿان آلڊيڊهوفر به اچي سهڙيو.

رٽ کان پڇيائين: هيلبار توکي موڪل جو لکيو؟

رٽ کي ڳلن ۾ لالاڻ اچي ويئي، ۽ پيڊرِڙيءَ کان چڏي وئي، کٽي هٿ ۾ ڏنائينس.

آلڊيڊهوفر چڏيءَ تي اکر ڦيرائي، چيس: هائو. برابر. موڪل نانءِ مون کيس وات وڌو. هاڻ آءٌ توکي انجو ڪارڊ پڏايان؟

"سوٽي ڪپڙا ڏيکي، ڏکرتي آءٌ ڪٿن وڃان ها؟"

"پرانهن سوٽي ڪپڙن ۾، آءٌ پاڻ توکي ڏکرتي وٺي هلندس."

”مون سمجهيو. اوهان چاتو ٿي، ته هيلدار مونکي پاڻ سان وٺي ڪونه ويندو، تڏهن اوهان ڪٽي هي نمونو ورتو.“

ڪِن نمبري ته پاهرئين در تي کڙڪو ٿيو. آلب پنهوفرته ويو هليو هو. پدڙيءَ هڪل ڪري، اُتي پڇيو: ڪير آهي؟ تنهن تي ورندي آئي: مسيءَ جو پارسل هيمشر نيپال وارو ڏيڻ ويو، اُهو آندو اٿم.

پارسل ۾ هڪڙو سُنو ٿهڪندو وڳو پيو هو. انهيءَ تان سرهائي جيڪا پدڙيءَ کي ٿي! چوي: دل تان بار لهي ويو اٿم! ڏيڙي، هن وڳي ۾ ڏهنديءَ ڏاڍو. جس پرڻ سبڻ واريءَ کي به هانجي. نمونو واه جو عمدو رکيو اٿس! هاڻ پائي ته ڏس.

رت کي وڳو مٿن تي پيو ڏاڍو ٿي. پدڙيءَ چوڻي ته اهڙي ڏاهي ڪٿي هيس، جو پاڻ ته ويڏي هنجي ٿي پڙهي. پدڙي ٿري.

رت کي چيائين: هئن جيڪر دادي پهن ڏسيئي.

رت پنهنجيءَ داديءَ جو نالو پڌي، وجد ۾ اچي ويئي ۽ چي: دادي! منهنجي دادي!

رت وري وڳو لاهي ٿي رکيو، ته پدڙيءَ چيس: لاهين ڇو ٿي؟ پاڻ سنهري ويهه نه. باقي ڏِکَ ۾ ويرم گهٽي؟ هو ڏانهن نهار. مهمان ديول ڏي وڃن پيا. آب پنهو در جي گاڏي به بيٺي سنهري. اوڇهو، پاڻ به اچي ويو. برهي

ڇا؟ پنهنجي پنهنجيءَ جيجل واريءَ گاڏيءَ ۾ تو چاڙهيمي!
واهه! واهه! هاڻ ڏِکَر شل سکر جي نبري!

آلبِ پنهوفر پنهنجي وٽ آيو، ته رٽ کي ڏسي اچرج ۾ پئجي ويو. پلاسوپنت مان ڦري پو پٽ تي پيو هو. رٽ پاڻ سان منهنجي پئي. هن وري جو نههن کان وٺي جوتيءَ تائين ڀي جاچيس، سو هنجي اکين جي اهاءِ جرڻ سندس اکيون تي چڙيون.

رٽ مُنهن کڻي پيڊريءَ کان پڇيو: چارلس کي ڳالهه وڻندي؟ پاڻ ئين کين ٿي، هن مان ٻه ويک کيڏندو؟

پيڊريءَ ورندي ڏنس: ويک ڇا جي کيڏندو؟ ڏس ته کهڙي نه ٿي وڻيس. جڳي سو نهين پيئي.

آلبِ پنهوفر ته اڃا ماٺ کيو بيٺي ڏانهنس نهاريو.
پوءِ انهيءَ کان پڇيائين: اوهان کي ڳالهه وڻي ٿي؟

هن ورندي ڏنيس: مونکي تنهنجي سڀڪا ڳالهه وڻي ٿي. پرهن سوٽي وڳي ۾ تون مونکي سرس لڳندي آهين.

اهي اکر هن نوع امڙيءَ جيئا، جو پيڊريءَ اچرج ۾ پئي، اُماڪ وٺي سندس منهن ۾ نهاريو.

نوڪرچاڪر ٻه پنهنجي کي گڏ ويندو ڏسي، پاڻ ۾ سس پس ڪرڻ لڳا.

هڪڙو ٻو چوي: جوڙي سا واهه جي ٿي لهي!
تنهنکي پيو ٿو چا ٽائي: پنهنجي خاوند جو جيس اميرياڻي وڏيڪ سونهين.

”اميرٽيءَ کان پڇي، انهيءَ ڀلي! سونهن جي ڪاڻ ڪي ڇا ڪبو؟ هٿ ۾ ڏس، ڪهڙو نه ٻيٺي ڄاڄي؟ ٻيو ٻرسڪٽيءَ ٻاهرئينءَ سونهن کي ڏٺي ٻاه ڏيندو! هيءَ مائي سدوري اندر جي ڪاري ته ڪا نه آهي. ڏس ته وڏوه؟ نمرتا بخشس پيا.“

”پرهنجي اندر مان تون ٻيهي نڪتو آهين ڪٿان؟“

”جو؟ هنجي ڳالهه پڌي ڪا نه اٿيئي ڇا؟ ٻئي کي جيڙي، ٻاٻو کي ڪين لاوارث ڪرائي ڇڏيائين! هتي ۾ جو نڌا، ول ٻيٺي وليءَ ته ڪٿان مڙيوئي گهوٽ ڪنوار جي وچ ۾ ڦيٽارو وجهايان.“

(٢٠)

محفل ۾ رت اڄي ڪبوتر وانگر ٻهي ٻانٺين. وڏ گهراٽيون هونءَ جيڪر نهاريندس ۾ ڪين هاڻ ۾ آلدينهوفر جي سانگي، ڪنهنکي جرئت ڪا نه ٿي ٿي، جو ساڻس ڪٽي ڪا اٿتو ٻيرهلي. هيڪاري اميرياٽيءَ آلدينهوفر کي جو سرڻ وانگر والارا ٻي ڏنا، سو سڀن جون اکيون هن ئي جوڙي ۾ وچي کتيون. اميرياٽيءَ وڏائي وس هلايا، ته ڪٿي آلدينهوفر جو ڏيان ٻاڻ ڏي ڇڪايان ۽ پنهنجي سٽ گهمرا ته وٺائنس لنگهي، ته جاٽي لاڄهي ڪند ڪٽي هنجي ڪلهي سان جُهايائين ۽ پرهن نهاريس به ڪو نه ٿي.

هيلدار وري هيلن سان جوڙيدار ٿيو ٻي ڦريو. آلبڊ پنهوفر ڪيس ويجهو ايندو ڏسي، ٻاڻ مرادو رت کان ٻاهر ٻي ٿيو؛ ٻرهن ٻار رت سان ڏڪ لڳا سو اڌ ڇڄڙيو ڳالهايو، نه ته ٻيو سارو وقت هيلن سان لڳو ٻي وتو.

ڏِکَر جو پهريون ڏور پورو ٿيو، ته ڪن مهمانن چيو: هاڻ ناچ ٻه ڏسجي. اتيڻي ٻرڏو مٿي ڪاڇيو، ۽ هيلدار ۽ هيلن ناچ ڪندا، اچي ناظرين جي سامهون بيٺا. رت کي ڳلن تان لڙڪ لڙي پيا. دل ۾ چيائين: مونکان هيءَ ڳالهه لڪايائين ڇو؟ ائين به ته ڪونه هوندو، جو چيو هوندائين، پر اوچتو ڏسيم، ته هيءَ اچرج ڪائي. ڇو ته جهلي ٻاڻ مڪائيندم، ته ڏڪر تي اچڻجاڻ نه. پڪ ئي پڪ سمجهيو اٿس، ته هيءَ انهيءَ جي لائق ٿورئي آهي، جو آءُ انت ڏيانس.

ٿوري ڪانپوءِ رت وري ٻيو رنگ ڏٺو. امير پاٽيءَ ڳايو پئي، ته آلبڊ پنهوفر جو ويڇار الا جي ڪيڏانهن ڪاڇي ويو. رت جو ته هنڌون ٿي وڳهڙيو. اُٿي اچي اڳيانس بيهي. ڳالهائي ته ڳالهائڻ نه ٻيو اڪليس. نڙيءَ ۾ ڳنڍ و اٽڪي پيس.

امير پاٽيءَ راڳ بند ڪيو، ته رت ڏي نهاري، هن پڇيس: ڇو؟ منهنجو ڊپ لڳهه ٿيا؟ مون ته رڳو راڳ ٿي ٻڌو. نه ته ...

پر ڳالهه پوري ڪا نه ڪيائين، رت کي ٻانهن کان وٺي،

پر واريءَ ڪوٺيءَ ۾ هليو ويو. رتن جو تڏهن وڃي جيءُ جاءِ ٿيو.

ڪن ڪانہ نبري، تہ هيلدار هڪڙي ٻرساڙوءَ کي ساڻ وٺي، رتن کي اچي چيو: اُٿي هن سان جوڙيدار ٿي، چڪلي پاءِ!

رتن ورندي ڏنس: اوهان کي سڌ ڪانهي، تہ آءٌ چڪلي پائي ڪا نہ ڄاڻان؟

”ڇا؟ چڪلي ڪا نہ پائي ڄاڻين!“

”مون کي معاف ڪجو، جو مون اڳي ئي اوهان کي اها ڳالهہ ڪا نہ ٻڌائي ڇڏي.“

”ڳالهيون تہ ٻيون بہ ڪي ٻڌائي ڇڏينم ها. پر ٿيو. هاڻ چڪلي پائي ڄاڻين يا نہ، هن سان اُٿي، هڪڙو بہ ڦير مڙيو ئي ڳساءِ.“

”آءٌ وري بہ اوهان کان معافي ٿو گهران. چڪلي آءٌ پائي ڪا نہ ڄاڻان. پوءِ هڪڙو بہ ڦير بہ ڪيئن ڳسايان؟“

هن مرساڙوءَ ٺهٺهتي وٺي مڇن کي مروڙيو. هيلدار کي چيائين: هيڙي ڳالهہ ڪٿي ڪا نہ ٻڌي. چڪلي نہ پائي ڄاڻي. اچرج جهڙو!

هيلدار ٻنهي جي ٻاٽيءَ کان ٻاهر نڪري ويو. سنگتيءَ کي چيائين: تون زور سان اُٿاري، مٿي وٺي وڃيس. چڪلي اوس پائيندي.

پر هن پرسان ڙوءِ اچا رٿ کي جيل ۾ هٿ وجهي اُڏاريو ٿي، تہ رٿ ڀنتي هئي، هيلبدار کي چيو: اوهان ليڪو لنگهي ڏا وڃو. هيڙي ڳالھ ۾ ٻہ زور!

هيلبدار مٿو ڀئي کنهيو، ورندي ڏنائينس: وري ٻہ منهنجو ڪنڌ هيٺ ڪيءِ! خبر اڄهائي ٻجليءِ جئن وڙي ٿي وڃي. دادي سچ ٿي چوي: نيات وارا مونکي تنهنجي افعالين، اڳي پوءِ، ڏاڍيون لاهي ڇڏيندا.

رٿ کي گهوڙها ڀئي گهريا. جيائينس: آءٌ سمجهان ٿي، آءٌ هن عقاب جي لائق آهيان. پر آءٌ ٻہ ڪهڙي وہ وڃان؟ پڌايوم، ڪئن اوهانکي خوش ڪريان؟

هيلبدار وري پيدو ڪونہ، تڪڙو تڪڙو هليو ويو.

اتي ماسيس اچي رٿ کي ورائي ورتو. جي، جوري، ڪهڙو نيا گہ لڪيءِ؟ ڪنهن ڳالھ ۾ نٿي هن سان سر چين! پانئين ٿي، تہ منڌائتو پهريائين پاڻ ٿيو، تہ تومان ٻہ ڪجھ ٿي پيو. وڏي الاجي جا ۾ ويٺي آهين؟ اهو سڪٽو دم جڳو ڪونهي ئي. هنکي ڪاوڙائي، هاڻ پتر ٿيو، پيڊي پڌيا نس نهار. آءٌ تہ سمجهان ٿي، تہ وري پاڻ تو ڏي نهاريندو ٻہ ڪونہ. تنهن ۾ جڳيان سمجهين، تہ ساجهرئي هتان ٽپڙ سوءِ. وڃي دادي پهن پيڙي ٿيُ.

ميءِ اچا پيو ٻہ ڪجھ گهٽ وڏ ڳالھائيس ها، پر مٿان ڏيٺس اچي ويٺيءِ تڏهن هنجي زبان بہ جهلي.

ماڻس تري ڀاسي ٿي، ته الائيس رت کي چيو: توسان خير ته آهي؟ منهن جو هڻن سڄو ائيٺي؟ ڏس، آءٌ ڪو جهڳان و جهلان ٿي؟ نه ته، پنهنجي گهر ۾، اسان ڀاڻ مهمان پيا لڳون! اميرياڻي هلي ائين ٻٺي، جڻ ڏکرئي ڪا ڀاڻ ڪٿي اٿس. هاڻ اچ، ته هڪڙي ڳالهه ٻڌايانءِ. آءٌ ڀايانٿي، ته اميرياڻي آلديڻهو فرتي چري تي ٻيٺي آهي. هر هر ٻيٺي منجهس اٿڪي. سڌ نٿي پوي، نيٺ ڳالهه ڪٿي ٻهندي؟

(٢١)

پوريا تي هفتا نبري ويا هئا، جڏن تنهن ڏهاڙي، هيلدار منعم ڪڏي هيس، تڏن رت وري پنهنجن پيلي وارين ساهيڙين وٽ ليو ڪو نه ڀاٿو هو. ڀڻ ڀ هيلدار تنهن وچ ۾ وٽس آيو ٻٺي، ۽ چڻ نيايو ڏيٺي، وري هليو ويندو هو. اڳي جو رت کي ڏسندو هو، ته نيڻ پيا ترندا هئس، اها سرهائي هنئر سندس منهن ۾ رهي ڪا نه هئي. منهن ۾ جي سونهن نه پيو هوندو هوس، ته ڳالهائڻ ته سندس بلاشڪ ڳورو ٿي پيو هو. رت سان اهو عرصو انت هئي. ويهي ويهي، جڏهن ايندو هوس، ته هيلدار کي صاف جڳئي تي ڏيان، ته پنهنجي پرنه ٻٽيءَ تنهن ۾ توهان ڏان حرف لٿو، توهان وچي ڪا پنهنجي لاءِ ڀي لائق ڀانءِ ڳوليو. ٻرري ائڏا جو

ويچار 'هوش' جاءِ آڻيندو هوس، تڏهن ٻالڪي هيٺيون هيٺ، مٿيون مٿي ڏيئي، ڪٽي زبان جهليندي هئي.

نيٺ هڪ ڏهاڙي دل اچي ڪئيس، ته اچ ته ساهيڙين وٽ لکهي وڃان. پيلي ڪي به ٻئي سنڀاريائين. پر پيو ڪارڻ هي به هو، جو ٻانيائين، ته ڪٿي مڙيوئي آلد پنهوفر جي منهن ڪان ٽري پاسو ڪريان!

پيلي ماءُ لنگهي پئي، ته ٻڌيائين ڪنهن جو آواز ڪن تي پيس. منهن ورائي ڏٺائين، ته هيلدار پٺي آيو.

پڇيائينس: آءٌ به توهان سان گڏ هلان؟

هيلدار ورندي ڏنس: آءٌ ڳلاو ڏي ٿو وڃان. تون هلي ڇا ڪنديئن؟ وات تي پيو وندر به ڪانهي. ڪڪ ٿي پونديئن.

”اوهانجي هوندي، آءٌ ڪڪ ڪانه ٿينديس. تنهن ڏاران اوهان سان ڪا ڳالهه به ڪرڻي اٿم.“

”تڏهن بيشڪ مونسان هل. پر آءٌ ته هتان وڃان ٿي هلون، ته گهڻو وقت نه لڳي. ڏاڏيءَ تاڪيد ڪري ڇڏيو اٿم، ته موٽي سگهو اچج. ٻاڻ اڄ ٽپهري ڪالروٽ وارن وٽ ڪندي.“

”ڇگو، هڪڙي ڳالهه هيءَ ٿي پڇائي مانو، ته ڏاڏيءَ ڪالهه جني لکي اٿم...“

”هون...“

”ڏاڏي ويچاري تنگ آهي. گيوبرٽ کي نيٺ جواب ڏنائين. گيوبرٽ ته وڃي مئڻن وٽ رهيو آهي. پر پاڻ دادي ...“

”پر اهي ڳالهيون مون کي ڇو ٻڌائين؟ ٻيون جنڊائون جت سان ٽورڙيون لڳل اٿم ڇا؟ آءٌ اڳيئي ورتل ...“

”پيارا معاف ڪجو، مونکان چوڪ ٿي ...“

”پر تون هن ويل، ويٺيئن ڪيڏانهن ٿي؟“

رٿ سمجهو ٿي، ته ٻڌائيندي پسانس، ته ڏاڏي پڇان ويندي، پر تڏهن به صاف چئي ڏنائينس: آءٌ پيلاين وٽ ٿي ويس.

هيلڊار جو گهنڊ آيو رهيو. پڇيائينس: پيلاين وٽ! ڇو؟

”وڃي چوان ٿي، ته ٽورڙن ڏينهن ڪاٿر، مونکي ڪري پاڻ وٽ رهائين!“

”ڇو؟ آلڊينهوفر جي بنگلي ۾ آرام نٿو اچيئي ڇا؟ اتان به ڪڪ ٿيئن ڪئن؟“

”آلڊينهوفر جي بنگلي ۾ آءٌ ڪا نه رهنديس ... جو نٿي چاهيان ... اوهان سان ... ڪوڙي ... پوان!“

”تون هي چوين ڇا ٿي؟“

”منهنجا ڀلي چاهو آهيو، ته مونکي اتي وڌيڪ نه رهايو.“

"ڇا؟ آلبر يفهوفر..."

"آلبر يفهوفر جي حق ۾ مٿان ڪو گمان آندو اٿو. آءٌ پاڻ ڪيس ڏسان ٿي، ته اندر ۾ الاهي ڇا پيو ٿئيم. هيءَ پاس ۾ ڏاڍا پاڻ سان مٺا هئا اٿم، تنهن ڪان پوءِ اوهان سان پاسي اٿم. تنهن ۾ آءٌ وڃي ٿي پيلاين ڪان پڇان، ته داديءَ ۽ مونکي پاڻوت رهائيندا؟"

"ائنا جو هيڻڙ ته اهو بلو ڪرين ٿي، پر وهانو ڪان پوءِ ائنا ڪٿي رهندي؟"

"وهانو ڪانپوءِ؟ وهانو ڪانپوءِ گڏ رهندس اسانوٽ ٿيندو."

"اسانوٽ! سو وري ڪٿي؟"

"ڇا؟ اوهان هي ڇا ٿا چئو؟ دادي اسانوٽ نه رهندي، ته هو ڪيڏانهن ويندي؟ ويچاري ائنا..."

"ويچاري ائنا! ويچاري ائنا!! اُٿندي ۾ ائنا، وهندي ۾ ائنا! رڳي ائنا ئي ائنا! هيءَ ڇا مونکي آلبر يفهوفر واري ڳالهه پڌائيءَ، تنهن تان ۾ آءٌ حسد ۾ سڙان جلان ڪو نه ٿو. ڇڱو، ڏينهن اڌ ترس، ته آءٌ پاڻ تو ڏوکي پڌايان. آءٌ ۾ ڏسان، ماڪ ڪٿي پيو هلي!"

رت ڪي ان مهل ڌرتيءَ ۾ ڦاٽي جاءِ ڪا نه ڏني، نه ته اُمالڪ ٽپ ڏيئي، منجهس گهڙي وڃي ها. وات مان ۾ پڙڪو ڪو نه ڪڍيائين، پر منهن سو هيٺ ٿي ويس. دل ۾ رڳو ڇيائين ڇا؟ ڪ سندس ٻڪ ٿي پيئي. پر هيادار

وري جو اتي ويهي ويٺس، ته ڏاڍيون کي تڏهن ئي تنهنجا ٻار اڳيئي سمجهيا ٿي؛ تڏهن پاڻ به شرمائيندس، ته سڀئي ڳالهيون؛ اهي اوهانجا ويڻ آءٌ ڪانه سهنديس.

"سو تون مونکي ڏمڪائين ٿي؟ تڏهن ڀلا ٻڌ، ته آءٌ توکي تري ڪري اتيئي ٻڌائي ڇڏيان."

"آءٌ هيئنئر اوهانجي ڳالهه ٻڌنديس ٿي ڪانه؛ جو اوهان جو من ٺهرڻ نه آهي."

"تون ڀانئين ٿي، ته جڏهن جوش منهنجو ٺرندو، تڏهن آءٌ ڪو ٻيو فيصلو ڪندس؟"

"نه، اهو آءٌ چاهيان ٿي، ته پوءِ به اوهان فيصلو ڪو ٻيو ڪونه ڪندا. پر نيت جي چڱي ٿورڙي اٿو، ته مان ڪاتيءَ سان جو چئو؟ سڀ مٺو، ساڳي ڳالهه ڪري سگهو ٿا."

"ڏيکاريندم ٿي، ته ڪهڙي نه نهرواري سياڻي عورت آهين! ڀانئين ٿي، مان ائين ڀتو پاڻي ٿي وڃيم."

"نه، اهڙي اميد مونکي آهيئي ڪانه. پر آءٌ پاڻ هن وقت ڪڙو فيصلو نٿي ڪري سگهان. باقي اوهان جيڪي اکروا تون ڪيا، تنهن لاءِ آءٌ توهان کي ري گهڙي معافي ڏيان ٿي. ٻيو به، هيئنئر جي آءٌ اوهانجي ڳالهه ڪري ٻڌان به، ته عمر لاءِ منهنجو اندر جو سڪ ڦٽي پوي. تنهنڪري ٻه چار ڏينهن ترسو؛ پوءِ جي ساڳيءَ ستيءَ سان مونکي اچي چئو، ته اوهان کان هي ٻار ڏيک ڪنهيو نٿو ٿئي، ته آءٌ پاڻ اوهان

جي سگهه ڪارڻ اوهان کي وڌيڪ زور ڪا نه ڏينديس."

رت ائين چئي، هلي وئي. هيلبدار گوڙهو ڳاڙهو لال ٿي ڏنو. جي، آءٌ ته چريو ٿي پوندس!

وات تي رت کي منهن ساموءَن آلڊينهوفر گڏجي ويو. آلڊينهوفر گهوڙي تي سوار هو؛ پرڀيان ٽڪڙو ٽڪڙو پير کڻي، وڃي اڳيان بيٺس. چيائينس: اوهان کي هڪڙي وينتي ڪرڻي اٿم.

آلڊينهوفر گهوڙي کي اُمالڪ کڻي بيهاريو.

رت ڳالهايو ٿي، ته هٻڪي پئي. جي، اوهان مون نسبت الاجي ڇا سمجهندؤ؟ پر آءٌ به مونجهي پيئي آهيان، ته اوهان سان ڳالهه ڪئن ڪيان......

تنهنتي آلڊينهوفر چيس: هينئر نه، ته پوءِ گهڙئي ڪري ڳالهه پڌائجانم.

"نه، نه، گهر الاجي همت ٿئيم، نه ٿئيم. تنهن ۾ هينئر ئي پڌ و."

"چڱو. جئن تنهنجي مرضي."

انساني سڀاءُ! هوڏانهن هيلبدار ساڻس ڪوڙو ٿيو هو، ۽ هيڏانهن هن اشراف ساڻس مٺو ٿي ڳالهايو؛ پر رت کي دل تي گهاءُ اهڙوئي پئي پيو!

خير، آلڊينهوفر کي چيائين: پڌڙيءَ تنهن ڏينهن ڳالهه ٿي ڪئي، ته آءٌ جيڪر مٺو ماس وڃي پٽ وڌان

تي اچان؛ پر ويچار تو تڌيم، ته پنهنجي گهر ڪير جهلي وهندي؛ تنهن سورن پٽ وٽ به نه تي وڃان. منهنجي دادي...... پراڻي نڙيءَ ۾ ڳنڍ وانڪي پيس. اڳتي سندس زبان مليٺي نه. اکين مان به ڦاڙهه ڦاڙهه ڳوڙها پئي ڳاڙيائين.

آلڊينهو فر پاڻ حيرت ۾ پئجي ويو. پڇيا ئين‌س:
بابا پيو ته سڀ خير آهي؟ دل تي ڪهڙو درد اٿيئي؟

”منهنجي درد جي ڳالهه ڪٿي ڇڏيو. اول دادي‌ءَ جي ته ڳالهه ڪري رهان.“

آلڊينهو فر يڪدم ڳالهه ڦيرائي ورتي. چيائين‌س:
تنهنجو مطلب آهي، ته پيڙي وجي ڪٿي، ته داديءَ اڃ منهنجو گهر جهلي وهي.

رت وات سان ورندي ڪا نه ڏنس. ڪنڌ سان اشارو ڪيائين‌س، ها.

”نوڪي جيڪس خبر ڪانهي، ته مونوٽ هيڪر شي آئي، ته پوءِ آءٌ اها وري مونائي بنهه ڪا نه ڏيان. تون سڀاڻي داديءَ جي وري طلب ڪرين.“

”دادي اوهان وٽ هوندي، ته وري آءٌ گهر بنهه ڪا نه ڪنديس. جو ته مونکي پڪ آهي، ته اوهان وٽ هوءَ ڏاڍو سکيو وقت ڪٽيندي.

”هيلبدار ته ڪو نه اعتراض اٿاريندو؟ انهي کي اها ڳالهه قبول آهي؟“

"هيلبدار! هيلبدار تہ ائين پيو چاٽائي، ڄاڻ تہ اُنهہ ۾ سندس ڪجهہ ڪونہ وڃي."

آلبرٽ ينهوفر کي ڳالهہ ٻہ پٽو پڌرو ٿي ويو. هنڌُر سمجهيائين، تہ مُنهن ۾ موڳي ۽ اُداس چهرو پيٽي ڏسجي. چيائينس: دادي اُن کي هنڌُر جو هنڌُر لکي موڪل، تہ هيڏانهن هلي اچي. آءٌ چاٽان ٿو، تہ تنهنجي ساٿس ڏاڍي پريت آهي. مونکان جيترو آهر ٿي سگهندو، اوترو آهر ڪيس سگهي رکندس.

رت تنهنجي سندس هٿ وٺي چپن تي رکيو.

آلبرٽ ينهوفر پڇيس: هي ڇا ٿي ڪرين؟

ورندي ڏنائينس: دادي کي اوهان اجهو ٽا ڏيو، تنهن لاءِ آءٌ اوهانجو ٿورو ٿي ڀڃا آٺيان. آءٌ اوهانکي يڪ ٿي ڏيان، تہ پاڻ اوهانجو ڏاڍو مڙ ڏاريندي. جو تہ دل سون ورني اٿس.

(٢٣)

"هيلبدار ڪڏهوڪو پيو تنهنجو پڇي. مهاون ڏيون، اٿس باغ ۾ پيو اچي وڃي. مونکي چيائين، تہ فلاڻي اچي، تہ اُماڪ مونڏي موڪلي ڏجانس."

"هيلبدار! ڪهڙو ڪم هوندس؟"

"ڏاڍو آتو پيو ڏسجي. پر تو باغ ۾ ڪونہ ڏٺس ڇا؟"

"آءٌ باغ ڏي لڙيس ئي ڪانہ جو اتي ڪارولائين ۽ هيلن ويٺيون هيون!"

ايوا اُٿي دريءَ وٽان بيهي ٻاهر نهاريو.

چيائين: سچ. ايڊورڊ ٻه سال اٿن. ٻوٽ پيو گهڙي. پر هيلڊار الاجي سٽن ڳالهيون ڪهڙيون پيو ڪري؟ هو پئي تر وجن ٿيون هليون. هيلڊار، ايڊورڊ کي وٺيو هيڏانهن پيو اچي.

ايوا ڳالهايو ئي پئي، ته رٽ ٻه ٻاهر ٿي نڪتي. پڇيائينس: ٻوءِ وٽس وڃي ٿي؟

رٽ جا جمب ٻي ڏڏيل ورندي ڏنائينس: پيو ڇا ڪريان؟ سڌ ته هوندي ءِ، ته ڪيترن ڏهاڙن کان هڪ پئي سان اکر ڪو نه ڳالهيو اٿئون. توکي ڪجهه جوڙو هاڃي، ته ڇو.

” آءٌ پيو ڪو نه ٿي چوانءِ. پر هيلڊار سان ڳالهائج مٺو. ڏسان ٿي، ته چٽ تي ڏاڍي ڪا چنتا اٿس.“

” آءٌ ته ساٽس مٺو گهڻوئي ڳالهايان، پر ڪيس جي منهنجو ميڏاج وٽي. منهنجي ٻه ته هاٺي جيڪس تانگهه ڏسجيئي ڪا نه ٿي.“

” مٺي ائين نه چؤ.“

ايوا وري ٻه ڳراهٽڙي پائي، دراڙ تي جمي ڏيئي، چيس: هاڻ سگهي وڃ. ٻاڻ منهن وٽ ٻيٺو اٿيئي.

رٽ اڳيانس اچي پڌايس: چارلس، آءٌ آئي آهيان؛ ته پهريائين ته ٻاڻ وٽي چرڪ ماريائين. پوءِ چيائينس: آءٌ ته هيڏانهن اندر ٿي وڃون،

ڪا گهڙي ته ٻئي ماٺ ۾ هئا. نيٺ هيلدار ڳالهه ڇوري. چي، تو مونکي مهلت ڏني، تنهن لاءِ آءٌ تنهنجو ٿورائتو آهيان. تو مون سان پنهنجا لائق ڪيا، جو منهنجي ڳالهه نه ٻڌي ءِ.

پر هيلدار ڳالهايو ويئي، ته رتن ڌرتيءَ ۾ ئي پئي نهاريو. هيلدار کي به جرئت ڪانه ٿي ٿي، جو منهن سامهون ڪڍي نظر ڪريس. رتن اُداس اکڙي پئي ڏني، جو هنجا به ڏيڍر پئي ڏرا ٿيا.

پڇيائينس: تون منهنجي ڳالهه ٻڌين ويٺي؟

ورندي ڏنائينس: هائو!

”مون تنهنجي جيئي ٻڌندر، وڃي پاڻ سوڌي ڏنو.“

”آءٌ سمجهان ٿي. اوهان جو منهن پيو ڳالهائي.“

”پڇئي ڪين. راتيون ڏارن ڳڻيندي وهاميون اٿم. آءٌ توکان ڪجهه ڪين ٿو لڪايان. پرسڌ ئي نه ٿي پيم، ڇا ٿيو اٿم. اکين جو اندر وارو سهم ڏيندو هوم، سو به ڇپ ٿي ويو ٿو ڏسجي. پر تون مونکي ڪاوڙيل ته ڏاڍو هوندين ءِ؟“

”نه پيارا، آءٌ اوهان سان ڪاوڙ جو ڪريان؟“

”تون مونکان وڏيڪ همت واري آهين. آءٌ تنهنجي اڳيان ڦڪو پيو ٿيان. آءٌ اها پاس پاسيان ٿو.“

ورڻي ڪا گهڙي، نه ٿي هن ڪڇيو، نه ٿي هن ڪڇيو.

نيٺ هيلدار، ڳاٽ اونچو جهلي، اکيون کڻي رت
جي اکين ۾ ڪيايون. پڇيائينس: توکان هي درد سنو
ڪئن ٿيندو؟

رت وٺي جرڪ ماريو.

ورندي ڏنائينس: آءٌ ڪُنه پيس. اوهان رڳو پنهنجي
ڳالھ ڪريو.

"آءٌ نهايت شرمسار آهيان. مون پنهنجو وچن نہ
پاڙيو. وعدو پيکم. دهل نتو سهي سگهان. پهريائين سمجهيم
ٿي، تہ لڪ لنگهي وڃي پار پوندس. پر هنڌر پاڻ ۾ اُها
جرات ساريان ئي ڪا نہ ٿو. ڏاڍو پاڻ سان جهيڙيو اٿم.
دل اچا پہ پيٺي تڙقي. پر لاچار آهيان. مون توکي انت
ڏنو. تون تہ مونکي هنڌر دليون ڏڪاريندين؟"

"نہ. اُها آءٌ اوهانکي پڪ ٿي ڏيان. اوهانکي تہ
پاڻ شابس هجي، جو ڪاڇيءَ ۾ ئي ڳالهہ ڪي سمجهي ورتو.
اهڙي همت ڪنهنکي ٿئي! وهانو ٿي وڃي ها، اُنهيءَ کان پوءِ
ڏهاڙي پيٺي دمڙي پوي ها، تنهن کان وري پہ هئن
جيڙو چيتو، تہ چڱو ٿيو. آءٌ پاڻ اوهانجو تورو ٿي مڃان."

"تڏهن تو مونکي رهائي ڏني؟"

"هائو."

رت اُتي جو اُتي جيئج مان مڻدي لاهي، پچاڙيءَ

جو اُنکي مٿاچرو ڏسي، ڪري هٿن تي رکي، جا هيلدار اُمالڪ کٽي ڪيسي ۾ وڌي.

"آءٌ ڪو تنهنجي ڪاتر جوڳو ٻلو ٻيٺي ڪريان، تون اعتراض ته ڪو نه ونندين؟"

"بس. ٻي ڳالهه مونسان بنهه نه ڪريو. منهنجو مٿو ٿو ڦري. مونکي ڇڏيو."

"آءٌ اڃهو اُٿان ٿو. پر مونکي پڌاءِ نه سهين، ته تون هاڻ ڇا تي ڪرين؟ هتي ئي رهي پوندين...؟ مون توکي ڪٿان ڪري آندو، هاڻ... !"

"دادي اڃا ڏينهن اڌ ۾ آئي ڪي آئي. منهنجو ٻلو ٻيٺي ٻاڻيهي اُها ڪندي. هاڻ آءٌ اوهانکان معافي ٿي گهران."

ائين چئي، ٻنهنجو هٿ تي ڌ ڳهاڙي ڏنائينس؛ پر هيلدار هٿ ڪو نه ورتس؛ رڳو ادب سان ڪري ڪنڌ نمڙايائين.

ايڏ ورڌ، تنهن وچهه، ٻٽي هيڏانهن هوڏانهن نچيو ٽپيو.

تنهن جو هنٽر رت کي ڏنو، ته وجي ٿي هلي، سو جنبڙي پيس، ته مامي! ٻاڻ سان وٺيو مونکي ٻه هل.

رت چمي ڏيٺي، چيس: تون منا، ڪيڏانهن هلندين؟ آءٌ ڏاڍو پري پري ٿي وڃان.

"ڪيترو پري؟"

"هرڻا جي ماتر ۾!"

"اُها وري ٻري ڪٿان ٿي؟ ڏاهي ٿي؛ مونکي ٻه وٺي هل."

هيلدار ٺهڪندي چيس: تون اوڏانهن نه وڃ. تون اتي ئي ويهه. پر هن شيطان جهڙڪ جواب ڏنس: آءٌ هتي ڪونه ويهندس. آءٌ اوهان کان ڊڄان ٿو.

رت ڇا ڪري؟ تڏهن ٻئي اتڪل ويڙهايائين. چيائينس: ڏس، ائذا ٻيٺي اچي. اُنهيءَ سان گڏ وڃ، ته مرغ ڏيکاريئي. جوندو آهين نه، مرغ مونکي ڏاڍو وڻي ٿو؟ توکان هٿ مان آن ڪٿان وٺي کائيندو آهي!

ايڊورڊ جو ڏيان جو ائين مرغ ڏانهن ڇڪجي ويو، سو پڇيائينس: مرغ ڪٿي آهي؟

تيتري ۾ ائذا کير جو جام ٻري، منهه وٽ اچي بيهي هٿي؛ تنهن چيس: مونسان هل، ته مرغ ڏيکاريانءِ. پوءِ ساڻس ويهي راند ٻون ڪج.

ايڊورڊ تڏهن مس رت جي پڇر ڇڏي.

رت ويٺي ٿي هلي، ته وري ائذا چيس: کير ته پي وڃ. ورندي ڏنائينس: کير پوءِ ٿي اچي پيئان. آءٌ گهڻي ويرم ڪا نه لائيندس.

رت ٻٽ ڏني، ته هيلدار ائذا کي چيو: دادي ٻه ڪلاڪ اڌ ۾ اچي سهڙندي. توهين اِها کن ايڊورڊ کي ڪٽي ٻاڻ وٽ وهاريو.

ائنا ورندي ڏنس: ويٺو هجي. اسانجون اکيون ٿڪيون. ايوا کي تي چوان، اُها ويهي تي وندرائيس.

هيلدار سندس شڪريہ بجا آڻي، وري پارت ڪيس: اُچ لڳي هونديس. پاڻيءَ جهلو بہ ڪرائجوس.

ائنا، ايڊورڊ جي پاڻهن آڻي، ايوا کي ڏني، تہ ايوا هيٺ مٿي پٽي تي. پڇيائينس: توسان خير تہ آهي؟

ورندي ڏنائينس: خير اچ ڪونهي!

”چو؟ چو؟“

”هيلدار مائٽي جئي چڙي!“

”سچ؟ بہ جڳو ٿيو. پوءِ جي ڏهاڙيءَ جي پڇ پڇ ڪان، وري بہ شڪر، جو هنڌرئي رت جي جند آجي ٿي.“

ايڊورڊ تيڪري ۾ دڙها پٽي هنيا. پنهي پيرن جي چيت جئي ويو. تہ پڻ تپائي ڏنائين. جي، مرغ؟ مرغ؟

ائنا کي تہ گهر جو ڪم هاچ ئي گهٽو هو. ايوا باغ ۾ وئي، وڃي مرغ ڏيکاريس.

مرغ سان راند يون ڪري، ڏوڙون پائي، جڏهن ٿڪو، تڏهن سچ لٿي، ايوا موٽائي، جاءِ تي وٺي آيس.

اُتي ويهي ويهي، ايوا کي تو جوي: دادي، اهو مرغ مونکي ڏيندين نہ؟

ايوا ورندي ڏنس: تون هتان ڪٿي رهائيندين؟ هناجو جهنگ گذر ڪانسواءِ پٽي هند تي ڪو نہ سگهندو.

"آءٌ ٻاڻ ئي ٿو تڏهن هتي رهي پوان !"

"اُچَ ! تون وري هتي ڪٿي رهندين ؟"

"سچ ! مونکي تون ڏاڍي وڻين ٿي. پوءِ تہ ڀلا مونکي مرغ ڏيندينءِ ؟"

"اُهو تہ چڱو، پر هينئر بکہ ڪانہ لڳي اٿيئي ؟ اچ تہ ڪجهہ کارايانءِ."

"بکہ نہ، باقي اُڃ ڏاڍي اٿم."

اتي جاري تي ڏنائين، جو کير جو جام ڀريو رکيو هو. اوڏه ڏيئي، رجي اُهو کنيائين. پڇيائين! پيئان ؟

ايوا چيس: اهو کير رت جو آهي. پر تون ڀل صحت ڪرينس. انهن وٽ پيو بہ کير هوندو. رت کي اُنان ڏيندي.

ايڊورڊ تڪڙا تڪڙا ڍڪ ڀريندو ويو.

پر ايڊورڊ تڪڙا تڪڙا ڍڪ ٿي ڀريا، تہ ايوا سمجهايس: رڳون تتل اٿيئي. کير جهلي جهلي پيءُ.

ايڊورڊ کي جام چپن تي ئي هو. چيائين: کير ٿڌو ڪونهي.

ايوا ڌنو پهر، جام کڻنس وٺي ڍڪ ڀريو، تہ ڏٺائين، جو ايڊورڊ سچ ٿو چوي. پر کير اهڙو سوادي لڳس، جو بہ چار ڍڪ تڪڙا پيا بہ ڀري ويٺي. وري جام ايڊورڊ کي ڏيئي، چيائنس: پي ڇڏ.

(٢٣)

رت ماٺ ۾ ٻڏندي پئي، وڃي جهرڪي جي پٺي تي ويٺي. هو ڏانهن مٿي ۾ ڏان ڏان، ڪنن ۾ تاڙيون، ڇاتيءَ ۾ ڌڪ ڌڪ پئي ٿيس، هو ڏانهن سا ڳنڍي ڏاڍي ائين پئي پانيائين، جو دل تان وڏو بوجو لهي ويو اٿم. تڏهن به ائين ڪونه چئبو، ته هينئر ڏک ٿيس ئي ڪونه ٿي. ڀلا آسون اُميدون سڀ ڇٽي ويئس. ڪيڏا پاڻ ته ازد رمسڌا ڳنڍي يا هٿائين!

ويهي ويهي، پنهنجي منهن ٿي چوي: هينئر آءٌ سندس منهن تي به ڪانه چڙهنديس. آءٌ هتان ڀڄي پاڇي ٿي وڃان. ائين ئي ڪنهنجو آواز ڪن تي پيس. ڪنڌ مٿي ڪيائين، ته آلڊ ينهو فر اڳيانس بيٺو هو؛ جنهن سندس ڳالهايو پڌي ورتو هو.

چيائينس: تون هتان ڀڄي ڇو وڃين؟ آءٌ توکي ڇڏيندس ئي ڪين. آءٌ انهيءَ پل کان تنهنجي ڪڍ لڳو اچان. مون کي پڪ هئي، ته تون اوس هتي ئي اچي آرام ڏيندينءَ. آءٌ سمجهان ٿو، تنهنجي ڏاڍي چاهنا هوندي، ته آءٌ توکي هن ويل ڪجهه چوان نه؛ پر آءٌ به توکي ويڙهي ٿو ڪريان، ته مون کي پل نه وجهه؛ ڇو ته آءٌ تنهنجو جيءُ ماڃيندس ئي ڪونه. پوءِ ڇا به ٿي پوي.

رت منت ڪيس: هينئر مونکي ڇڏ پيو. هينئر آءٌ ڪا به ڳالهه ڪا نه ٻڌنديس.

"موندي ته مٺي نهار."

"مونتي ٻاجهه ڪريو. مونکي ڇڏيو."

"ٻاجهه تون مونتي ڪر. منهنجي ڳالهه ٻڌ."

"ٻاجهه! آءٌ نماڻي اوهانتي ڪهڙي ٻاجهه ڪريان؟ اوهان کي ٻاجهه جي ڪهڙي درڪار؟"

"مونکي ڪهڙي درڪار؟ آءٌ ٻاڻ جٺي نٿو سگهان."

رت ڪٽي ماٺ ڪئي.

"چوويهين ورهين جو هوس. ڪنهن هند ناچ ٿي ٿيو. منهنجي اکي ڪنهن مرگهه نيڻ سان اک لڳي ويئي. ٻارهن مهينا اسان ڪنهن ٿياڪر کي انت ڪو نه ڏنو. تنهن وچ ۾ هنجي ماءُ ٻه ڪا گذر ڪري ويئي. ماڻس جو عذر لٿو، تڏهن مون منت ڪيس، ته ماڻ وڏيڪ نه ترس. پر مونکي دلاسا پي ڏنائين. آءٌ اُتس جريو هوندو هوس. نيٺ هڪڙي ڏينهن اخبار ۾ ڇا پڙهيم، جو جنهنکي مون الاجي ڇا ڪري ٿي سمجهيو، سا وڃي ڪنهن امير سان پرڻي! منهنجو هوش گوش اُڏامي ويو. من ماندو، دل بي آرام، جوان هيو، هي ٿيو ڇا؟ آءٌ ديوانو ٿي پيس. اهڙيءَ حالت ۾، ڪم ڪنهنکان ٿو پڄي؟ تڏهين شهر ڇڏي، اچي هي جهنگ وسايم. جهنگ مونسان وڙ ڪيو. آءٌ سندس ڪهڙو ڳڻ ڳايان! هنجي بي وفائي مونکان ٻنهه وسري ويئي. باقي سندس مورت مونوٽ نشانيءَ طور رهٺي، سا ٻه

تنهن ڏهاڙي ياد هوندءِ، تنهنجي ڏسندي ڦاٽي هن جهرڪي ۾ اُڇلائي ڇڏيم. من منهنجو ٻيءَ ڪڙيءَ آيو، ته آءٌ علم جي تحصيل کي لڳي ويس. سنسار کي به مون وساري ڪونه ڇڏيو. پر سنسار جي پٺيان ديوانن وانگر ڪونه ٿي پيس. ڪنهن ويل، او ڇتو ڇونه هڪڙو سدا گلاب هن پيلي ۾ ٽڙي پيو! مونکي سندس اڇائي ۽ پوترتائي ڏسي، جيڪا سرهائي ٿي! دل جو ڪنول کلي پيم. پر هن ٿيءَ ۾، عقل عشق تي غالب وڌيڪ ٿو رهي. تڏهين پاڻ پٺي رو ڪيم. نيٺ جڏهن پڪ ٿيم، ته اهو سدا گلاب پنهنجي مهڪار سان مونکي معطر ڪندو، تڏهن مڇاڻ، ڪو پيو اڃي وڃم پيو! پر سمي پٺي، سندس ڪاتر سدا گلاب ۾ اهو اڳوٽو ڏپ رهيوئي ڪونه. هڪڙو ٻي ٻها جوهر جهيٽو پي لڳس. تڏهن ڪٽو ٿي، ڪٽي انکي پٽ تي اُڇلايائين. پر هن پيري مون ديرڪئي ڪانه. اُهاڪ ٻوڙي اُجي، ان کي پٽ تان کنيو اٿم! اڳيئي ديرو جهي، دل کي درد رسايو هوم. منهنجا سدا گلاب! منهنجا اماهه ماٺڪ! منهنجا بي بها جوهر! تو کي آءٌ ڇا چوان؟"

هي ڪير هو؟ آليه پنهوفر هو؟ جنهنجي يا ته ڪنهن ۾ اڳ ڪانه ٿي پُڏي؟ جنهن اميرياڻيءَ کي به ٿو ڪاري ڇڏيو هو.

رت کان پڇيائين: پوءِ آءٌ آس رکان؟ تون مونتي وڙ ڪندين؟

رت ورنديءَ ڏنس: آءٌ گهوري وڃان. آءٌ اوهان جي، اوهان جي آهيان.

الديهوفر مٿو اُگهاڙو ڪري، پانهون پٽي، ڌرتيءَ جا ٿورا مڃيا.

رت پڇيس: هي ڇا ٿا ڪريو؟

ورنديءَ ٻڌائينس: ڌرتيءَ جا ٿورا ٿو مڃان، جنهن نيٺ مونکي دل جو دلبر ملايو. پوءِ اُٺي رت کي ڀاڪر ۾ جهليائين، ۽ نراڙ تي چمي ڏنائينس.

رت کي پهرينءَ رات وارو سپنو اچي ياد پيو.

چيائين: هاڻ سمجهيم. سپني ۾ به بابي اوهان ڏي ئي ئي اشارو ڪيو. سو نيٺ منهنجو سپنو سچو نڪتو.

الديهوفر ورنديءَ ڏنس: مون به هن ماڙ ۾ اچي پناهه ورتي، ته پريندئي پرون پيم، ته مونسان به وڙ نيٺ هٿان ئي ٿيندو. سو ڏس، ته منهنجي آس به هٿي ئي پوري ٿي!

پر رت کي اڃا هڪڙو کُٽڪو دل ۾ هو. پڇيائين: پوءِ دادي؟

الديهوفر چيس: دادي پڻ تان تو ڪڏهو ڪو هٿ کنيو. هينئر دادي جا جي؟ دادي پڻ هينئر منهنجي حوالي. پريندئي ڪين شرطائي جڏهو ماڻ، ته هيڪر مونوٽ شيءِ آئي، ته آءٌ اُها مونٽائي ڏيانئي ڪا نه؟

(٢٣)

”آءٌ توکي ڏاڍين وٽ ڪٿان ڇڏيندس؟ منهنجي رات ڏينهن جي ننڊ ڦٽي پوندي. تون حال پڌڙيءَ سان گڏ، اسان جي گهر ئي ٽڪي پيئي هج. دادي هُن جيستائين اڇي، تيستائين آءٌ ٻاڻ وجهي تو ٻيلاڻن جي مٿان، ماڙيءَ منجهه رهان. ائين ته نه ٿيو؟“

جهنگ مان موٽندي، ڳالهيون ڪندا پئي آيا، تڏهن وات تي اهو ئي ذڪر نڪتو. پر رت جيڪو اُتر ڏانس، سو آلڊ ينهو فرڊ وئي ڪونه؛ ڇو ته ان ويل سندس ڏيان داختر جي گاڏيءَ ڏي ڇڪائجي ويو؛ جا ڊوڙندي ائين پئي ويئي، ڄاڻ ته سندس ڇيلهو ٻٽ سان ئي ڪونه ٿي لڳو. ڇيائين، داختر کي شايد ڪٿان ٽڪرو سڏ ٿيو ته ڏسجي، تڏهن ڪري گهوڙي کي ڇڏيو اٿس.

رت اتي ڏٺو، جو گاڏيءَ ڦيرو کاڌو، يڪدم جهنگ واري سڙڪ ورتي. تڏهن ڊپ وچون ٻڇيائين: ٻيلاڻن جي گهران ته ڪو نه سڏايو اٿس؟

آلڊ ينهو فر چيس: منهنجي جان! تون ڊپ ڇا جو ٿي ڪرين؟ اُني مڙيو ئي خير هوندو! هن سڙڪ تي رڳو ٻيلاڻن جو ڳوٺڙو ته ڪونهي.

”ائنا ويچاري منهنجي لاءِ اکيون ٻايو ويٺي هوندي. مون جهڙو هو مانس، ته موٽندي، اوهان وٽان ٿيندي ويندس!“

"هينئر ته ديرٿي ويئي آهي. سڀاڻي مونسان گڏجي وٺڻ هلج، ته پڌائيندا سون، ته موٽندي منهن جو ڪين ڏيکاريو سين. پيو مون تي ڇيو ماڻ، ته داديهن اعتراض نه اُٿاريو، ته آءٌ توکي ٻن ڇئن ڏهاڙن کانپوءِ پنهنجن مائٽن ۾ وٺي هلندس. منهنجا مائٽ ڏاڍي تنهنجي آڌرڀاءُ ڪندا. تنهنجي ڪهڙي صلاح آهي؟"

"چڱا اوهانجي مرضي!"

"تون هاڻ منهنجي ٿينءَ. آءٌ توکي ٻاڻ کان ڪن ڪين ڌار ڪندس. منهنجي اها اصل ٻر آهي، جو جن سان قرب ٿئيم، تنکي پاڻون ڀري ڪريان ئي ڪين! ان ڏس ۾ آءٌ ڏاڍو مطلبي آهيان!"

"آءٌ ٻ اوهان کان پل ڪين ڀري ٿيندي س. سچ ٿي چوان، مون ٻهر پائين اوهانکي ڏٺو، ته منهنجي روح ريلو اوهان ڏي ئي ڏنو."

الڊينهو فر جي دل ٻاڻ سان ٻرجي آئي. خوشيءَ ۾ گدگد ٿي ٿيو. بيٺي بيٺي حال اچي ويس.

رٿ کي باقي اُنهيءَ ويلڪان ئي وٺي جو ٽرا کو ٽرا لڳي ويئي. وري جو ڏٺائين، ته بتيون ڪٽي ٺهو بنگلي ۾ پيا اچن وڃن، تڏهن کيس وجد مان جاڳائي، چيائينس: پير تڪڙو نه ڪٽو. ڏسو ته، بنگلي تي ڊڪ پيئي ٿوي.

مي ھٺي بنگلي تي آيا، ته ماڻھن وٺي پڪاريو: سائين اچي ويو.

ھن پڇيو: خير آھي؟

پدڙيءَ چيس: خير ڪونھي. ڊاڪٽر کي اوھان وٽ تي ڪونه ڏٺو ڇا؟

”ھائو. پر سو ڇا؟“

”پيلائين جي وات تي ڳالھه ڪا نه پڌيو؟“

”نه.“

”ويچارن سان ڦھر تي چڪو آھي. اڳھڻو وڏائن ماڻھو آيو، جي رت کي ڏاڪوڙين، جو ايوا ۽ ايڊورڊ کي الا جي ڪنھن زھر ڏنو آھي.“

رت جو ته ھنئون اڳيئي پٺي وگھڙيو. باقي به پيمت ۾ اچي گھوڙا پيس.

آلڊيشھوفر سندس چيلھه ۾ ٻانهن وجهي، پدڙيءَ کي چيو: رت جي خاص پارت اٿيئي. سندس پدران آءٌ تو وٽن ڌجان.

رت جا گھٽ ته گھڻا جي ويا ھئا، تڏھن به جٽن تٽن اکرا اکر وات مان ڪڍي، آلڊيشھوفر کي ايلائي چيائين: پاڻ سان گڏ مونکي به نيو. ھيڪر ته ھلي ايوا جو منڙو مٺھن ڏسان.

آلڊيشھوفر سمجھايس: تنھنجا آنڊا پيا مٺھن ايندا. تنھنجو بت ڪريو، ته جاڳي ڪونه ٿي، مونکي ڇا اُجھندو؟

ھُو رت روئي رڙي، جي، آءُ ھُو اوس ھلان. ھُونکي نہ تہ آرام ايندو ئي ڪونہ.

نيٺ جڏھن آلدينھوفر پڌ ايس، تہ تون ھئن پاڻ سھسائيندين ۽، تہ تو ڏاران حياتي باقي ہ ھونکي وہ تي لگيندي؛ تڏھن لاچار ڪٽي سند س جيو مجيئين. جي، جگو پلاء آءُ ھتي وھان ٿي.

آلدينھوفر جي اکين مان سرھائي ثابت ٿي بکي. پاڪر ہائي چيائينس: آءُ سمجھانئو، تہ دل تنھنجي رھي ڪا نہ ٿي. منھنجي ڪاتر ڪٽي پاڻ پليو اٿيئي. ھر آءُ توکي ويندئي، اجھا ٿو خبر موڪليان.

پدڙيءَ کي ھيءُ رنگ ڏسي، مات ٿي لڳي. دل ۾ پيئي چوي: آلدينھوفر جوڪريءَ سان ھئن قربائتو ۽ حاج ئتو چا لاءِ ٿيو ڳالھائي؟

آلدينھوفر ہہ سمجھيو، تہ پدڙي ڪھڙا پيئي سوچ ويچار ڪري؛ تڏھين پڌايائينس: ھيلدار ساڻس اچ مائٽي جني، ۽ مون ڏجي ساڻس اميڙي پاتي.

بس پدڙيءَ جيڪا تنھنتان ٿيا ٿيا ڪٺي! اجا ہہ ھوءَ بہ خبر نہ پڏي ھجيس ھا، تہ الاجي ڪھڙيون واڏايون ورائي ھا!

(۲۴)

آلدينھوفر اندر گھڙيو، تہ پيلاين جي گھر ماتم لڳو پيو

هو. ايڊورڊ کي رپڙ جو کينهو اچا هٿ ۾ ئي هو، جو منجهند ڌاري ايوا کان حجت پائي ورتو هئائين؛ ۽ نرسنسي پلنگ تي پيو هو.

امير ڏاڏيءَ هٿ پٺي مهٽيا، ۽ ٻار کيڏي پٺي رنائين.

آلڊ ينهو فر کي اهوئي وسواس، ته هيءَ ٻال ھاڃا ڪهڙي ٻاٻي جيو کان ٿي هوندي؟ ويچار آيس، ته مٿان پٺي ڪنهن جيو جو ڪيتو، هيءُ ابهم ته ڪو نه ٿو لوڙي؟ پر انهيءَ ويچار کي وري هٽائي ڇڏيائين. جي، نه. ائين پٽيءَ نه هوندو.

اميرڏاڏيءَ کي اُنويل ٻه ڪام جي اڳ ديوانو بڻائي ڇڏيو. آلڊ ينهو فر کي اچي لڳي، ته هاڻ ته پنهنجو ٻال پلاءِ تنهن شخص جون پيون آسون اُميدون ته سڀ ڇٽ ٿيون!

آلڊ ينهو فر گهڻوئي سمجهايس، ته هڙي نازڪ وقت تون اهي گهيلائيءَ جون ڳالهيون نه ڪر. پر هوءَ ڪام وس ڪاڻ موڙ جو ٿي ڇڏي؟ جي، اچا اڏهن سا شخص ڪهڙي گنهگاري ڪيدي؟ سا شخص پنهنجي مٺي آندي کان ٻه وچڙي؛ تڏهين به تون سندس گناه اوسراڻ نٿو ڪرين؟

آلڊ ينهو فر کي سندس فضوليءَ تان هيڪاري ٻاڇان ويٺي. چيائينس: آءٌ ته تنهنجي ٻولي سمجهي نٿو سگهان. هي حادثو ڏسي، منهنجي ته زبان ئي نٿي وري.

تون پاڻئين ٿي چا، تہ مونسان تنهنجي پرچاءَ ڪاڻ ھن ٻالڪ جو صدقو درڪار ھو؟ تنهن ۾ پنهنجي من کي ڌيرج ڏي. پگهران جو پاڻو منو ڪري پوگ.

